سچل سرمست

هک مطالعو

ڈاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو



مهراڻ اڪيڈمي

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

سچل سرمست رحمۃ اللہ علیہ

هک مطالعو

ڈاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب نمبر: 235

ISBN: 978-969-9015-06-3

چپائيندڙ : مهراڻ اڪيڈمي

ڪمپوزرس : استار ڪمپوزرس شڪارپور

ڪمپوزنگ : عزت الرحمن ڪمبوه

چاپو ٽيون : جنوري 2015ع

ڇاڙيتو : 1100

ملڻ جا هنڌ

مهراڻ اڪيڈمي

واڱڻو درشڪارپور

فون: 0726_512122

0726_540312

mehranacademy@hotmail.com

۽ سنڌ جا سمورا ڪتاب گهر

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

فهرست

☆ پنهنجي پاران
☆ مهاڳ 6
☆ سچل سرمست جو سرائڪي شاعرن ۾ مقام 7
☆ سچل شاعر ۽ شخص 14
☆ تصوف ۽ رواداري 18
☆ سچل سرمست جي فارسي داني ۽ وصلت نامہ 22
☆ سچل جي وسعت 30
☆ روجھن ساڻ رھاڻ 33
☆ سچل سرمست جو جھولڻو 38
☆ سچل جو مالڪونس 47
☆ سچل ۽ جماليات 53
☆ آيا مک ويکڻ 64
☆ سچل جا گھاڙيٽا 66
☆ سچل جي نظر ۾ عالمي پائيچارو 69
☆ سک درس سچل 74
☆ ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون 79
☆ سچل سرمست جي ڪلام ۾ مضمون، هيئت ۽ زبان جون نيرنگيون 86
☆ مارئي، سچل سرمست جي ڪلام ۾ 94
☆ اڻي پيو وجي خيال منهنجو 103
☆ سوچ جو سرگم 111
☆ سچل سنگيت 118
☆ سچل سائين مجازي محبوب جي حضور ۾ 122
☆ سچل سرمست ـ متفرق ڪلام، هيئت ۽ معنيٰ 131

انتساب

ڪن ليڪڪن جون زالون، انهن جي ڪتابن
ڪي گهٽو پسند نہ ڪندیون آهن ۽ ڪتابن ڪي
گهر ۾ هر هنڌ پکڑيل هجڻ بہ ڪونہ وٺندو اٿن،
جيڪڏهن آءٌ صحيح آهيان تہ منهنجي جيون
ساڻي منهنجي لکڻ، پڑهڻ ۽ ڪتابن ڪي پسند
ڪندي آهي. تہ پوءِ ڇونہ سڄل سائينءَ جي
سڳوري نالي وارو هي ڪتاب آءٌ پنهنجي جيون
ساڻي **زينت** جي نالي منسوب ڪريان!

عبدالجبار

پنهنجي پاران

مهراڻ اڪيڊمي، سنڌ ۾ علمي ۽ فڪري جاڳرتا لاءِ پاڻ پتوڙي رهي آهي. سماج ۾ صحتمند ذهن جي اوسر، نئين ٿهيءَ کي سڀني مستقبل لاءِ تيار ڪرڻ جي ڏس ۾ انهن جا ذهن، لاڙا ۽ خيال بامقصد ۽ سنجيده ادب ڏي وڃي اڇڻ، نهايت ضروري آهي. هن کان اڳ اڪيڈمي پاران علم، ادب، تاريخ ۽ لطيفيات تي سنڌ جي نامياڻن عالمن ۽ محققن جا قريباً 80 کن تحقيقي ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو سنڌ جو برڪ عالم ۽ محقق آهي، جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف ادبي ۽ علمي عنوانن تي ملهائتو ڪم ڪيو آهي. هن کان اڳ اسين لطيف سائينءَ تي سندن تحقيقي مضمون "**شاهه جي رسالي جو مطالعو**" جي سيري هيٺ شايع ڪري چڪا آهيون. هن ڪتاب "**سچل سرمست ۽ هڪ مطالعو**" ۾، سچل سائينءَ تي سندن تحقيقي مضمون شامل ڪيا ويا آهن.

ڪتاب جي پروفن کان وڃي تائين ڊزائننگ تائين، منهنجي دوست ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو جو سهڪار اسان کي حاصل رهيو آهي.

مهراڻ اڪيڈمي جي روح روان انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ جون ڪوششون ۽ ڪاوشون قدر جوڳيون آهن، جن مسودي جي حاصلات کان وڃي ڇپائي تائين هر وڪ تي سهڪار ڪيو.

مان فاضل مصنف، پنهنجي دوستن ۽ ڇپائيءَ ۾ سهڪار ڪندڙ اڪيڈمي جي جملي ساٿين جو ٿورائتو آهيان.

قمر ميمڻ
سيڪريٽري
مهراڻ اڪيڈمي

مهاڳ

سچل سرمست سنڌي شاعرن ۾ هڪ سرموڙ شاعر آهي. سندس شخصيت ۽ هڪ منفرد شخصيت آهي. سندس آواز جو آهنگ ۽ بلند آهي. سچل سرمست جي باري ۾ ڪي ڪتاب ۽ ڪيترائي مقالا لکيا ويا آهن. انهن ۾ سندس ذات ۽ ڪلام جو جائزو ورتو ويو آهي.

سچل سرمست جي بيباڪيءَ پڙهندڙن جو گهڻو ڌيان ڇڪايو آهي. اُن سان گڏ سندس ڏاڍاڻو ۽ ڏات ۽ نشانبر آهن. هو سنڌي شاعريءَ جو شينهن آهي. پنهنجي همعصر دؤر ۽ پوءِ وارن شاعرن تي سندس اثر رهيو. خوش خير محمد، نازڪ يوسف، بيدل ۽ بيڪس ڪانئس گهڻو متاثر ٿيا.

سچل سائين جي باري ۾ آءٌ اندازاً 1982ع کان مقالا لکندو اچان. سچل ادبي ڪانفرنسن ۾ ۽ شريڪ ٿيندو اچان. هي مقالا اڳ ۾ سچل يادگار ڪميٽيءَ جي سالياني پرچن ۾ ڇپيا ۽ رهيا آهن. هتي انهن کي يڪجا ڪيو اٿم. ته جيئن عام پڙهندڙ ۽ شاگرد انهن جو مطالعو ڪن.

آخر ۾ آءٌ ڪتاب جي ناشر قمر ميمڻ سيڪريٽري مهراڻ اڪيڈمي، محترم عبدالمالڪ ميمڻ ۽ پنهنجي پياري سڄڻ ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي جو تهدل سان ٿورائتو آهيان، جن هن ڪتاب کي تڪميل تائين پهچايو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو
شهريار منزل بدين

سچل سرمست جو سرائڪي شاعرن ۾ مقام

سچل سرمست (1739 - 1829ع) سنڌي زبان جي شاعر طور هونئن ئي مشهور آهي ۽ شاهه عبداللطيف ڪانپوءِ ٻيو نالو يقيناً سچل سرمست جو اچي ٿو. سچل سرمست سرائڪي ڪلام ۾ به مڪمل طور ان فلسفي جي اپٽار ڪئي آهي، جنهن جي اپٽار سندس سنڌي يا فارسي ڪلام ۾ آهي. سنڌ ۾ هو بحيثيت سرائڪي شاعر جي ڳڻيو ڪونه ويو آهي. سنڌي شاعريءَ جي شاگرد لاءِ اهو ضروري به ڪونهي. ملتان طرف سرائڪيءَ بابت ڪافي وقت کان سجاڳيءَ جا آثار آهن. بزم ثقافت ملتان جو اشاعتي سلسلو خاص طور ان ڳالهه جي ثابتي آهي. اسلم رسولپوري سنڌ جي ٻن عظيم صوفي شاعرن سچل سرمست ۽ بيدل جي سرائڪي ڪلام کي جدا جدا ترتيب ڏيئي شايع ڪيو آهي. سنڌ جي ٻين شاعرن جي سرائڪي ڪلام جي تدوين ۽ ترتيب جو ڪم به سندس هٿ ۾ آهي.

سنڌ کان ٻاهر سچل سرمست جي ڪلام جي اثر جو دائرو وسيع آهي. سنڌ ۽ ٻهاولپور، ملتان جي شاعرن جو ٻاهمي اثر ان ڳالهه جي ترغيب ڏي ٿو ته سرائڪي شاعريءَ جي مڪمل تاريخ اڳيان هجي ۽ پوءِ ڏسجي ته ڪهڙو جواهر چمڪاٽ ۾ سوايو آهي. سرائڪي شاعريءَ جي تاريخ جي آرسيءَ ۾ مولوي لطف علي، خواجه غلام فريد، سچل، بيدل، رڪيل شاهه، حمل ۽ روحل ۽ ٻين جو صحيح صحيح جلوو نظر ايندو. اها ڳالهه نظر ۾ رکي مون ارادو ڪيو ته سچل جي سرائڪي ڪلام جو في الحال مختصر جائزو ونڊجي جيئن سندس ادبي مقام متعين ڪرڻ بابت ڪجهه چئي سگهجي.

هتي سرائڪي زبان جي حدن، علاقي يا محاورن جو جائزو ونڊڻ جو مقصد ڪونهي. نه اهو مقصد ته بوليءَ جي قدامت يا بقول ڊاڪٽر مهر عبدالحق جي ان جو هن سڃي علاقي جي عام مقبول بولي هجڻ واري

دعوي جو ئزو ونجي [1]. مراد فقط هي آهي تہ سرائڪي ٻوليءَ جا شاعر هڪ تہ سنڌ سان واسطو رکن ٿا. جيڪي ويجها ٻہ آهن ۽ انهن جو سنڌ تي ۽ سنڌ جي شاعرن جو انهن تي اثر نفوذ ٻہ آهي. تنهن جو مختصر جائزو ونجي.

ان کانسواءِ پنجاب جي ٻين علاقن جي اکثر شاعرن جو ڪلام ٻہ سنڌ ۾ مقبول ٿيو. جهڙوڪ: شاهہ حسين (1539 - 1593ع)، سلطان باهو (1631 - 1691ع) ۽ بلا شاهہ (1680 - 1758ع) جو ڪلام راڳ جي محفلن وسيلي مقبول ٿيو. انهن ۾ بلا شاهہ کي سڀني کان وڌيڪ مقبوليت حاصل ٿي.

اکثر محققن پنجاب جي مڙني شاعرن کي پنجابي شاعر ڪري ڇاتو آهي. شفيع عقيل پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب "پنجاب رنگ" (1968ع) ۾ پنجابي ۽ سرائڪي شاعرن جو گڏيل ذڪر ڪيو آهي. خواجہ غلام فريد کي ٻہ پنجابي شاعر ڪري لکيو اٿس. خواجہ غلام فريد جي سنڌي ڪلام ڏي اشارو ٻہ ڪيو اٿس. خواجہ صاحب جي "ديوان فريدي" ۾ سنڌي ڪلام ڇپيل ٻہ آهي.

پنجاب جي شاعرن مان هاشم شاهہ (1753 - 1823ع) علي حيدر (1690 - 1785ع) ۽ ميان محمد بخش (1830 - 1904ع) جا ٻالا ادبي حلقن ۾ پهتا پر ڪلام مقبول ڪونہ ٿيو. علي حيدر جي زبان بابت ڊاڪٽر لاجونتي رام ڪرشن پنهنجي ڪتاب "پنجاب دي صوفي شاعر (1966ع) ۾ لکي ٿي - علي حيدر پنهنجي شاعريءَ لاءِ ملتانيءَ کي چونڊي. جيڪا پنجابيءَ جي هڪ منيءَ ٻولي آهي". (ص 126)

هتي اهو اندازو ٿئي ٿو تہ اکثر محققن ملتانيءَ کي ٻہ پنجابيءَ جي حساب ۾ لکيو آهي. سنڌ ۾ جيڪو ڪلام مقبول ٿيو. سو خاص طور سرائڪي ۽ ملتاني محاورن وارو آهي. هونئن پنجاب جي مڙني شاعرن جو ڪلام. مجموعي طور پنجابي ڪلام ڇاتو ويو آهي. ائين جيئن بابا فريد شڪر گنج (173 - 1265ع) جنهن جو ڪلام هندوي ٻوليءَ ۾ آهي. جيڪا اُن وقت جي ملتاني اردو ۽ پنجابيءَ جو امتزاج ڇاتي ويئي ٿي [2] بابا فريد جو ڪلام سکن جي آدي گرنٿ ۾ داخل ٿيو [3].

---

(1) مهر. عبدالحق. نور جمال (مقدمو) بزم ثقافت ملتان. ص 6.

(2) Anand .Balwant Singh -BABA FARID Salhitya Arademi .Delhi .1975P.30-

(3) Ibid pp.35-34:

هولين جي ٿوري ٿوري فرق کي ڇڏي جي مجموعي طور سرائڪي زبان جي شاعرن ۾ ڪلام کي ڪنجي ۽ انهن ۾ وري موضوعن کي ڏسجي ته اهو حقيقت ۽ مجاز آهي. مولوي لطف علي (1145 - 1225 هـ) هڪ يگانو شاعر آهي، جنهن جو ڪلام سنڌ ۾ شاعرن وٽ پسند پيو ۽ سنڌ ۾ مقبول ٿيو [1] مثال طور سندس هيٺيون بيت سنڌ جي سرائڪي شاعرن توڙي سگهڙن ۽ ڳائڻ وارن کي گهڻو پسند پيو.

کوه ڏني خوش روح ٿيوي، جت ڪر ڪر آون ٽولڙيان،
مين گهولڙيان.
کيُ وت بحريان کي وت بدليان، کي وت رنگ مملڙيان
مين گهولڙيان.
ڪنهن ڪون ساويان ڪنهن ڪون پليان، ڦهڪ پيان ڳل چولڙيان،
مين گهولڙيان.
تڙ تي ٻکي ٻير سونهاري، ڏوڻ ڏيون ڏانڊولڙيان،
مين گهولڙيان.
ٻانهن الاون ڇانيي مارن، چوند پريندیان جهولڙيان،
مين گهولڙيان.
لطف علي ڪون خوش ڪريندیان، ڪهه ڪر منيان ٻولڙيان،
مين گهولڙيان.

سنڌ ۾ حمل خان لغاري (1809 - 1881ع) انهيءَ رنگ جو شاعر ٿيو. مولوي لطف عليءَ جي شاعريءَ جو اثر حمل تي نمايان ملي ٿو. سرائڪي حمل جي مادري زبان هئي. هن سنڌيءَ ۾ معياري ڪلام ڇيو پر سرائڪيءَ ۾ سندس بيباکي ۽ شگفته بياني بي مثال آهي. سماج جي بگڙيل فردن کي تنبيهون هڪ طرف ته مجاز جون مهميزون ٻئي طرف:

سڄڻ آوي سپ سڪ ٿيون، وجن ڏک ڏلاوي،
پر جي آوي.
سوز فراقان ساڙ گهڻي سي سڪي ٿيون ول ساوي،
پر جي آوي.

(1) بلوچ، نبي بخش خان - سيفلناهو - سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1960ع ص 27 (مقدمو).

حمل حمد هزار پڑهان جي چاءَ ڳچي ڳل لاوي.
پر جي آوي.

ڪنڊيءَ جا مڙئي ڪلتار سنڌي، هندي ۽ فارسي ڪلام جي ڪري ته نشانبر آهن. پر سرائڪيءَ ۾ سندن فڪر جي بلندي اوتري ئي آهي. خاص طور روحل صوفي (1734 - 1804ع) ۽ مراد فقير جو معياري ڪلام انسان جي اڳيان آهي. روحل يار جي وصال جي صورت حال هيئن بيان ڪري ٿو.

چپ چپاتي ويڙهي دي وچ، ميڏا نوشہ آيا،
نہ مين سرمہ سينڌ ڳنڍائي، نہ مين چندن لايا،
مين مت هيڻ نماڻي دا، ڇا سائين پاڻ وسايا،
روحل راه فقير دا، ڪنهن پاڳ پرايت پايا.

خليفو نبي بخش قاسم، (1776 - 1863ع) سرائڪي شاعريءَ جي روايت ۾ هڪ اهم شاعر آهي. خليفي صاحب جو ڪلام سنڌ ۾ خاص طور متاخرين لاءِ مشعل راه بنيو. حمل فقير لاءِ خليفي صاحب جي ڪلام ۾ رهنمائيءَ لاءِ گهڻو ڪجهہ هو.

اهڙو اثر سرائڪي شاعرن تي اڳتي هلي سگهڙپائيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو ۽ سگهڙن استاد شاعرن جي بيتن جي تتبع تي بيت جوڙيا. خليفي صاحب هير ۽ اَن جي ماءُ جي گفتگو کي سي حرفي ۾ منظوم ڪيو. بين ڏوهيڙن ۾ هير رانجهي جي داستان جي نسبت ۾ چيائين.

ڪٿ رانجها ڪٿ تخت هزارا، ڪٿ شهر ٻيل ملڪاٿا،
شاه بلند هزاري والا، ٿي ڪر چاڪ اڳهاٿا،
قاسم وچ سيالين رانجهو، بن خريد وڪاٿا.

سنڌ ۾ اڪثريت اهڙن شاعرن جي آهي، جن سنڌي ڪلام چيو. پر کي اهڙا بہ آهن، جن بين ٻولين سان گڏ سرائڪيءَ ۾ بہ ڪلام چيو. انهن ۾ چڱا قادرالڪلام ۽ صوفي شاعر شامل آهن. بيدل (1814 - 1872ع)، بيڪس (1859 - 1882ع)، رڪيل شاهہ (1881 - 1943ع)، حسين فقير ديدڙ (وفات 1873ع) ۽ ڪيترا ٻيا شامل آهن. انهن جو سرائڪي ڪلام معياري ۽ جذبات جي مڪمل ترجماني ڪندڙ آهي. جيئن سنڌ ۾ پنجاب جي اڪثر شاعرن جو ڪلام پهتو ۽ سنڌ مان بہ ڪن شاعرن جو پڙاڏو پنجاب ۾ پهتو

اهي. جيئن هتان مولوي لطف عليءِ جو اثر حمل فقير ۽ ٻين تي نمايان آهي. تيئن هتان ب سچل سرمست هڪ ئي اهڙو شاعر آهي. جنهن جو ملتان جي خواجہ غلام فريد (وفات 1901ع) تي تہ اثر ملي ٿو. سنڌ ۾ اهڙو تحقيقي ڪم ڪونہ ٿيو آهي. ملتان مان هاڻي ابتدا ٿي چڪي آهي. جناب اسلم رسولپوري پنهنجي ڪتاب "منتخب سرائڪي ڪلام سچل سرمست" ۾ پنهنجي مطالعي جو نچوڙ پيش ڪندي ڪن هڪ جهڙين مصرعن ڏي ب اشارا ڪيا آهن جهڙوڪ:

سچل: آءٌ ڏکن ڪاڻ ڄائي آهيان، سورن ڪاڻ سمائي آهيان.

فريد: ڏکڙين ڪارڻ ڄائي هم، سولين سانگ سمائي هم.

سچل: فارغ آهيان فرض کان، سنت کي پي سلام.

فريد: گزري فرض فرض فريضي، سنت کو پي سلام.

سچل: نہ ڪوئي دوزخ نہ ڪوئي جنت، نہ ڪوئي حور قصور.

فريد: نہ ڪوئي آدم نہ ڪوئي شيطان، بڻ گئي اي ڪُل ڪُوڙ ڪهاڻي.

مٿيون چند مصرعون رڳو نموني طور ڏنيون ويون آهن [1] صوفياني شعر جو جائزو ونڊندي ڊاڪٽر ڪرسٽافر شيڪل پنهنجي تحقيقي مقالي Styles and themes in the Siraiki Mystical Poetry of Sindh ۾ سچل، بيدل ۽ روحل جي ڪلام تي مجمل تبصرو ڪيو آهي. سندس چوڻ موجب سچل ۽ بيدل سنڌي شاعريءَ جي روايت جا اهم شاعر آهن [2]. هڪ روايت موجب خواجہ فريد جو سنڌ سان ب تعلق رهيو ۽ هو سنڌي ڄاڻندو هو. سنڌي ڪلام ب چيائين ۽ تصوف جي سلسلي ۾ هن اثر ورتو. ان ڳالهہ ۾ ڪوب شڪ نہ آهي تہ سچل سرمست جو ڪلام سنڌ جي ايراضي پار ڪري ٻاهر نائين مقبول ٿيو. اُن جو خواجہ فريد جهڙي يگاني شاعر تي اثر ان ڳالهہ جي پوري ترجماني آهي تہ سچل جو شمار انهن شاعرن ۾ آهي جيڪي پنهنجي ٿر جو دائرو وسيع ڪن ٿا.

---

(1) رسولپوري. اسلم: منتخب سرائڪي ڪلام سچل سرمست ـ بزم ثقافت ملتان. 1977ع ص 26.

(2) Shacble .C :Styles and themes in the Siraiki mystical poetry of Sindh .Bazm -e-Saqafat Multan p.5.

سچل جي سرائڪي ڪلام جو پڙاڏو گهٽي علائقي ۾ پهتو. سچل جو ڪلام ڪنهن به زبان ۾ هجي هن جي آواز جي بلندي کيس نمايان ڪيو آهي محبوب جي حسن ۽ حشمت اڳيان نهنائي به ڏيکاري ٿو ته تصوف جي گونا گون رمزن جي سلسلي ۾ سندس بيان بيباڪ آهي محبوب جي عقابي نيٽن کي سارا هيندي چوي ٿو:

اکيان باز عقاب سهڻي ديان. ٿور گهٽن شہ زوريان.
مست هوون مستانيان ڏوهين. ڏاڍي ڪيف ڪکوريان.
منهن وچ ڏون مهتاب ني روشن. يا وت نور ڪتوريان.
خوني خون ڪريندیان سچل. تا پي سدا سگوريان.

يا

عالم ڪون تا شير جهنگل دا. ماري يا وت کاوي.
ميڪون شير اکين دي کاڏا. تنهن کنون ڪون چڑاوي.
محبوب جي زلفن کي ڪيترن ئي شاعرن سارا هيو آهي.

سرائڪي شاعرن ۾ سچل جو انداز نهايت وٽندڙ آهي.

چلي چلي وال سهڻي دي. نانگ بشهر ڪالي.
عاشق بانهان بڏ ڪڙوتا. ويک کي صورت والي.
سچل سائين چپ ره اٽان. ويک عجائب چالي.

ميندیءَ رتن هٿن بابت سچل مشتاقن جي ڪسڻ جي رمز ڏي اشارو ڪندي فرمائي ٿو:

ميندي لا هتان ڪون آندا. سوهڻا بانهن لڏا کي.
جاتو سي مشتاقان کون. وت آيا آپ کهاکي.
ڏوهين دستان خون انهان دي. وچون سرخ ٻڙاکي.
سچ ڪون آن ڏکالن لڳا. سچل هس الاکي.

عشق جو جذبو شاعريءَ جو هڪ اهم ۽ بنيادي محرڪ آهي عشق جي ذوق کي گائيندي شاعرن جيڪو جوش خروش ڏيکاريو آهي اهو هر ڪنهن جي بنهنجي همت آهر آهي. سچل چوي ٿو:

ذ ـ ذوق هويا. ڪڙا شوق ٿيا. لڳا عشق ته هن حجاب ڪيها.
گهونگٽ ٽوڙ ڪهتس. چپن چڪ گيا. سچو اک ته ول نقاب ڪيها.
ساڏي دل اتي. برہ زور رکيا. مسلي والڙا هن ڪتاب ڪيها.

ذوق ۽ مستيءِ ۾ چوي ٿو:

مين طالب زاهد نہ تقويٰ دا. هڪ سنگان محبت مستي.
ڏتي هُنَ اُستاد ازل دي. هٿ طلب دي تختي.
سچل مستي مول نہ ٽيوي جان جان هوي هستي.

سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام هڪ بحر آهي. اُن مان مقصد جا چند موتي چونڊڻ ۽ ڪو آسان ڪم ڪونهي. سندس اثر جو دائرو ۽ وسيع آهي. سچل جي خواجہ فريد تي اثر بابت مٿي اشارو ڏنو ويو.آهي ۽ بيدل، نانڪ يوسف ۽ ٻين شاعرن تي سندس اثر نمايان آهي. بيدل ۽ خواجہ فريد جي ڪن مصرعن جي هڪجهڙائي جا مثال ۽ ملن ٿا. [1] ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ سرائڪي شاعريءَ جي هيءَ هڪ مڪمل روايت آهي، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ سنڌ، ملتان بهاولپور جا شاعر اچي وڃن ٿا. سنڌ ۾ جن جي سرائڪي مادري زبان نہ آهي، تن ۽ نهايت معياري ڪلام چيو آهي ۽ هن مختصر جائزي مان سچل سرمست جا شاعرانہ عظمت ظاهر آهي. هر شاعر کي پنهنجي پنهنجي اهميت آهي ۽ هتي سچل لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو تہ سندس جذبي جي سچائي سرائڪيءَ ۾ ايتري ئي جوش سان ظاهر آهي. جيتري سنڌيءَ ۾ آهي. [2]

---

(1) رسولپوري اسلم : بيدل سنڌي ـ بزم ثقافت ملتان. 1978. صفحا 26 ـ 27.

(2) سچل سرمست جي سرائڪي ڪلام جي اپياس لاءِ مٿي حوالا ڏنل ڪتابن کانسواءِ مولوي محمد صادق راڄپوري جي مرتب ڪيل ڪلام تان ۽ استفادو ڪيو ويو آهي.

سچل شاعر ۽ شخص

شاعر طور اسان سچل سرمست تي گھٽو لکيو آھي. بلڪ درويش طور وڌيڪ ڇاتو ۽ سڃاتو آھي. ھو ھڪ شخص جي حيثيت ۾ ب اسان جي اڳيان آھي. شخص کي سڃاڻڻ لاءِ تمام ٿورو احوال روايتن جي صورت ۾ ڪتابن ۾ آيو آھي. انھن چند حوالن جي بنياد تي ب ھي ڇاتو ويو آھي ت ھو ھڪ اھل دل، درويش ۽ خيال ۾ گم ماڻھو ھو. سندس جوانيءَ جي سرمستي ڏسون، اڻ ويھڻ ڏسون. لباس ڏسون ۽ سندس بلند آواز ٻڌون. انھن ڳالھين مان سچل شخص طور ڪيئن ٿو ظاھر ٿئي. روايتن مان گھٽ پڌرو ٿيندو. بلند آواز (ڪلام) مان وڌيڪ پڌرو ٿيندو.

سوانح نگار (خانبھادر ميمڻ، محمد صادق راڻيپوري ۽ مرزا علي قلي بيگ) ٻڌائين ٿا ت "جواني ۽ ايام شباب ۾ نماز جو پورو پابند ھو ورد وظيفي ۾ مشغول رھندو ھو. پنجاه سالن جي عمر کي پھتو ت پوءِ موج مستيءَ ۾ ۽ عروج جي حالت ۾ بيخود ٿيو استغراق ۾ رھندو ھو". (منھنجو خيال انھيءَ جي ابتڙ آھي. اڃ انھيءَ خيال جو آھيان ت موج مستي جي اڻل جوانيءَ ۾ آئي ھوندس ۽ وڏي عمر ۾ پاڻ نماز ۽ عبادت جو وڌيڪ پابند ٿيو ھوندو).

سوانح نگار اھو ب لکن ٿا ت ڪوب نشو نہ واپرائيندو ھو. سادو کائيندو ھو ۽ سادو پھريندو ھو. بقول مولانا راڻيپوريءَ جي لکڻ موجب سندس قد سٹون سڏو درميانو ھو. رنگ صاف بادام جھڙو. خد و خال دلکش. اکيون وڏيون. چيريون آھو چشم. وار گيسو دراز. اڇو پھراڻ ۽ اڇي ڪٽيءَ جي چادر يا اڇي کاڏيءَ جي ڳڏ ٻڌندو ھو. سبز تاج مٿي تي پائيندو ھو. موج ۽ مستيءَ جي حالت ۾ اڇڻ ڪانپوءِ پيادو ھلندو ھو. اھو مختصر نقشو آھي ۽ اڻ تي اعتبار ڪرڻ ڪپي.

ھي ب‍الڪ جو اھل دل جي فيض جي نظر ھيٺ جوان ٿيو. سو ڪو معمولي نوجوان نہ آھي. سوانح نگارن جي ڏسيل لباس ۾ ظاھري حيثيت ۾

اسان جي اڳيان اچي ٿو تہ هن جي حيثيت ۽ اکين جو تيج يقيناً اسان کي ڏانهس متوجهہ ڪندو. گيسو دراز ۽ آهو چشم سفيد پهراڻ ۽ چادر ۽ ويڙهيل سبز رنگ جي تاج سان سر مستانہ شعر جو بي تاج بادشاهہ آهي. ڇا هو هڪ مست الست ۽ سرمست جوان آهي؟ ڇا مستيءِ مان محبوب ڏي وڃي ٿو؟ سندس ڪلام ئي ان جو شاهد آهي.

هي نوجوان عبدالوهاب عرف سچل حسن ازل جي طلب ۾ آهي. نشيلن نيٽن جو بيان ڪيل آهي، جو چوي ٿو:

انهن جادوگر اکين، بيان ڪيوسين،
انهن نيٽن سندن نازن، حيران ڪيوسين.

هو ڇاڻي ٿو، عشق عطا الاهي آهي نہ ڪو ڪمائي سگهي ٿو نہ بازار مان وڻي سگهي ٿو. اهو صحيح آهي تہ حسن هن کي هن راه جو پانڌيئڙو بنايو آهي.

حسن ازل جو طالب ڪنهن بہ طرح فرسوده خيالات کي ويجهو اچڻ نٿو ڏي. هو ڇج پٽيان ڇُلڻ کي نندي ٿو. هو گهري ٿو تہ پاڻ کي گهوٽ سڏائي عام خلق جي رهنمائي ڪرڻ گهرجي ۽ پراڻين روايتن کي ٽوڙڻ گهرجي.

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مستانو،
وهم سچل کي ٻانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو.

سچل سرمست جي جواني درد جو دؤر آهي. درد مرد جو مَرڪ آهي. عشق درد کي پيدا ڪري ٿو ۽ سچل سرمست درد ۽ عشق جي خلعت گهري ٿو وڻي.

بادشاها خلعت از عشق پوشاني مرا،
جرعہ از راه توحيد بنوشاني مرا.

اهو سندس ذات جو، شخصيت جو، حصو آهي. هو محبت جو شاعر آهي. اها واردات سندس ذات جو حصو آهي. ٻيو رستو ئي ڪونهي فقط محبت هن جي زندگيءَ جي واقفيت ڏي ٿي.

جز محبت راه ديگر نيست نيست،
گرچہ شاهي تاج وافسر نيست نيست.

سچل سائين محبت کي پنهنجي شخصيت جي بنيادي جز وانگر ڇاتو

۽ سجاتو آهي. هو حسن ۽ عشق کي گهٽي اهيمت ڏي ٿو. حسن جو بيان کندي بلڪل ظاهر ٿي پوي ٿو. شهباز اکين جو ذکر اجهو هيئن ڪري ٿو.

جهٽ مارن شهباز اکين دي، برسر ماس يتيمان،
مشتاقان دي سڀ دل ٻڪيا زبري، قوت تنهان داقيمان،
درد مندان دي دل کيتي، نازان نال بي نيمان،
حسن دي فوج هي کوڙيا اپٽا، دل تہ سچل دي خيمان.

سچل سرمست هونئن تہ سنڌ جي ٻين شاعرن وانگر نيم تاريخي داستانن جي روپ کي پنهنجي خيالن سان سينگاريو آهي. پر سندس ذات جو انهن قصن جي ڪردارن سان ملوث هجڻ وڌيڪ نظر اچي ٿو. نوريءَ جي نوڙت جي پسمنظر ۾ پنهنجي ذات جو اظهار شاعر سمي جي سهاڳ ۽ گندرن تي احسان جو ذکر ڪري ٿو ۽ مٹس شاهہ پٽائيءَ جي ڪلام جا پرتوا بہ واضح آهن. شاهہ صاحب چيو تہ: برو هو پنيور، آرياڻي اجاريو ۔ تہ سچل سرمست چيو:

منهن مٹيءَ سيرا، هٹا بيهودا بچڑا،
سمي جي سهاڳ تي، ٿيا گاندر گنيرا،
ڏسو ڏهاڙي ڏئي، ٿو در تنين ديرا،
ساجهر سوبرا، ٿا کائن طعام خوشيءَ سان.

سمي جي سهاڳ ۾ بہ هڪ حسن جو پهلو آهي. اهو حسن جيڪو خوبي تہ آهي پر مجاز جي مام بہ آهي. سچل جي ذات ۾ اُن جو اظهار نمايان آهي ۽ تمام پراثر بہ.

ڏٺا مين رخسار سهڻي دا، خوش خورشيدي خوبي،
اکيان قاتل ٿيون قهاري، مشعل منهن محبوبي،
عشاقان کُون آکري آسيري، عشق والي اسلوبي،
نا مخلوق آکيجي سچل، سارا رنگ ربوبي.

يا

چـلي چـلي وال سهڻي دي، نانگ بشيهر کالي،
عاشق ٻانها ٻڌ ڪڙوتا، ويک کي صورت والي،
طرح کيهي اهو دلبر منهن تي سخت بلائين پالي،
سچل سائين چپ ره اٽان، ويک عجائب چالي.

سچل سرمست جي اندر ۾ هڪ رمتو جوڳي ٻه آهي. سندس ذات ۾ ان جا ڪئين روپ آهن. اُن ڪردار کي نهايت مؤثر انداز سان بيان ڪري ٿو. آنهن جوڳين ۽ ڪاپڙين ۾ روشنيءَ جون قنديلون آهن.

ڪاپڙي قنديل، ڪنيو گهمن گودڙيا،
چٻڻ ڪري چين ۾، وتن ڪاريهر قتيل،
مندن مرلين سان، اهي آذوتي اصيل،
سچل سڪ سبيل، جيءَ ۾ جوڳيڙن جي.

سچل سائين نوجوانيءَ جي روپ ۾ هجي يا پيريءَ جي روپ ۾، هو هڪ صوفي شاعر ٻه آهي. اُن روپ ۾ اسان هُن کي گهٽو ڏٺو آهي. هو بيباڪ صوفي آهي. اِهو هُن جي شخصيت جو حصو آهي. سندس بلند آواز ٻه آهي ۽ گهڻن ئي صوفي شاعرن کان مختلف آهي. پنهنجو هڪ حلقو اٿس، نانڪ يوسف، عبدالله ڪاتيار، بيدل ۽ بيا، آنهن ۾ سندس هڪ منفرد مقام آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئبو ته سچل سائين جو سنڌ جي صوفين ۾ هڪ مخصوص مڪتب فڪر آهي (لفظ مڪتب فڪر هتي آءٌ فقط بلند آهنگ جي ڪري ڪر آڻي رهيو آهيان).

سچل سرمست پاڻ سجاڻڻ ۾ تمام سُجاڳ آهي. جتي منجهي ٿو اُتي ٻه چوي ٿو ـ شيءِ آهيان ڪاڪيون ڪهڙي، جا سمجهي نه ڄاڻان. جتي انڪساريءَ جي صورت ۾ حال واضح ڪري ٿو اُتي چوي ٿو:

تون آهين صاحب صورت جو، هي آه غلام تنهنجو.

جڏهن عروج تي آهي ته تمام تمام بلند آواز سان فرمائي ٿو ـ ٻيائي ٻانهپ ڇڏ آءٌ تون احديت ۾.

سچل سرمست هڪ شاعر ۽ هڪ شخص جي حيثيت سان تمام نمايان آهي. سندس ذات ۾ هڪ محبت پري دل ۽ سجاڳ ذهن موجود آهي. سچل کو ٽلهو شاعراڻو تخلص نه آهي، پر لفظ لفظ ۾ سچ ۽ بلند آواز جو اظهار موجود آهي.

سوانح نگارن جيترو ٻه احوال گڏ ڪيو، اُن ۾ ڪلام شامل ڪيو ته سچل سرمست نمايان نظر ايندو. هونئن ورهين جي لٽ ته واقعن ۽ روايتن کي ڍڪي ڇڏي ٿي.

تصوف ۽ رواداري

تصوف بيشڪ اسلام مان جنم ورتو ۽ تذڪيہ نفس ۽ عشق الاهيءَ جو درس ڏنائين. پر اُن سان گڏ رواداريَ ۽ بي تعصبي جو سبق بہ ڏنائين. دنيا جي هن حصي ۽ خاص طور سنڌ ۾ اُن جا ڇڻا آثار پسجن ٿا. دنيا جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ انسانذات بدامني، ڏاڍ ۽ جنگ وجدل جي ڪري گهٽو ڪجهہ سٺو آهي امن ۽ آشتي، محبت ۽ پائيچارو هُن جو اڃان اڻ پورو خواب آهي.

هڪ طرف انسان دوست ماڻهن امن جو پرچار ڪيوتہ ٻئي طرف جنگ بازن نئين کان نوان هٿيار ڪر آڻڻ ۽ ڪمزورن کي نفرت جي بٽيءَ جو ٻارڻ بنائڻ لاءِ تياريون ڪيون ۽ گهٽو ڪجهہ ڪري گذريا ۽ اڃان بہ اهو سلسلو دنيا ۾ جاري آهي. قوت ۽ اقتدار لاءِ بندوق باز اڄ بہ خوني ڇنبا انسان ذات جي رت ۾ ٻوڙڻ لاءِ تيار آهن ٻئي مذهب وارو، ٻي ٻوليءَ وارو هن جي نفرت جو نشانو آهي.

هن صورتحال کي اڳيان رکون ۽ سڃاڻ اهلِ دل انسانن جي عمل کي پرکيون، جن کي صوفي ٿو سڏجي تہ فرق نظر آيندو. گذريل ڇوڏهن سؤ سالن کان صوفين انسانذات کي، امن ۽ آشتي، برابري ۽ برادريءَ جو پيغام ڏنو آهي. صوفي شاعرن ذات پات ۽ دين ڌرم جي ويڇن کي وسارڻ جو درس ڏنو آهي. پنهنجي ڳالهہ وزنائتي بنائي دليلن سان ٻڌائي اٽن. فنا بابت سمجهايو اٽن. انسان پاڻيءَ تي ڦوٽي مثل آهي. زندگيءَ جي مختصر عرصي ۾ پاڻ ۾ ميڙ محبت سان رهڻ کپي. هتان هلڻو آهي. پاڻ ٻڌائڻ نہ کپي. سهجو چوي ٿو.

چلنا هي رهنا نهين، چلنا بيو بيس
سهجو تنک سهاگ پر، ڪيون گنڌائي ڪيس.

دادو چوي ٿي:

دادو دعويٰ چوڙدي، بن دعويٰ دن ڪاٽ،
ڪٽن سودي ڪرگئي، پاساري ٻڪي هاٽ.

سچ جو درس ٻہ ڏنو ويو. ڪبير صاف صاف چيو تہ ڪوڙو سيني کا خراب آهي. سيني خرابين جو بنياد سچ کي ڪوڙ ثابت ڪرڻ آهي.

ساڌو چليا ٽڳ رهيا، ٽڳ پي چلٽهار،
آئي آسيکي وار جو ساچي کو جونا کهي.

ٻئي جو پلو کيئن ٿا ڪري سگهون، جڏهن اسان ۾ خدمت جو جذبو نہ هجي ۽ من ۾ محبت نہ هجي. شاهہ ڪريم بي لوث خدمت لاءِ اجهو هيئن ٿو چوي:

پاڻيهاري سيکا، جا سر گهڙو ڏري،
کا لئہ سندي سڄڻين، کا پورهئي کاڻ پري.

صوفين تمام واضح طور صحيح عمل جي تلقين ڪئي ۽ ٻڌايائون تہ ذات پات وڏائيءَ کي ظاهر نٿي ڪري، فقط عمل وڏائيءَ جي نشاني آهي. چوڻ سان نہ پر ڪرڻ سان انسان جي ذات پڌري ٿئي ٿي. روحل چوي ٿو:

ڪهڻي تان هرکو ڪهي، رهڻ اوکي بات،
پڌري ٿيندي ذات، رهڻيءَ مان روحل چوي.

پنهنجن ماڻهن سان ميٺ محبت سان رهڻ. هر انسان کي هڪ جيتر مان ڏيڻ ۽ دين ڏرم جا ويڄا دور ڪرڻ سان صحيح عمل ٿي سگهي ٿو صوفي دلپترام ويرورو جو وايو منڊل ڏسي افسوس ڪري ٿو:

ڄاڪي وڏو پاڻ ۾، ترکن واڻين ويڙ،
جي ٻيڙ ۾ ياڻ ڏڻي، تان ڪرڙ ۾ ڪير.
ڪک پن ۾ پڌرو آهي، پريان سندو پير،
انڌا لهن ڪينکي، پونءِ سندو پير،
ڪو سڄو پسي سير، دلپت چوي دوست جو.

شاهہ عبداللطيف ٻہ ذات پات جي سلسلي جي غلط سوچ کي نندي ٿو:

ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
آريون اٻوجهن جون، سڀڙ ڄام سهي،
جو راءِ وٽ رات رهي، تنهن جڪي تان نہ ٿئي.

صوفين سڳورن ڏنو تہ مفاد پرستن عام خلق کي مذهب جي ڪري هڪ ٻئي کان پري ڪيو ۽ ويرَ ۽ ڪيني جو بيج پئي ڇڏيو ويو. روحل صوفيءَ بنا ڪنهن مصلحت جي چئي ڏنو:

ڪفر ۽ اسلام ۾، تا ابتا پرين ٻير،
هڪ هندو ٻيا مسلمان، وچ وڏائون ويرَ.
انڌن اونده نہ لهي، تن کي سچ چوندو ڪير
پر روحل راه پرينءَ جي، جان گهڙي ڏٺوسين گهيڙ
تہ رب مڙئي ۾ هيڪڙو، جنهن ۾ ڪو ڦير
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبت الله ۾.

سامي هن سڃي سنسار ۾ خرابيءَ جو سبب بي علمي (اوديا) کي ڄاڻي ٿو. هو چوي ٿو ساڌن ۽ سنتن جي سنگت ۾ رهي اوديا جي اونده دور ڪري ۽ علم سان آشنا ٿي سگهجي ٿو. جنهن سان سڀ سنسا ۽ پرم پڃي پري ٿين ٿا.

ساڌوءَ سنگ ڪيو، جنهن سامي سچي سڪ سان،
سَهجي تنهن جي جيءَ مؤن، سنسو پرم ويو،
لنگهي پار پيو، اوديا جي آڙاه مان.

اهڙن سڃن، ساڌن، سنتن ۽ صوفين جي سنگت انسان جي من کي اُجاري ٿي. شاهہ صاحب اهڙن کي هڪ هنڌ هنج بہ سڏي ٿو ۽ اُن جي ساڻ کي ساراهيندي چوي ٿو:

هنج مڙيئي هنج، ميرو منجهن ناه ڪو،
جتي رهن سنجهہ، سو سُرڪن سُرهو.

اهڙن سڃن انسانن جي هر دور ۾ ضرورت آهي. انهن جي تعليم جي اڄ جي پر آشوب دور ۾ ڀاڙ.وڏيڪ گهرج آهي. هن يڪجهتي جي تعليم تي عمل ڪرڻ سان انسان امن جي منزل تي پهچي سگهي ٿو سڃل سرمست بہ هن امن ۽ پائيچاري جي قافلي جو سرواڻ آهي سڃل سرمست انسان کي فقط انسان ڄاڻي ٿو. هُن جي دل ڏرتيءَ وانگر وسيع ۽ آڪاش مثل وشال آهي. سندس چوڻ موجب خيالات جو بند پيڃڻ سان حلاج وارو مقام حاصل ڪري سگهجي ٿو:

اول پيري پيج، جي بند خيالات جا،
تنهن پڃاڻان وچ، حلاجي حيرت ۾.

حلاجي حيرت ۽ حقيقت کي رسڻ لاءِ پاڻ سڃاڻڻ جو شرط لازم آهي. جيڪو پاڻ کي سڃاڻندو سو ئي خدا کي سڃاڻندو ۽ پوءِ خلق خدا کي فائدو رسائي سگهندو. هن باري ۾ سچل سرمست چوي ٿو:

جهڙو پانيم پاڻ کي، تهڙو آهيان آءٌ،
باقي رهيو نانءُ، سچو مون صاحب جو.

يعني حقيقي صاحب جو ئي نالو وجي باقي بچيو ۽ سالڪ پنهنجو پاڻ کي فراموش ڪري ڇڏيو ۽ ڏک سکن جي سونهن بنجي ويا.

جي گوندر گوش نہ ڪن، ڪُهہ پيون سي سرتيون،
جن سنگت ساڻ سکن، سي پاڻئون هوت پري ڪيون.

نہ رڳو ايترو جو پاڻ سڃاڻي سالڪ روحاني راه جو پانڌيئڙو بنيو ۽ بس، پر سچل سرمست وٽ خلق جو ڀلو ۽ پاڻ ۾ ميڙ محبت وارو رويو رکڻ جو درس نمايان آهي. هُو ڪيني ۽ ڪبر کي پري ڪرڻ لاءِ چوي ٿو ۽ اَن سان گڏ صبر جي تلقين ڪري ٿو.

سچو ڪج صبر، مٽي خيال ڪڙو رهين،
ڪينو ۽ ڪبر، پري ڪرين پاڻ ڪئون.

اهو ڪينو ئي آهي، جو انسان کي اڳرائيءَ لاءِ آپاري ٿو ۽ خدا جو سزاوار بنائي ٿو. اَن کي صبر جي شمشير سان قتلام ڪبو ته اندر مان برا خيال ويندا، سهڻا خيال جاءِ ورندا. سچن صوفين ۽ سنتن اهائي تعليم ڏني آهي. اهو بقول سامي سمجهہ ۽ صدق سان ڏيندو. جي اهو سچو رستو نہ وٺبو ته اوديا جو پوت اسان کي ماري وجهندو ۽ مايا جي مود ۾ اچي پاڻ کي پنهنجي هٿين خود ماري وجهنداسين. نتيجي ۾ ڪوڏي بہ نہ ملندي پر ڏلهو مايا جو انڌ آهي. اهو انڌ سڃائيءَ کان پري ڏکي ٿو ڇڏي. سچن صوفين اهڙن منفي لاڙن خلاف جنگ شروع ڪئي. پنهنجي دؤر ۾ ته هو خود پنهنجن روين سان سڀ ڪجهہ ڪندا رهيا ۽ پوءِ سندن تعليم هن سلسلي ۾ عمل ۾ رهي.

اهو صحيح آهي ته سياسي مفادن انسانذات ۾ تفرقو پکيڙڻ ۾ گهٽايو نہ آهي. صوفيانہ تعليم جو ڦهلاءُ گهٽ ٿيو آهي. پوءِ بہ هيءَ قوت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي ۽ صحيح سوچ وارا ماڻهو اَن کي اهميت ڏين ٿا. اَن تي عمل ڪن ٿا. پنهنجي اطمينان ۽ دلجمعي سان گڏ بين لاءِ بہ ڪارائتا بنجن ٿا.

سچل سرمست جي فارسي داني ۽ وصلت نامہ

سنڌ جي اڪثر اديبن ۽ شاعرن جن ٻين ٻولين ۾ لکيو آهي. فارسي انهن ۾ اهم آهي. سنڌ وارن فارسي نثر توڙي نظم ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا. مير علي شير قانع، يوسف ميرڪ، مخدوم محمد هاشم، مير عظيم الدين، مير غلام علي مائل، شاهہ جهانگير هاشمي، مير معصوم بکري، مخدوم محمد معين ۽ ٻين ڪيترن فارسي زبان ۾ قرآن، حديث، فقهہ، تاريخ ۽ شعر و ادب تي بيشمار ڪتاب لکيا. شاعرن فارسي زبان ۾ شعر جي سيني صنفن تي لکيو. سندن فارسي ڪلام ۾ مثنويون قصيدا ۽ غزل وڌيڪ نمايان آهن. هڪڙا اهڙا اديب آهن جيڪي نٽي يا ٻين شهرن ۾ رهيا ۽ فارسيءَ ۾ ئي لکيائون. ٻيا اهي شاعر آهن جن سنڌيءَ ۾ لکيو ۽ سنڌيءَ جي شاعر طور مشهور ٿيا آهن. سچل سرمست ۽ بيدل سائين توڙي ڪيترا ٻيا آهن جن سنڌيءَ سان گڏ ٻين ٻولين ۾ بہ لکيو. فارسي انهن سيني ۾ هڪ اهم زبان آهي ۽ سنڌ وارن سنڌيءَ سان گڏ فارسيءَ ۾ بہ خوب لکيو. فارسيءَ جي تعليم ۽ ڇاڻ سمن جي دؤر حڪومت (1520ع - 1351) ۾ سنڌ ۾ هئي. سمو سلطان ڇام نظام‌الدين بہ فارسيءَ ۾ شعر چوندو هو. سندس شعر جو نمونو هي آهي:

اي آنکہ ترا نظام الدين مي خوانند،
تو مفتخري کہ مرا چنين مي خوانند،
گر در رہ دين زتو خطائي افتد،
شک نيست کہ ترا شيطانَ ولعين مي خوانند.

اُن دؤر ۾ تورو گهٹو فارسيءَ جو رواج رهيو. بقول ڊاڪٽر سدارنگاڻيءَ جي ارغون، ترخان ۽ مغل دؤر. توڙي ڪلهوڙا ۽ تالپر دؤر ۾ فارسي تعليم بتدريج وڌي ۽ تصنيف تاليف جو ڪم بہ جيئن پوءِ تيئن گهٹو وڌيو. طالب

آملي ۽ ٻيا شاعر سنڌ ۾ آيا. ڪيترا مدرسا ڪليا[1]

سچل سرمست (1829ع - 1739) کي تعليم پنهنجي استاد ميان عبدالله قريشي صديقي کان ملي. اڪثر سوانح نگار لکن تا ته عربي ۽ فارسي تعليم خود ميان عبدالحق کان حاصل ڪيائون. بقول مولوي محمد صادق جي ته فارسي ڪيس ميان عبدالحق پاڻ پڙهائي[2].

پروفيسر منشاراماڻي ٻ انهيءَ سلسلي ۾ لکي ٿو: فارسيءَ جي تعليم چاچي ميان عبدالحق عطا ڪيس[3] سنڌيءَ ۽ فارسي شاعرن جو ڪلام گهري نظر سان واچيائين[4].

ڊاڪٽر سدارنگاڻي ۽ پروفيسر منشاراماڻي فارسيءَ جا وڏا ڄاڻو آهن. هنن کڻي سچل سائينءَ جي فارسي زبان جي ڄاڻ ۾ شڪ نه ڪيو آهي البته سچل سرمست جي ڪل ڪلام جي بياضن ۽ قلمي نسخن جي صحت بابت شڪ ظاهر ڪيو ويو آهي. فارسي ڪلام ٻ ڪاتبن جي غلطين جو شڪار ٿيو آهي. ڊاڪٽر حاميءَ جو اشارو ان سلسلي ۾ ڏيان ڇڪائي ٿو: "ديوان آشڪار ڪانسواءِ سچل جو سمورو فارسي ڪلام ظني آهي[5] ڇوجو اهو ڪنهن ٻ مستند نسخي تان حاصل نه ڪيو آهي. حامي صاحب سچل سرمست جي ستن مثنوين جو منظوم سنڌي ترجمو ڪيو ۽ قاضي علي اڪبر درازيءَ انن مثنوين جو سنڌي ۽ اردو نثر ۾ ترجمو ڪيو. غير مستند نسخن تان نقل ٿيڻ ڪري وزن ۽ زبان جون غلطيون سرزد ٿيون آهن. اسڪالرن اهڙا اشارا ٻ ڪيا آهن.

مثنوي ۾ ڪجهه ڪلام اهڙو ٻ آهي، جنهن لاءِ شڪ ظاهر ڪيو ويو

---

(1) Sadarangani H.I .Persian poets of Sindh .Hyd .Sindhi Adabi Board .1956P.XVI.

(2) راڄپوري، محمد صادق. سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام سنڌي ادبي بورڊ 1982ع ڇاپو ص 15.

(3) منشاراماڻي، ڊي - ڪي مقالو "سچل جي شاعريءَ تي باهريان اثر". سرمست 8/1988ع سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور ص 82.

(4) ايضاً ص 82.

(5) حامي، عطا محمد. نينهن جا نعرا. ڪافي پبليڪيشن ڪراچي 1983ع ڏيباچو ص 7.

اهي ته اهو سچل سائينءَ جو نہ هوندو. تازو حيدرآباد جي هڪ پروفيسر جناب ابراهيم خليل نقوي به سچل جي فارسي ڪلام تي ڪم شروع ڪيو آهي. اُن خاص طور معنيٰ ۽ مطلب کي سمجهڻ ۽ ڪلام کي ايڈٽ ڪرڻ جو مقصد اڳيان رکيو آهي.

هن هيٺ مثنوي "وصلت نامہ" جو جائزو ونڻون تا[1] جيڪا اصل متن ۽ اردو نثري ترجمي سان قاضي علي اڪبر درازيءَ شايع ڪئي آهي. هن ۾ 905 شعر آهن. ڳالهہ اڳتي وڌائڻ کان اڳ هي مفروضو قائم ڪرڻو پوندو ته مثنوي سچل جي ئي آهي. مترجم مثنويءَ جي ابتدائي شعرن جا مضمون مطابق عنوان قائم ڪيا آهن. مثلا: در حمد باري تعالي، در محمد و منقبت انبياء و اولياء، در بيان محامد و محاسن محمد مصطفيٰ ﷺ، در بيان فضائل اهل بيت عظام و اصحاب ڪرام، در بيان فضائل قرآن مجيد و فرقان حميد، در بيان اهميت وصلت نامہ ۽ در بيان تخليق آدم وغيره.

سچل سرمست ڪٿي طويل، ڪٿي مختصر حڪايتون پنهنجي مقصد ۽ بيان کي واضح ڪرڻ لاءِ ڏيندو ويو آهي. ڪي حڪايتون ڏڪهيون ۽ تڪائيندڙ آهن. مثال طور محمود غزنويءَ جي حڪايت (ص 66)، يا بيان ۾ طوالت ۾ "اي دل آخر بگذر" واري بند جو ورجاءُ، شعر 352 کان 378 تائين آهي[2] ڪاتبن جي غلطين سبب کي شعر عيب وارا بنيا آهن يا ائين ڇاڻجي ته شاعر روانيءَ ۾ ڪهربل قافيو نہ آڻي سگهيو آهي. مثال طور هيٺيون شعر.

عشق آتش در درون مافگند
راز ما را از درون بيرون فگند[3].

هتي ورن کان قطعہ نظر قافيو "بيرون" صحيح آهي پر "بيرون" پڻيان

---

(1) پروفيسر حامي جي مجموعي "تينهن جا نعرا" ۾ وصلت نامہ نہ آهي. درازي جي ترجمي ۾ "وحدت نامہ" به شامل آهي. جرمن ۽ انگريزي ۾ به ترجما ٿيا آهن. ايندڙ صفحن ۾ "وصلت نامہ" جي صفحن جا جيڪي حوالا ڏنا ويا آهن سي قاضي علي اڪبر درازي جي 1978ع جي ڇپيل ڪتابي مان ورتا ويا آهن.

(2) وصلت نامہ ص ص 56 - 60.

(3) ص 92.

"ما" (رديف جو حصو) گر آهي. اهڙي طرح هيٺيون شعر ۾ قافيي جي ڪري عيب وارو آهي.

عشق آمد ننگ و نامہ ما بسوخت،
حرقہ ناموس و ننگ ما بسوخت[1].

هتي ڇڙ "نامہ" ۽ "ننگ" کي هم قافيہ ڪري رکيو ويو آهي جيڪو غلط آهي. ڪاتبن جي غلطين ڪري ائين ٿيو هوندو. ڪي بيا شعر ۾ وزن ۽ قافيي سبب عيب وارا آهن. جيستائين موضوع جو تعلق آهي. هي سڀ جو هڪ پسنديده موضوع آهي يعني عشق ۽ محبوب حقيقي سان ميلاپ يعني وصل. مثنوي دستور موجب حمد باري تعالىٰ سان شروع ٿئي ٿي:

ابتدا اول بنام كردگار،
خالق هفت و شش و پنج و چهار،
آن خداوندي ڪ هستيءَ ذات اوست،
هر دو عالم مصحف آيات اوست،
آن خداوندي ڪ آدم راز خاڪ،
آفريد و داد او راجان پاڪ[2].

حمد کان پوءِ نبين ۽ ولين جي منقبت ۾ شعر آهن:

انبيا را داد هردم رفعتي،
اوليا را داد هردم خلعتي[3].

اهڙي طرح نبين ۽ ولين جي مدحت ۾ چند شعر لکڻ کانپوءِ سرور کائنات نبي ڪريم ﷺ جي مدح ڪري ٿو:

مصطفىٰ آمد درين ره پيشوا،
پيشوي انبيا و اوليا،
مصطفىٰ امد درين ره نور پاڪ،
جملهٔ ظلمات را كرده هلاڪ[4].

---

(1) ص 94.
(2) ص 4.
(3) ص 6.
(4) ص 8.

حمد نعت کانپوءِ "وصلت نامہ" جي دستوري تعريف ڪئي اٿس:

یک زماني ترک کُن افسانہ را،
گوش کُن تو رمز وصلت نامہ را.
هرک این خواند بکامِ دل شود،
زود باشد کار دین واصل شود.
نام این کردم چو وصلت نامہ من،
زانک وصلت دیده ام از خویشتن[1].

وصلت نامہ جو تعارف ڪرائڻ کانپوءِ اصل مضمون تي اچي ٿو ۽ تخليق آدم کان ڀالهہ ڪٽي ٿو. شاعر هن سلسلي ۾ انسان کي منفرد ۽ يڪتا ٿيڻ جي نہ رڳو تلقين ڪري ٿو بلڪ ڪيس راهِ بہ ڏسي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ عمل ۾ يڪتا بنجڻ سان ڪيئن مرد خدا جو درجو حاصل ٿيندو.

چون تو یکتا باشي اي مردِ خدا،
پس بقا باشد ترا بعد از فنا.
چون تو یکتا باشي اي مرد قدیر،
برهمہ عالم شوي سلطان و میر.
چون تو یکتا باشي اندر لامکان،
ساقیت باشند هردم قدسیان[2].

يعني جي تون مرد خدا ۽ يڪتا بنبين تہ ابدي زندگي ماڻيندين ۽ دنيا تي حڪمراني ڪندين. لامڪان ۾ يڪتا ٿيندين تہ فرشتا تنهنجا ساقي بڻجي ويندا وغيره. اُن کان پوءِ تخليق ڪائنات تي بحث ڪندي ٻڌائي ٿو تہ هر شيءِ حسن ازل جو پرتوو آهي.

از یکي پیدا شده زر و گُهر،
در و لعل و سنگ هاي معتبر،
از یکي پیدا شده صد ناز نین،
هر یکي را در لباسِ خوش بہ بین،
از یکي پیدا شده صد ماه روي،

(1) ص 18.
(2) ص 34.

سر و قد و چشم نيڪ و مشڪبوي.
از يڪي پيدا شده صد دلفريب.
ڪرد بر عشاق هر دم صد عتيب.
از يڪي پيدا شده صد گلعذار.
ابروان خالي و چشمان پر خمار.
از يڪي پيدا شده خوبان چين.
چشمها بادام لبها شڪرين[1].

سڀ اُن هڪ مان آهن. توحيد جي تنوار پيا ڪن. ٻيائي آهي ئي ڪانہ.

از يڪي آمد يڪي آمد يڪي.
اندرين معنيٰ ڪجا باشد شڪي[2].

ٻين صوفين وانگر سچل سرمست بہ ورجائي ورجائي ٻيائيءَ کان پاسو ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ فقط هڪ ڏس.ٻہ نہ ڏس.

دو م بين اي مرد راهِ ذوالجلال.
تارسي در عالمِ وصل و وصال[3].

تصوف جو جيئن تہ تاجي پيٽو عشق الاهي آهي. اُن ڪري شاعرن هن بنيادي محرڪ کي پوري طور واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سچل هر تصنيف ۾ عام طور ۽ "عشق نامہ" ۽ "وصلت نامہ" ۾ خاص طور عشق جي اپٽار ڪئي آهي. عشق ۽ عقل جو باهمي فرق بہ هن سلسلي جي اهم ڪڙي آهي. "وصلت نامہ" ۾ اهو نقطو هيئن واضح ڪيو ويو آهي.

عقل اندر هر دو عالم در فراق.
عشق داده هر دو عالم را طلاق.
عقل اندر ڪارسازيءَ جهان.
عشق اندر بي نيازيءَ جهان.
عقل نقاشي شده اندر جهان.
عشق شهبازي، شده در لامڪان.

---

(1) ص 38.
(2) ص 42.
(3) ص 50.

عقل هردم خانہ آباد ان کُند،
عشق هردم خانہ ویران کُند[1]

اول آخر ظاهر باطن سڀ خدا آهي.

اولين و آخريني اي خدا،
باطني و ظاهريني اي خدا[2].

شاعر وصل لاءِ حيران آهي. اُن کي ئي زندگيءَ جو مقصد ڄاڻي ٿو ۽ چوي ٿو تہ افسوس عمر عزيز گذري ويئي پر وصل حاصل نہ ٿيو.

اي دريغا عمر رفت و وصل ني
اي دريغا فرع رفت و اصل ني[3].

اُن جا سبب ٻڌائي ٿو تہ نفس شوم وچ ۾ روکيو ۽ انهيءَ کري جان پياري ڄاتم تہ وري محبوب جو رخ پسڻ کان محروم رهيس.

اي دريغا اي دريغا اي دريغ،
من نہ ديدم روي جانان اي دريغ[4].

وصال يار تڏهن ٿو حاصل ٿئي جڏهن جان جو نذرانو منصور وانگر پيش کجي ٿو. رباني راز جي رمز پروڙ جي ٿي جيکا منصور پروڙي.

او شراب وصل حق نوشيده بود،
دائما از شوق حق جوشيده بود[5].

جيئن مٿي عرض کيو ويو تہ مختلف حکايتون بيان کندي مقصد کي واضح کيو ويو آهي. رومي، سعدي ۽ ٻين فارسي شاعرن جي تتبع ۾ ائين کيو ويو. "وصلت نامہ" ۾ بہ اهائي ڳالهہ ملي ٿي تہ مثنويءَ جو خاتمو منصور تي کيو ويو آهي ۽ نقطو هي آهي تہ هُن جو جلوو هتي ئي پسيو ۽ محبوب جو رخ روشن هٿي ئي ڏٺو. جنهن هتي ئي جلوو نہ ڏٺو سو اڳتي ڇا ڏسندو!

---

(1) ص 54.
(2) ص 104.
(3) ص 112.
(4) ص 114.
(5) ص 118.

هر ڪ او اينجا رخ جانان نہ ديد.
باشد آنجا ڪُور و حيران و پليد.
هر ڪ از اينجا وجود خود نہ مُرد،
اندر آنجا آتشِ سوزان ببرد[1].

منصور جي حالت بيان ڪندي چوي ٿو:

بود منصوري عجب شوريده حال.
در ره تحقيق او را صد ڪمال.
حال او حالي عجب بود اي پسر.
ني چُو حال اين خسانِ بي خبر.
او شرابي وصل حق نوشيده بود.
دائما از شوق حق جوشيده بود[2].

منصور جي ثابت قدميءَ جو مثال ڏيندي شاعر تلقين ڪري ٿو تہ راہ حق سچو عشق انسان جو رهنما آهي. اهوئي ڪيس حق سان واصل ڪري ٿو.

باوجود وزن ۽ قافين جي غلطين جي مثنوي وصلت نامہ هڪ اهڙي ٿنوي آهي. جيڪا وقت جي مروج ادبي روايتن موجب آهي.

---

1) ص 117 - 116.
2) ص 118.

سچل جي وسعت

هر وڏو شاعر ۽ مفڪر پنهنجي گهڻ پاسائين سوچ سبب ئي عام مقبوليت جو درجو ماڻي ٿو ۽ پنهنجي دؤر کان پوءِ به زنده رهي ٿو. سچل سرمست به شاعريءَ جي آسمان جو اهڙو چمڪندڙ ستارو آهي، جنهن جي شاعريءَ جا ڪيترائي پهلو آهن ۽ سندس ڪلام جي مضمون ۽ موضوعن ۾ تمام گهڻي وسعت آهي. وسعت مان هت منهنجو مقصد خيال جي وسعت به آهي ته آواز جي بلندي ۽ آهنگ جي وسعت به آهي سندس ڪلام وقت جي شاعريءَ جي رواج جي تقاضا ۽ پوري ڪري ٿو ۽ شاعر پنهنجي مخصوص انداز ۾ هر ڳالهه چوي ٿو. ڪشالي ۽ غم توڙي سوز ۽ گداز جو رنگ وٽس سرس آهي. هو درد کي پنهنجي زندگيءَ جو اهم جُز ڄاڻي ٿو. نه رڳو ايترو، بلڪ غم کي راه جو رهبر به ڄاڻي ٿو.

ڪشالي مؤن ڪم، ٿوري ڏينهن مؤن ٿئي،
سوز گداز ۽ غم، رهبر ٿيندو راه ۾.

هيڏو ڪشالو ۽ سوز گداز سڀ محبت خاطر آهي. محبت جي راه تي هلڻ وارو ٻئي طرف نه جهاتي پائي ٿو ۽ نه راه محبت کان هٽڻ جو سوچي ٿو. سچل سرمست هن سلسلي ۾ تمام چٽن لفظن ۾ چوي ٿو.

جز محبت راه ديگر نيست نيست
گرچه شاهي تاج و افسر نيست نيست.

ايتري وارفتگي ڇو آهي؟ ڇو جو هيءُ سرمست عاشق وحدت جي واديءَ ۾ خود سپردگيءَ جي عالم ۾ آهي. توحيد جي تنوار اٽس ۽ عشق جي خلعت جو طالب آهي. پنهنجي بلند آواز ۾ چوي ٿو.

بادشاهه خلعت عشق پوشاني مرا،
جرڪ از راه توحيد بنوشاني مرا.

عشق جي هيءَ خلعت ۽ وحدت جي ميخاني جو ڇڪو عاشق کي

گوندر گذارڻ لاءِ وڌيڪ شوق ڏيارِي ٿو. هُو سکن جي سنگت کي نندي ٿو ۽ چوي ٿو:

جي گوندر گوش نہ ڪن، کهہ پيون سي سرتيون،
جن سنگت سارڻ سکن، سي پاڻئون هوت پري ڪيون.

مجاز ۾ سچل سرمست جو رنگ چٽو ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ آهي. نہ رڳو ايترو پر سندس آواز واضح ۽ سريلو آهي. فرمائي ٿو:

عاشق ڪُون سڏ سانول سهڻا، حال جو پڇدا ڪڙڪي،
هڪ زلف دي آ زنجير ڪڙي، بيا ڪٽڪ اکين دا ڪڙڪي،
باز وانگون پٽ ماس يتيمان، ڏون ڏون ڏيندا پڙڪي،
ويک تحمل دلبر دا، هر شاه گدا پيا ٽڙڪي،
يار سچل اِها خبر اهين کون، نال انها جو اڙڪي.

درد جي اُپٽار ۽ عشق جي واردات ۾ تہ سچل سرمست سرفراز آهي، پر فني لحاظ کان بہ سندس ڪلام ۾ وسعت ۽ جدت ملي ٿي. اَن جا هتي چند مثال آءٌ فقط سندس سنڌي ڪلام جي آخر ۾ ڇپيل متفرق ڪلام مان ڏيان ٿو. جتي ڪافين جا مختلف گهاڙيٽا آهن ۽ انهن ۾ عروضي ڪلام بہ آهي. ڪافين ۾ بہ مضمون جي اهائي گوناگوني آهي جيڪا سچل سرمست جي خصوصيت آهي. الاهي اسرار اُهي ئي پلٽيل آهن.

عاشق اُپٽي ڏسين، آهي مڙيوئي يار ميان،
ظاهر زباني تو ڪريان عجب جيهو اسرار ميان.

يا محبوب کي نهنائيءَ سان عرض ٿو ڪري:

اڳڙ اسانجڙي سائين، ڪر پلا تون پيرو،
نانءُ ڏٽيءَ جي دلبر سائين، پانڌ ڳچي پائين،
ڪج فقير ڏي ڦيرو.

ائين ڪافين جا ڪيترا گهاڙيٽا سچل سرمست جي ڪلام ۾ آهن. عروضي ڪلام ۾ غزل جي هيئت ۾ ڪجهہ شيون آهن، جيڪي بہ سندس مخصوص انداز ۾ آهن. قافين جي چوند بہ نرالي آهي. مثال طور:

دل چپن سان جي چُمين پير مغان جو آستان،
محبت سچي محبوب جي، بانڪا وڃي تون باس تان.

کي ڏينهن مون دلدار لئہ. ورد ۽ وظائف ٿي پڙهيا.
جڏهن عشق آرانيا ڏنا،ٿيون خود خدا سان خواستان.
يا هڪ ٻيو شعر آهي:

مکي منجهہ مسيت بڻايم. جڙيو جيسلمير.
سچو نانءُ تہ آهي منهنجو. هڏ نہ آهيان غير.

☆

ملک جا ماڻک ٻيا آهن. تون وڃون ٻيڻين ٻڻي.
هي ڪنهين هن حال ۾. توکي وڏو هستيءَ هڻي.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ هڪ نرالو ۽ منفرد اچل وارو انداز آهي. جنهن ۾ نينهن جا نعرا تہ هڻي ٿو. پر پنهنجي پاڻ ۾ ٻہ چا ٿو پسي. اُن جو هڪ مثال ئي ڪافي آهي.

آهيان ڪاڪيون ڪهڙي؟ جا سمجهي نہ ڄاڻان!
بعضي پانيان پُتلي. يا آهيان گڏيءَ ڏور.
يا گوءِ آهيان هن يار جي. يا وانگيءَ وانگر زور.
يا تا محل آهيان. جنهن ۾ شهنشاه.
ٻوليون ڪري ڪيترين. ٿو درنئن داتاه.
يا تان گهوڙو آهيان. جو هلائي هسوار.
يا تان موج درياه جي. جا ٻوڙي ٿي ٻاهار ـ الخ.

باقي چار بند (يا دوها) ٻيا ٻہ آهن. ابتدا واري وراٹي ڪري هنن بندن کي دوها نہ سڏبو. هيءُ تہ هيئت جي ڳالهہ ٿي. پر معنيٰ ڏي ڏسبو تہ معلوم ٿيندو سچل سرمست بحيثيت هڪ شخص جي ٻہ گوناگون رنگن جا جهلڪا ٻيو ڏي. انهن رنگن کي پروڙيون تہ لک ڪٿياسين.

روجھن ساڻ رھاڻ

شاعر پنھنجن جذبن جو اظھار ڪيترن طور طريقن ۽ اشارن ڪنايين سان ڪن ٿا. شاعريءَ جو اپياس ڪندڙ ۽ ڄاڻو پنھنجي پر ۽ شعرن مان معنيٰ مطلب ڪيڏي علم بديع جا ڪيئي اسرار ظاھر ڪري وجھن ٿا. ائين ڪيٽريون ئي لفظي ۽ معنوي صنعتون نروار ٿين ٿيون. وڏا شاعر ته پنھنجي اندر جي اڌمن ۽ جذبن کي ظاھر ڪندي جيڪي چون ٿا، سو صنعتن سان سينگارجيو وجي ٿو.

نہ رڳو ايترو بلڪ شاعر کي اھجاڻ بہ ڪر آڻين ٿا. جن جي وسيلي خيالن جو اظھار واضح نموني ٿئي ٿو. ھڪ طرف تشبيھن ۽ استعارن جو ڀنڊار اڃ اڃھائي ٿو، ته ٻئي طرف فطرت جي اڻ کُٽ خزاني مان جيتن، جڻين، پکين ۽ جانورن توڙي وڻ ٽڻن ۽ گلن ٻوٽن جي حسن سان شعر کي مھڪائين ٿا. سچل سرمست جي ڪلام تي نظر ڪبي ته اُن ۾ بہ تشبيھن، استعارن، اشارن ۽ ڪنايين جا انيڪ نمونا نظر ايندا.

ھن مقالي ۾ سچل سرمست جي چيل اُن داستان جو جائزو وٺون ٿا، جيڪو "روجھن" بابت آھي. سيپٽمبر 1988ع ۾ مون "شاھ جي ڪونج" جي عنوان سان پٽ شاھ تي مقالو پڙھيو. اُن ۾ ڪونج جي اصل وطن بابت قدري تفصيل سان روشني وڌي ۽ ھند سنڌ جي پکين بابت ٽيل تحقيق مان بہ استفادو ڪري ڪونج جي قسمن ۽ ڪونج ۽ شاھ جي ڪلام جي حوالي سان چند ڳالھيون اُن مقالي ۾ آندم.

ڪونج، پکيءَ وانگر روجھ بہ ھڪ اھڙو جانور آھي، جيڪو رڍ بکريءَ وانگر عام نہ آھي. سنڌ جي عام شاعريءَ ۾ ته اڪثر روجھ جو ذڪر ملي ٿو پر معياري شاعرن وٽ ذڪر نسبتا گھٽ آھي. سچل وٽ ھڪ سڄو داستان موجود آھي. شاھ جي رسالي ۾ سُر ديسي جا ھي بہ بيت ڏيان ڇڪائين ٿا.

رات ڏنائين روجھ، پاڻ ڪ اوڻي ائيا.
پريتڙي پرين جي، سڪڻ ڪئي سڀوجھ.
ھئي گھٽو ابوجھ، سورن سنھائي سسئي.

روجھ ڏنائين رات، ھوت ڳولينديَ حب ۾،
ڪيچين جي ڪڙي ٽي، توءِ ٽئين جي تات.
پاروچاڻي ذات، مناءَ مئيءَ نہ وسري[1].

رسالي جي اڪثر معنيٰ لکندڙن روجھ جي سمجھاڻي مختصر ۽ اڻ پوري ڏني آھي ۽ ان کي فقط "اڇن پيرن وارو ھرڻ" لکيو اٿن. اھو گربخشاڻي ۽ وفائي بہ لکيو آھي. عام طور ڊڪشنري معنيٰ بہ ان جي قريب آھي. دين محمد وفائي لکي ٿو:

"ھڪ مشھور پھاڙي جانور آھي، جنھن کي ڳئون بہ چوندا آھن. ھنديءَ ۾ نيل گاءِ ۽ جھنگلي بيل سڏيندا آھن[2].

مولانا وفائي اھو بہ لکيو آھي تہ ڪراچي ضلعي ۽ بلوچستان جي جبلن ۾ لڀي ٿو[3]. اردو ڊڪشنرين موجب نيل گاءِ يا گاءِ کي ھرڻ جو قسم ۽ White Antelope لکيو ويو آھي. انگريزي لغتن ۾ روجھ کي ھرڻ جو قسم ۽ اوڳاريندڙ جانور Ruminant لکيو ويو آھي.

انسائيڪلوپيڊيا موجب روجھ Antelope جي سمجھاڻي ھن ريت ڏنل آھي:

Hoofed Ruminnat of Baridae family, found mainly in Africa. Species include bash back bongo, largest is eland. Horns hollow and unbranched[4].

يوناني ۾ ائنٿولاپس Antholops، پراڪرت ۾ روجھو ۽ سنسڪرت ۾ "رشيہ" چئجي ٿو. سنڌيءَ ۾ پراڪرت وارو اچار ٿوري گھٽ ساڳيو آھي. عام طور روجھ کي ھڪ متارو ڳئون جيڏو ۽ رنگ جو ڪارو پورو ڳاڙھو

(1) گربخشاڻي: ھوتچند مولچند "شاھ جو رسالو" پٽ شاھ ثقافتي مرڪز 1979ع ص 333.
(2) وفائي: دين محمد: "شاھ جي رسالي جو مطالعو" وفائي پبلشنگ ھائوس ڪراچي 1976ع ص 148.
(3) ايضاً ص 148.
(4) Collins concise Encyclopedia Oxford ،IBH Publishing Co 1977 ،P.24.

۽ متارو جانور سڏيو ويو اهي. روجهن جي مستقل رهائش جي هنڌن بابت بہ مختلف تحريرن مان، شاعرن جي بيتن ۽ زباني روايتن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ تر جي ڪن علاقن، ڪچ جي رڻ ۽ ڪوهستان (بلوچستان) جي جبلن ۾ لڀن ٿيون. پروفيسر لطف الله بدوي لکي ٿو:

"روجهون هڪ قسم جا جانور آهن. هي تر ۽ ڪوهستان جي پاسي ٿيندڙ آهن. خشڪ سالي۽ ۾ هُو رڻ يا ٽڪر ڇڏي پاڻي۽ خاطر هيٺ لهي ايندڙ آهن[1].

ڪنهن ٻئي علاقي ۾ بہ روجهون هوندڙ. لڳي ٿو تہ سندن مستقل مسڪن جبل ۽ رڻ ۾ رهي ٿو ۽ پاڻي۽ ۾ مينهن جي تلاش ۾ اصل مسڪن ڇڏيز ٿيون. شاهہ جي بيتن مان فقط اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ سسئي رات جو روجهہ ڏسيو انهن کي اٺ ڇاڻي تي ۽ پنهون کي ڳولينديءِ ڪيس روجهہ نظر آيا. پر سچل پاڻي۽ جي تلاش واري اهجاڻ کي بنيادي مقصد ڪري ورتو آهي ۽ بقول سچل رڻ کي بہ ائين ياد ڪن ٿيون جيئن شاهہ وٽ ڪونجون روه کي ياد ڪن ٿيون.

شاهہ ۽ سچل جهڙا عظيم شاعر پنهنجن جذبن جي اظهار لاءِ انساني ڪردارن سان گڏ جانورن ۽ پکين جا ڪردار ڪٿن ٿا ۽ انهن جي ذريعي اندر جا احوال چٽي طرح ظاهر ڪري سگهن ٿا. شاهہ جي ڪونج ۽ سچل جي روجهہ جو معاملو بہ ائين آهي، جو جڏهن اصل وطن ۾ زندگي ڏکي گذري ٿي تہ اُن علاقي ڏي رخ ڪن ٿيون جتي حالات سازگار آهن. روجهون پاڻي۽ جي تنگي ۽ مينهن نہ پوڻ ڪري پنهنجو مسڪن رڻ، تر يا جبل ڇڏي ان طرف اچن ٿيون جتي پاڻي موجود آهي يا مينهن پيو آهي. هر مينهن جي مند ۾ هنن لاءِ هي سفر لازمي آهي.

رڻ ڇڏي روجهون، ڪا ڏس چتائي هليون،
جيلهان مُند نہ آنا مينهڑا تليهان ٿيون ڪوجهيون،
لُڪن جون لوجهون، جرين جالڙ هليون[2].

تنگي جو گهٽو وقت گذري ويو ۽ زندگي ايترو مشڪل بنجي ويئي جو رڻ ڇڏي ڪري مينهن ڏي منهن ڪري هليون.

---

(1) بدوي، لطف الله: تذڪره لطفي پاڳو ٻيو آر ـ ايچ برادرس حيدرآباد 1955ع، 23.

(2) انصاري، عثمان علي: "رسالو سچل سرمست" سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد 1978ع، ص 252.

مندين مينهن آنان ۽ وري روجهن رڻ ڦٽو ڪيو.
ڏولائي جا ڏينهڙا، گهٽا گهر ڏنان،
انهيءَ ڪئون ارمان، لحظي منجهه لهي ويون[1].

هي هڪ قدرتي امر آهي، جيڪو انسان ۽ حيوان سان هڪ جهڙو لاڳو ٿئي ٿو. يعني وطن جي حُب ۽ اصل ڏي موٽڻ ۽ هتي روجهن جو ور ور ڪري موٽڻ. اُن ۾ ئي ازلي خوشي سمايل آهي. انساني فطرت تہ ائين آهي ۾ قدرت جانور جي سرشت ۾ به هي جذبو سمايو آهي. جيئن ئي مسڪن جڏي ڏارئين هنڌ يا ديس ڏي وڃڻ ٿئي ٿو تہ وطن جي ڪشش به شروع ٿئي ئي. روجهون جيڪي اپر جي آسري تي رڻ ڦٽو ڪري تراين ڏي اچن ٿيون. سي جلد ئي رڻ کي ياد ڪري رت ٿيون روئن.

روجهون رڻ ياد ڪيون، اُپيون رت روئن،
هر ڪهن ويل هُين، اهڙي اوراتن ۾[2].

رڻ ۾، يا جتي به هڪ ٻئي کان جدا آهن. پر مينهن وسڻ سان هڪ هنڌ اچي ٿيون مِڙن. اُن ۾ خوشيءَ اطمينان ۽ سرهائيءَ جو تاثر آهي.

جي ڦٽيون جي ڦوڙيون، اُئي اچي گڏ ٿيون،
اوسر ڪيون هيون، اورنيون اوريون،
لکين ڪروڙيون، رڻ سپوئي روجهيون[3].

سچل سرمست جي ڪلام مان، خاص طور روجهن جي رهائش رڻ معلوم ٿئي ٿو.

پالهريون پهاڙ جون، رڻين ڪوه رهن،
لوچي سي لهن، جن سچو ٻڌو سندرو[10].

مٽاهن ماڻرن ۾ چرن ٿيون ۽ مقرر منڊ ۾ وري واپس رڻ ڏي موٽن ٿيون. اهو فطري آهي تہ جيو اصل ڏي موٽي. روجهون به اڄ اُسات لاهڻ ڪانپوءِ موٽڻ جي ڪن ٿيون.

---

(1) ايضاً ص 252.
(2) ايضاً ص 252.
(3) ايضاً ص 253.
(4) ايضاً ص 257.

راهي ٿيون رڻ ڏي. لاهي اوست آڇ.
پهاڙيءَ مان پُڇ. روجهن ڪيا رڇ تي[1].

مٿي چند بيتن جي حوالي سان شاعر جي ظاهر ڪيل خيالن جو ظاهه پهلو نظر اچي ٿو. پر سچل وڏو مفڪر به آهي. هُن فقط زيب داستان لا روجهن وارا بيت نه چيا آهن. هنن ۾ اندر جي اونهن اسرارن کي ظاهر ڪيا آهي. شاعر پنهنجي سوچ ۽ لوڇ جي اظهار لاءِ ماحول مان اشارا ۽ اهجا ونڊي ٿو. روجهه هڪ جانور آهي. پاڻيءَ جي تنگيءَ کان مسڪن ڇڏي ٿو سچل سرمست اندر جي آڇ جو اشارو روجهه جي جي آڇ آساڻ جي حوالي سان ڪيو آهي. سچل سرمست جي شاعريءَ جي عام نهج کي ڏسجي ته اِ جو اشارو هُن جي خيالن سان هم آهنگ آهي.

سچل جي سنڌي رسالي جي موجود ترتيب کي ڏسجي ته روجهن جي بيتن کانپوءِ سر سارنگ رکيل آهي. جنهن ۾ پلر جي پالوٽ ۽ سارنگ ج رنگ آهن. انهيءَ لحاظ کان شاعر جي ذهني ارتقا ۽ خيال جي پرواز جو پت پوي ٿو. سچل بيشڪ هڪ طرف شهانو شملو ٻڌڻ جي هام هڻي ٿو.

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريو. مرد ٿئين مردانو.
وهر سچل کي ٻانهپ وارو. شملو ٻڌ شهانو.

جيئن قابل اجميري چيو آهي.

هم بدلتي هين رخ هوائون کا،
آئي دنيا هماري ساتھ چلي.

سچل ڇڇ جي پٽيان هلڻ وارو نه آهي ۽ پاڻ کي گهوٽ ڇاڻڻ وار آهي. پر انسان جا ڪي لمحا درد ۽ جدائيءَ جا، ڪي پل آڇ آساڻ جا روجهن جهڙي حالت بنائين ٿا. درد جي ذڪر ۾ سچل هونئن يگانو آهي بيڪس ڏکن جو ڏاڇ گهري ونڊي ٿو ۽ سچل ته درد کي ڇڻ مرد لاءِ ضروري ڇاڻي ٿو. اهڙي شاعر لاءِ روجهن جو اشارو ته هڪ نڪتي کي واضح ڪر مثل آهي. سچ ته سچل روجهن جي هُن اشاري کي آڻي پنهنجي جها دوستيءَ جو ثبوت به ڏنو آهي. نه ته هڪ جهنگ جي جانور ڏي ڪنهن ج ٿو ڏيان وڃي. جڏهن ته روجهه هڪ عام جانور به نه آهي. روجهن جو ذڪ ڪري سچل سرمست پنهنجي انفراديت به قائم ڪئي آهي.

---

(1) ايضاً ص 255.

سچل سرمست جو جھولڻو

سنڌي شاعريءَ جي مطالعي مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ "جھولڻو" نسبتا هڪ گهڻ مقبول صنف آهي. هن وقت تائين هن صنف جا جيڪي متن ملیا آهن، سي بہ ٿورا آهن. سچل سرمست (1829 - 1739ع) جي سنڌي ڪلام ۾ هن نالي سان جيڪو ڪلام آهي، تنهن جو هيئت (form) ۽ مواد (Content) جي لحاظ کان جائزو پيش ڪجي ٿو.

سچل سرمست کان اڳ شاهہ جي رسالي جي پراڻن ڇاپن ۾ تقريباً جھولڻي جي انداز جي هڪ صنف موجود آهي. جنهن کي "مت" نالو ڏنل آهي ۽ سُر ڪاپائتيءَ جي پٹيان رکيل آهي. مضمون بہ ساڳيو سُر ڪاپائتيءَ وارو ئي اٿس.

مَت جو هر بند ڇهن مصرعن جو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ هن لاءِ فقط ايترو لکيو: "پارسي نظم مسمط جي طرز تي چيل آهي. اها پڻ شاهہ جو ڪلام نہ آهي[1]" ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ اُن ڪري هيئن چيو جو اُن کي مسمط بند ذهن ۾ هو ۽ مت مصرعن جي مدنظر مسمط جي هڪ قسم مسدس وانگر هئي. پروفيسر جهمٽمل خوبچند پاوناڻيءَ، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ هن جي راءِ سان اختلاف ڏيکاريندي لکيو: "مرزا قليچ بيگ رسالي ۽ آيل ڪاپائتيءَ پٹيان مت کي شڪي نگاهہ سان ڏنو ۽ گربخشاڻيءَ تہ اُن لاءِ ڏاريون ڪلام هجڻ جي فتويٰ ڏني[2]". جهمٽمل جي کوجنا موجب مت جو وزن ڇند سان لاڳاپيل آهي ۽ مت "چوپائي ڇند" ۾ مان ٹيل آهي. هن

(1) گربخشاڻي هوتچند مولچند: شاهہ جو رسالو: شاهہ عبداللطيف ثقافتي مرڪز پٹ شاهہ 1985ع ص 77.

(2) پاوڻاڻي، جهمٽمل خوبچند: مهران س ـ ا ـ ب 1955ع ص 130 مقالو "شاهہ جي شعر جي بناوت" تي هڪ نظر. (ڇند وديا تي پاوناڻيءَ جو مڪمل ڪتاب "ڇند سڌنڌ" آهي، جيڪو 1953ع ۾ هندو پريس اجمير ۾ ڇپيو).

صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ سڳنڌ ۾ اهڙي مڪمل تحقيق پيش ڪئي آهي. جهڻمل جي ڪتاب کان اڳ قديم سنڌي شعر جي وزن تي 1937ع ۾ آسانند ڇتارام هندي پنگل نالي ڪتاب لکيو جنهن ۾ جهڻمل سان ڇند تي لکيو ۽ مٽ جو ڏيان نه ڇڪجي ويو. وزن جي هن نظام تي لکڻ لاءِ هُن هندوستان جي مختلف ٻولين جو ڪلام به ڏنو ۽ وزن بابت به ڪتاب پڙهيائين. پروفيسر جهڻمل بلڪل کولي ظاهر ڪيو ته سنڌي بيت ۽ وائيءَ کي ناموزون شعر هرگز نه چوڻ کپي، هنن ۾ وزن موجود آهي. اُهو وزن "ڇند" آهي. ڇند ۾ به عروض ڏگهي آواز لاءِ به ماترائون ڳڻيون ۽ ننڍي آواز لاءِ هڪ ماترا ڳڻبي. هيئين ڇند ڇندن ۾ خاص طور سنڌي بيت موزون ٿيل آهن. بيت جي هر سٽ جي بن ٽڪرن (پدن) ۾ ماترائن جي ڳڻپ جي لحاظ کان اُهي ڇند هي آهن:

نالو	ماترائن جي ترتيب
1. دوهو	11+ 13 = 24
2. سورلو	13+ 11 = 24
3. ات بروا	9+ 12 = 21
4. دڪپال	12+ 12 = 24
5. چندرائڻ	1+ 11 = 21

ڇند جا مختلف قسم هندیءَ توڙي ڪن ٻين ٻولين جي شعر ۾ ڪم آيا آهن. دهلي يونیورسٽي جي پروفيسر ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻيءَ پنهنجي ڊاڪٽريٽ جي مقالي ۾ ڪجهه ٻيا ڇند به ڏسيا آهن، جن جو سراغ هُن کي گجراتي ۽ راجستان جي ٻولي ڊنگل ۾ مليو. اُهي آهن تٽويري دوهو ۽ بڙو دوهو. انهن ۾ هڪ سٽ دوهي جي ۽ هڪ سٽ سورٺي جي جڙيل ملي ٿي[1]. هوڏانهن پروفيسر جهڻمل "مت" تي خاص طور تفصيل سان لکيو. هُن صاف صاف لکيو ته رسالي واري مت جو واسطو ڇوپائي ڇند سان آهي[2]. مت جي هر بند جون جيڪي ڇهه مصرعون آهن، تن مان

(1) جوتواڻي: موتي لعل: شاهه عبداللطيف هڪ لائف ائنڊ ورڪ. دهلي يونيورسٽي دهلي 1975ع ص 79.

(2) ڏسو حوالو نمبر 2 صفحا 132 - 133.

پهريون ڇار 16 - 16 ماترائن تي ۽ پويون ۾ 15 - 15 تي ٻڌل آهن. سورهن واري ست کي ڇئبو ڇوپائي ۽ پندرهن واريءَ کي ڇوپئي يا ارڙالي ڇوپئي سڏبو. هن سلسلي ۾ رامائڻ مان ڇوپائيءَ جو مثال ڏنو اٿس.

ڏيرج ڏرم متر اور ناري،
پت کال پرکني چاري،
سوک ست نرپ کرپن کاري،
کُپتي متر شول سر چاري[1].

پراڻن سنڌي درسي ڪتابن جا اڪثر نظم ۾ مت جي وزن (ڇوپائي ڇند) تي آهن. "واه ڙي تارا گول تارا" ۾ انهن ۾ هڪ آهي. امير خسرو جون پهيليون (ڪجهارتون) ۽ بيو ڪيترو هندي ڪلام ۾ هن ڇند تي موزون ٿيل آهي. رسالي جي مت ۾ مضمون جي لحاظ کان شاعر غفلت ڇڏڻ ۽ چرخو چورڻ جي صلاح (مت) ڏئي ٿو. اِتي مت ڏيڻ/عقل جي تلقين ڪرڻ جو تاثر ۾ ظاهر آهي. هوڏانهن وزن ۾ پورو ڪلام هجڻ ڪري ۾ اِهو ڇاڻجي ٿو ته شاهه صاحب هن ميدان ۾ ۾ سُجاڻ شاعر هو. شاهه جي رسالي جي هن مت جا ۾ بند نموني طور ڏجن ٿا.

ويئتي هتان تو مُند ويئي،
ڪين ڪَتئي پت پر ويهي،
وقت تمام ڏس تان ٿيوئي،
قوت سعيو ٻڌ تون ٻيئي،
نيت خاصي رک نبارا،
چرکو چوري ڪت ڪاتار[2].
اٽ ڪاپائتي آڏيءَ ڪت،
ست سيرم رويَو رت،
ووءِ ووءِ تي ۾ ويڳاڻي وت،
پورهيو پورهيت ايءَ پهت،

---

(1) ايضاً ص 131.

(2) ترمڻ، ارنيسٽ: شاهه جو رسالو: شاهه لطيف ثقافتي مرڪز 1985ع صفحا 679 - 690.

ڪر تہ سدا تون هُئين قرار.
چرڪو چوري ڪٽ ڪاتار[1].

(2)

سچل سرمست جو جهولڻو بہ مسمط طرز جو آهي. هن ۾ ڪل بنجاه بند آهن. پهريان 48 بند اٽن ۽ نون مصرعن تي مشتمل آهن. بند نمبر 49 ۾ يارهن ۽ بند نمبر 50 ۾ ڏهہ مصرعون آهن. هن جو مضمون سر سسئيءَ سان واسطو رکي ٿو. عنوان جهولڻو چو ڏنو ويو؟ اها ڳالهہ واضح نٿي ٿئي. ڪا راڳڻي بہ انهيءَ نالي سان نہ آهي. البت هندوستاني راڳ مالا ۾ ڪن راڳن جي بولن / لڪشڻ گيتن ۾ لفظ جهولڻو ڪم آيو آهي. جيئن راڳڻي شنڪرا جو هڪ لڪشڻ گيت / بول، جو استائي / ٽل هن ريت آهي:

جهولنا جهُلائيي ـ آئي رت ساون کي.

"جهولڻو" پينگهي (Cradle) کي بہ چئبو آهي. انهيءَ مناسبت سان خوشيءَ ۽ سرشاريءَ جو تاثر ملي ٿو.

جهولڻي جي نالي سان جناب عبدالحسين شاهہ موسوي ۽ محمد ابراهيم عباسي پنهنجي ڪتاب سرهاڻ ۾ ڪجهہ سرائڪي ڪافيون ڏنيون آهن. صنف بابت، ڪجهہ بہ نہ لکيو ويو آهي. ڪافيون شاهہ نصير، موهن پيڱٽ ۽ فيض دريا جون آهن: مثال:

بن بئسر بولي ميڏا جاني نور نشاني،
قسم قرآني.
لڏ تنهيندي لوڏي ميڏي دل ڪيتي مستاني،
قسم قرآني.
ميلي ڪپڑي سنهن منڊل ڪون، پنڌ ڪيتس دل بانهي،
قسم قرآني.
جو سينگار ڪري ميڏا سهڻا تہ گهني حوران ڪون حيراني،
قسم قرآني[2].

شاهہ جي رسالي جي مت ۽ سچل جي جهولڻي جو وزن ساڳيو ئي

(1) ايضاً ص 692.

(2) موسوي ۽ عباسي: سُرهاڻ سنڌ پرنٽنگ پريس حيدرآباد 1958ع ص 212.

"چوپائي چند" تي آهي. سچل وٽ ڪٿي ڪٿي ڏارين لفظن ۾ تضمير سبب ماترا جو فرق بہ آهي. بيو فرق هي آهي تہ جهولڻي ۾ ستون هر بند ۾ ڇهن کان وڌيڪ آهن. جهولڻو سسئيءَ جي داستان سان واسطو رکي ٿو ۽ سچل جي سنڌي ڪلام ۾ سسئيءَ جي يارهن داستانن جي پنڌيان اڇي ٿو. جن ۾ بيت وايون ۽ ڪافيون آهن اُن ڪري ائين چئبو تہ هي جهولڻو هڪ تڪملو بہ آهي. سسئيءَ تي چيل جملي ڪلام کان پوءِ سچل جي طبع جي جولاني جو نتيجو جهولڻو آهي. جنهن جا ابتدائي بند سرتين ۽ سکين سان سوال جواب تي مشتمل آهن[1]. شاعر هيئن ابتدا ڪري ٿو:

سرتيون سپ ٽيس صلاحي،
هو تان راه وڻي ٽيا راهي،
چو ٽينءِ ڪيہ تنين جي ڪاهي،
ڏونگر ڪيم ڏسائج ڏاهي،
حب ۾ ڪونہ ڪندئي همراهي،
تڏهن ڇپ ڪرڻ تو ڇاهي،
پر هو اهڙو امر الاهي،
ٻيا سپ ويهہ تون وهم وساري[2].

سسئي سرتين جي صلاح ٻڌي چوي ٿي:

چي ڙي مون سان مور نہ ٽيو مصلحاتي،
ثابت سڪ رهي ڪا ساتي،
هاريون هي جا آهي حياتي،
تن کي روه رسان ٽي راتي،
پائيديس جهر تتي جهنگ جنهاتي،
ڇا جي ڇڇي پوي مون ڇاتي،
ڪنديس ووڙ شندن ويلا تي،

---

(1) جهولڻي جا مثال لاءِ ورتل بند عثمان علي انصاريءَ جي ترتيب ڏنل سچل سرمست جو سنڌي ڪلام سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو جي 1982ع واري ڇاپي تان ورتل آهن.

(2) انصاري ص 190.

ايندس ساڻ ونڊي پڙ پياتي،
ڏسنديون هوت مڙيئي هكواري[1].

سسئي سرتين جي كا ڳالهه نٿي ٻڌي. كو دليل نٿي قبول كري. كنهن خوف خطري كي خاطر ۾ نٿي آڻي. ڏونگر ڏورڻ ۽ جبل جهاڳڻ لاءِ كمربسته آهي. سرتيون كيس خبردار كن ٿيون.

جيڏين كيس وراڻي جوڙي،
هٻت ٿو روه رڙندا روڙي،
تنهن جو تاب نه سگهندي توڙي،
آڏو مير ميائي موڙي،
رائو ريگ ٿرن كوٽ ٿوري،
سگهندئين پير نه كرگل كوڙي،
تون تان لعل لهين كيئن ووڙي،
كنهن جي كام كمر ڇڏ چوڙي،
پيا ٿي ماڳ مرون چوڌاري[2].

سرتين جي صلاح نه ٻڌائين ۽ ستي ٿي سندرو ٻڌي پنهونءَ سان پريت پاڙڻ خاطر نكري نروار ٿي. سچل سرمست انوكن لفظن ۽ سهڻن قافين سان اها ڳالهه هيئن ٿو بيان كري:

كيچين كي لڳي هوءَ كهكي،
پهرئين پور ٽكر سان ٽهكي،
كامڻ كوه ڏسي نا ڏهكي،
اٿي روح نه تنهن جي رهكي،
توڙي پير ڦٽس پٻ فهكي،
تاڙوٽ پي نار نه بلكل نهكي،
اوجان عاشق اهڙي اهكي،
ڏونگر سپ وڌائين ڏاري[3].

---

(1) ايضاً ص 191.

(2) ايضاً صفحا 193 - 194.

(3) ايضاً ص 197.

سچل سرمست جي طبع جي جدت خود جهولٹي جي هيئت ۽ روانيءَ ۾ ظاهر آهي. نہ رڳو سندس قافيا نوان ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ آهن، پر اڪثر رديف بہ ڪم آڻي ٿو. رديف ڏهڑن بندن ۾ بہ هڪ نئون رويو آهي.

ڏونگر ڏيرن ڏي ڏس ڪوئي،
اوڙي روح نہ ٻيو رس ڪوئي،
ناهي ويچاريءَ جو وس ڪوئي،
لاهي ڪونہ ٻيو ڪس ڪوئي،
ناهي جانب جو جس ڪوئي،
ڪُٹي غم ڏسي ڪسڪوئي،
خاطر منجهہ نہ پيس خس ڪوئي،
وٹي درد ڦري ڏس ڪوئي،
ٻيٹي عشق منجهوئن اوساري[1].

سري جي محاوري (Dialect) موجب "آن" پڇاڙيءَ سان جمع ٿهي ٿو. سچل سائين اهڙا جمع قافيا بہ ڪم آندا آهن جن سان مخصوص نغمگي پيدا ٿئي.

هي هي ماري عشق اميران،
ويٹي وره وڪيل وزيران،
توڙون هيئن لکيون تقديران،
ٻانهن هٿ ٿيون تقصيران،
ڏاڍيون عشق سنديون تڙپيڙان،
پٹيءَ منجهہ برد بهيران،
هلن هت نڪي تدبيران،
مون سان سندين سون سفيڙان،
ورتئي وره ڪنهين وڻجاري[2].

يا هن بند جا قافيا ملاحظ ٿين.

---

(1) انصاري ص 199.
(2) ايضاً ص 200.

مٿي روه ڏسي سارمڪي،
ڪا جا عشق چڪايس چمڪي،
ڏسي سُڄ نہ دم پر دهمڪي،
محبت مُور نہ ڪامڻ ڪمڪي،
گوندر وچ گذاري غمڪي،
هاديءَ جانب سان نئين جمڪي،
تنهن تا تانگهه نہ تر هڪ تمڪي،
مٿن وچ وره جي چمڪي،
تنهن جي شور وڏي شوڪاري[1].

جهولڻي جي پوين بندن ۾ سوال جواب جو اهو سلسلو قائم نہ رهيو آهي، جيڪو ابتدائي بندن ۾ آهي. آخري بندن ۾ شاعر خاص طور سسئيءَ جي همت ۽ عزم کي ساراهي ٿو. سچل سرمست اهو ٻڌائي ٿو ته سسئيءَ هي ڪشالا ڇو ڪيا؟ هوءَ وحدت جي وادي‌ءَ ۾ گم ٿي ويئي ۽ دوئيءَ کان دور ٿي منزل ماڻيائين.

سسئي ڇام پنهون هڪ هوتان،
ڪامڻ جانب ڳوليو جوتان،
ساڳي پاڻ پنهون هئي سوتان،
پڇي هيءَ ڳجهارت ڪوتان،
ڇاجي ڪاڻ ڪرين ٿي ووءِ تان،
ڇپر ڳولي ٿي سا ڇوتان،
سچو دوست دوئيءَ کان ڏوتان،
ساڃن ڪيئن صحي ڪيو توتان،
پر جي عشق اچي اوجاري[2].

سچل سرمست کو عام شاعر نہ آهي هو پنهنجي هر گفتي ۾ بامقصد نظر اچي ٿو. ڪٿي بہ تڪبندي ڪندڙ ۽ لفظن جو ڪيڏاري نظر نٿو اچي. دوئي ڇڏڻ ۽ هڪ عاشق صادق سالڪ وانگر پروڙي پير ڪٽڻ جي تلقين ڪري

(1) انصاري ص 204.
(2) ايضاً ص 207.

ٿو. راءِ جون رندڪون تڏهن هٿي وجن ٿيون جڏهن سالڪ پاڻ سجاڻي ٿو.

ظاهر سچ تہ سڀ ڪنهن جانين،
هيءَ پيي رمز تون دل سان لائين،
تون تان آئينو ٿي آڻين،
پنهنجو پاڻ ۾ ئي منهن پائين،
مين کي ڇوڙ تہ ٿيوين سائين،
ٻولو مُور نہ هن ۾ پائين،
توکي سچ صحي سڃائين،
ڪاشي ناهي بنا حق ڪائين،
ڪُل شيءِ "ناطق" بالحق ڀَالهہ اهائي ڳائين،
هر جا پاڻ غني گفتاري[1].

اهڙي ريت هن صنف ۾ بہ سچل سرمست پنهنجو آدرش اوچو رکي ٿو ۽ وحدت جي وائي ڪندي سسئيءَ جي پوش ۾ هڪ سچي سالڪ ۽ پرعزم ڪردار جي اُپٽار ڪري ٿو.

(1) انصاري ص 208.

سچل جو مالڪونس

اسان جا تقريباً سڀ وڏا شاعر سماع جا ڪوڏيا هئا. علم موسيقيءَ ڏي لاڙو هجڻ جون ثابتيون سندن ڪلام جي مجموعن مان ملن ٿيون. شاهه جو رسالو ۽ سچل جو رسالو انهن مجموعن ۾ تمام اهم آهن. اڄوڪي گفتگو ۾ سچل سرمست جي رسالي جي سُر مالڪونس بابت چند ڳالهيون چوڻ گهران ٿو.

اڄان سچل جي رسالي جي موسيقيءَ جي باري ۾ باضابطه طور ڪجهه به نه چيو ويو آهي. جيڪڏهن سندي رسالن جي ترتيب کي ڏسجي ته انهن سيني ۾ نالن جي ٿوري ڦيرڦار کانسواءِ ساڳيا سُر هن سلسلي جا بنيادي ماڊل/نمونا آهن. ڪيترائي رسالا هنن نمونن جي پيرويءَ ۾ ترتيب ڏنا ويا. انهن ۾ فقير صوفي محمد صديق صادق (1849 - 1756ع) جو راڳنامو اهم آهي. هن ۾ شاهه جي رسالي جي سُرن جي نالن کانسواءِ ڪي بيا نالا به آهن پر مضمون ۾ فرق ڪونهي. نوان نالا آهن: سوزڙو (سوڏڙو) وهاڳڙو ۽ موڪي[1]. اهڙا مختلف نالا شاعرن جي مجموعن ۽ بياضن ۾ بيا به ملندا پر مضمون ۾ ڪو فرق نه آهي. شاهه جي رسالي جي سُر رامڪليءَ وارو جوڳين جو مضمون سچل "پورب" جي سر ۾ آندو آهي[2]. اهڙي ئي مضمون جو بيو ڪلام رسالي جي مختلف سرن ۾ به آيو آهي. سچل سرمست، شاهه جي رسالي جي سر پورب وارو مضمون پنهنجي سر مالڪونس ۾ آندو آهي. جنهن کي ترتيب ڏيڻ وارن مالڪوس سڏيو آهي. پر راڳداريءَ وارا مالڪونس سڏين ٿا. سچل سرمست هن سر ۾ محبوب ڏي نياپو سنيهو موڪلڻ ۽ محبوب جي خط جو اچڻ، قاصد جو اچڻ، خط جو پڙهجڻ ۽ اُن

(1) ڈسو ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ايڈٽ ڪيل صادق فقير جو راڳنامو شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز 1981ع.

(2) مرتب جي ترتيب ائين آهي. ڈسو سچل سرمست جو سندي ڪلام از عثمان علي انصاري.

وقت جي دلي ڪيفيت جو احوال آندو آهي. ڪانگل جون لائينون ۽ ڏاهي جا نياپا هن سر جو خاص مضمون آهي. پهرين راڳ مالڪونس جي مختصر بيان ڪانپوءِ سچل جي ڪلام ڏي اچون ٿا. مالڪونس جو واسطو پيرويءَ سان آهي. پيروي هڪ راڳڻي هجڻ سان گڏ هڪ ٺاٽ بہ آهي مالڪونس هن ٺاٽ جو راڳ آهي. راڳڻي پيرويءَ جا سڀ سُر ڪومل هوندا آهن. هن ۾ ست ئي سر لڳن ٿا. بلڪل بنيادي سرگم جي ترتيب ۾: ساري گاما پا ڏا ني سا. پيروي ڏينهن رات جي ڪنهن بہ پل پهر ۾ ڳائي سگهجي ٿي. اُن ڪري هن کي سدا سهاڳڻ بہ چئجي ٿو. آروه ۽ اوروه ۾ ست سُر آهن. اُن ڪري پيروي سمپورڻ راڳڻي آهي[1] مالڪونس پيروي ٺاٽ جو هجڻ ڪري سڀني ڪومل سُرن تي آڌاريل آهي. مالڪونس جو تفصيل هن ريت آهي:

- ري (رکب) پا (پنچم) خارج آهن.

- بري (قسم) اودو - اودو يعني آروه توڙي اوره ۾ پنج سُر سا گا ما ڏا جي (سا).

وادي سُر - مڈم

سموادي سُر - کرج (سا)

ڳائڻ جو وقت = رات جو ٻيو پهر

خاص تان - ڏا ني سا گا ما گا سا گا ما گا سا.

هونئن مالڪونس خود ڇهن بنيادي راڳن مان هڪ آهي. هن راڳ ۾ مڈم جو استعمال گهٽو ٿئي ٿو. ايترو نمايان آهي جو ڪنهن ٻئي راڳ راڳڻي کان علحدو لڳندو آهي[2].

راڳ مالا ۾ مختلف راڳ راڳڻين جي هڪ ظاهري شڪل بہ متعين ڪيل آهي. انهيءَ لحاظ کان مالڪونس جي بہ هڪ شڪل آهي. اٿا هيءَ آهي تہ "هڪ نوجوان آهي جنهن جي اکين ۾ تيج آهي. گلي ۾ موتين جي مالها اٿس ۽ ڪلهي تي ڏنبو اٿس. هن خيالي شخصيت ۾ جلال جي ڪيفيت آهي. سچل جي شخصيت جي اپياس مان اهو انگ بہ چٽو ظاهر

(1) قاضي ظهور الحق: رهنماءِ موسيقي. پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف آرٽس اسلام آباد 1975ع ص 200.

(2) ظهور الحق ص 201.

ٿئي ٿو. پنهنجي ڪلام جي مختلف عنوانن مقرر ڪرڻ ۾ پاڻ يا سندس سهڪارين، ٻالڪن، دوستن ۽ متاخرين نهايت هوشياري ۽ چابڪدستيءَ سان سوچيو ۽ عنوان/سر/نالا مقرر ڪيا. مالڪونس جي سرن جي تاثر کي ڏسڻ کان اڳ هن عنوان تحت آيل ڪلام تي هڪ نظر وجهڻ کپي. منهنجي اڳيان جناب عثمان علي انصاريءَ جو ترتيب ڏنل "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" آهي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي. هن رسالي ۾ مالڪونس ستن داستانن ۾ ورهايل آهي ۽ هرهڪ داستان ۾ 9 وايون آهن. بيتن جو تعداد هن ريت آهي:

داستان پهريون 21 بيت.

داستان ٻيو 24 بيت. داستان ٽيون 30 بيت.

داستان چوٿون 18 بيت.

داستان پنجون 24 بيت.

داستان ڇهون 22 بيت.

داستان ستون 14 بيت.

هن سر جو مضمون شاهه جي رسالي جي سر پورب سان مشابهت رکي ٿو. اُن جو وڃور هن ريت آهي:

داستان پهريون: ـ ڪانگل جو نياپو آڻڻ. ڏاهي جو ڏار ڇڏي نينهن جا نياپا ڏيڻ ۽ سڃڻ جا سنيها وغيره.

داستان ٻيو: ـ قاصد نياپو آندو. نامو آيو.

داستان ٽيون: ـ محب جو خط آيو.

داستان چوٿون: ـ محب ڏي خط لکيم ۽ خط آيو وغيره.

داستان پنجون: ـ ڏاهو ڏار تي ڇڏي ٻيو ٻولي. آڻڻ وغيره.

داستان ڇهون: ڪانگل سان ڳالهيون. ڏاهو ڏار تي چرهيو ٿو لنوي.

داستان ستون: ـ تقريبا ڇهين داستان وارو ساڳيوئي مضمون.

عشق جي واردات ۾ پرين ڏي پيغام موڪلڻ ۽ سڃڻ جو سنيهو اڇڻ هڪ خاص ۽ پسنديده مضمون وانگر آهي. مجاز ۾ نياپي جي گهڻي اهميت آهي. سچل سرمست هن واردات کي مالڪونس جي آهنگ ۾ آندو آهي. اُن ۾ به سبب آهن: هڪ ته راڳ مالڪونس جي فراق ۽ سوز ۾ ڪامليت ۽

ڪومل سُرن جي چٽائي نمايان آهي. هونئن بيشتر خواتين ڳائڻيون راڳ مالڪونس گهٽ ڳائيندڙيون آهن. سچل سرمست جي طبع سان هن راڳ کي گهڻي مشابهت آهي. جنهن ۾ جلال ۽ بيباڪي نمايان آهن. بيو ته مالڪونس ۾ ترتيب ڏنل سرمستاني ڪلام ۾ اها بيباڪي ناهي جيڪا صوفياڻي ڪلام ۾ اٽس پوءِ به محبوب ڏي پيغام موڪلڻ ۽ محبوب جو سلام اچڻ هڪ جذباتي لمحي کي جنم ڏي ٿو. پکيءَ کي ڪيئن پارانيا ٿا ڏجن.

روبو روبو رت، ٿو پکيءَ پارانيا ڏئي،
ته پيرين وجهانءِ گهنگهرو، سي چمڪائيندو وت،
ڪيئن وڻي خط، سگهڙو ساڻيئڙا ورين[1].

ڪانگڙو سڃڻ جي پار ڏي ويو، جيڪي اٽي ڏسي آيو تنهن سندس ئي هينئڙو قسائي وڌو، سنيهو چا ڏي.

ڪي جو ڪانگ ڏسي، ڪالهه اوڏاهون آئيو،
پيس هنياءِ قسي، ڳالهيون ڪندي سڃڻين[2].

نامي ۾ چا هو جو قاصد ئي وات تي ڪري ٿي پيو، پر جي سلامت پهتو تان عاشق مٿانئس ئي سر قربان ڪرڻ لاءِ آتو.

عريضو آڻي، ڏنو قاصد قريين جو،
هن ويلي هاڻي، هي سر ڪريان صدقو[3].
پڙهندي پرزوئي، واڇيندڙ وهلور ويو،
لڳين لرزوئي، اڇي پيس اوڇتو[4].

نہ رڳو ايترو پر قاصد جو پنهنجو ئي ساهه تاڪجي ويو. نياپو ڏيڻ سان هن جي اجهو هيءَ حالت ٿي.

قاصد ايندي ئي، پيو شوڪارن ۾،
نياپا ڏيندي ئي، ساڻيءَ ساه مٿي ويو[5].

سچل سرمست هن صورتحال کي جدا جدا اشارن سان بيان ڪري ٿو.

(1 ۽ 2) مالڪونس داستان 1 بيت 10 ۽ بيت 17.

(3) مالڪونس داستان بيو بيت 10.

(4) ايضاً بيت 12.

(5) ايضاً بيت 13.

سنڌس بيان ۾ قاصد ۽ واڇيندڙ (خط پڙهندڙ) به اهم ڪردار آهن: جيڪي مورڳو عاشق ۽ معشوق کان به جذبات ٻڌن. روئڻ ڏوئڻ ۾. آهون ۽ شوڪارا پرڻ ۾ اڳرا آهن. بقول سچل جي ته نامو به اهڙو ئي هو. ڇڻ شوق جو شعلو هو.

هُن پانيو نامو، پر شعلو هڻڙو شوق جو،
جند سارو جامو، تنهن جو سپ سڙي ويو[1].

ڪانگ کي نياپو آڻيندڙ طور سنڌ جي وڏن شاعرن ۽ سگهڙن گهڻو ياد ڪيو آهي. هُن جا پر سون سان مڙاهڻ کان وٺي چهنب موتين سان جڙائڻ جو وعدو ڪيو ويو آهي. ڏاهو به وڏو ذات ڏٺي آهي. هو لامن تي جيڪي لاٽيون ٿو لنوي سي سڪ وندن جا ڇڄ ٽيون ڳارين آتش وارين ۾ "هيهات هيهات" جو آواز ٿو ٻڌڻ ۾ اچي.

ڏاهي چڙهي ڏار تي، ڪا جا لتي لات،
ڏک ڏنائين سپ کي، وائي آئي وات،
پيون ۾ هيهات، آتش واريون اٺهين[2].

عجيب جو نياپو ڪانگ لنوي ٿو ڏي. سچڻ جو خط ٿو اچي. ان کي واچڻ پڙهڻ وڏي دل گردي جو ڪم آهي. سچل سائين هن ڳالهه جو ذڪر وري وري ۽ شدت سان ڪيو آهي.

واچيندي وياس، هاريون پنهنجي حال کوڻ،
نامي تنهن نياس، پاڻ لکيو جو سچٽين[3].

ڪانگ جي ڳچيءَ ۾ پارانپا پوئي وڌا پيا وجن ته ڪٿي وات تي ڪري نه پون.

پارانپا پويون، وڃهي ڳوري ڳچيءَ ڪانگ جي،
ڪيڙي آب اکين مان، نيهين نچويون،
لڙڪن سان لويون، تي هنئين لاٽين هٽڙا[4].

سچل سرمست مالڪونس جي بيتن وانگر ڪافين ۾ به پنهنجي اظهار

(1) مالڪونس داستان ٽيون بيت 17.
(2) مالڪونس داستان پنجون بيت 10.
(3) مالڪونس داستان ڇهون بيت 12.
(4) مالڪونس داستان ستون بيت 3.

جي عروج تي آهي. سندس هيءَ مشهور ڪافي هن سلسلي ۾ ڪٽي وساري سگهجي ٿي.

لنگهي ويون ڪالهه قطارون،
ڪونجڙيون جون ڪيچ وٽن ڏنهن ميان،
ڪنديون ويون ڪيچ ڏي، طرحين طرحين تنوارون،
ويچاريون ميان الا، ڦٽي ٿيون سي ڦارون،
ولرين ڪونجڙيون ميان الا، ڪنهن اندوه اڏاريون،
انهن جي افسوس جون، پوندیون ويون پچاريون،
اٽن ڳانا پٽ جا، موتين مڙهيون مهارون،
سچو هليو سوز ۾، لاهي لوڪ مياروں[1].

ڪافي ۽ ٿمريءَ جي گائڪيءَ ۾ ڪو خاص فرق نه آهي. راڳ مالڪونس ۾ ٿمريءَ جو رواج وري گهٽ آهي. ڪا ڪافي ۽ غزل ڳائجي ٿو تہ اها هڪ خاص ڪمپوزيشن/بندش ٿئي ٿي ۽ ڪا هلڪي ڦلڪي ڌن يا ڪن ٻن راڳڻين جو امتزاج نٿو رهي پر مالڪونس ۾ ارادي سان هڪ نوس طرز ترتيب ڏجي ٿي. سچل سرمست به راڳداريءَ جي فن کان واقف هو. مٿين وائي به مالڪونس جي هڪ نوس بندش ۾ آهي ۽ سچل هڪ سچاڻ موسيقار شاعر آهي. هن سر جي ترتيب مضمون توڙي موسيقيءَ جي لحاظ کان سندي شاعريءَ ۾ هڪ اهم موڙ آهي. اگر اهو سوال پچيو وجي تہ مالڪونس ۾ هي ڪلام ڇو موزون.ڪيو ويو؟ ان جو جواب هي به آهي تہ اهو شاعر تي ڇڏيل آهي تہ هو ڪيئن موزون ڪري ٿو ۽ ڇا جهونگاري ٿو. ڪنهن ٻئي راڳ راڳڻيءَ ۾ به هي ڪلام ڳائي سگهجي ٿو پر سچل سائينءَ پوري خبرداري ۽ سڃاڻ سان مالڪونس ۾ هي ڪلام جڙيو آهي.

---

(1) مالڪونس دامتان ٻيو ڪافي 7.

سچل ۽ جماليات

جيئن ته حضرت سچل سرمست لاءِ اهو مشهور آهي ته پاڻ بيخوديءَ ۾ ڪلام چيو اٿس ۽ اهو سندس ڪلام مان ظاهر به ٿئي ٿو. سچل سرمست بيخوديءَ ۾ به جيڪي بولي ٿو، سي بول بڌڻ جهڙا آهن "هن حسن ازل بابت جيڪي چيو، اهو بلند بانگ چيائين سندس آواز ۾ ڪنهن به طرح ڪمزوري نه آهي. لفظ به چٽا چٽا ۽ حسن جي سرڪار ۾ بانهن ٻڌو بانهو به آهي.

پروفيسر لطف الله بدوي لکي ٿو"، سندس شعر جو گهڻو حصو تصوف جي باريڪ نڪتن سان معمور آهي. مقامات تصوف جو سمورو احوال سندس شعر ۾ سمايل آهي. نفي ۽ اثبات، بقا ۽ فنا، ذڪر و فڪر، حال ۽ قال، هم اوست ۽ وحدت الوجود جهڙا مسئلا نهايت عمدي طرح ادا ڪيا اٿس.

بدوي صاحب جي هيءَ راءِ سچل سرمست جي ڪلام بابت مڃيل راءِ آهي. پر نت نت نون نمونن سان حسن جو بيان ڪري ٿو. جماليات بحيثيت هڪ فن جي دنيا جي ادب ۽ آرٽ ۾ هڪ اهميت وارو موضوع به آهي ۽ وري ڪنهن فنڪار جي تخليق ۾ جماليات کي پرکڻ ايترو آسان ڪونهي. جيترو اُن بابت ٿورن لفظن ۾ راءِ ڏُبي آهي. سچل سرمست جي ڪلام ۾ جتي بيباڪيءَ سان، منصوري موج ۾ نينهن جا نعرا ملن ٿا، اوتروئي سونهن جي ساڃهه به نمايان آهي. سرائڪي ڪلام ۾ ته خاص طور محبوب جي اکين، غمزن، ناز و ادا ۽ مست خراميءَ جو بيان ڪندي ٿڪي نٿو. سرائڪي ڏوهيڙن مان مثال چونڊڻ به هڪ مسئلو بنجي ٿو پوي.

محبوب جي حسن جو بيان ته بهرحال ٿئي ٿو. پر اُن ۾ اکين جي مرڪزي حيثيت آهي ۽ سچل جهڙي دل واري شاعر وٽ اکين جو ذڪر اهڙي رنگارنگي ۽ من موهيندڙ انداز ۾ اچي ٿو. جو بي ساخته "واه واه" ڪريو وڃي

محبوبان ديان نيِ اکيان پچري، سپکنهن سيتي اڙکن.
چنن نال کيتس چنالي، نور ستاري جهڙکن.

زلفان مار سياه دي وانگن، ڳل دي اڇي لڙکن.
عشاقان دي مارڻ کيڏي، پيري پيري پڙکن.
سچل ويک خيال اڇهان دا، صدها عاشق ڦڙکن.

اهي سهڻيون اکيون ڪهڙا رنگ لاڻين ٿيون ۽ انهن کي شاعر چا ٿو چاڻي.

سهڻي ديان اهي ظالم اکين، شير وتن ڇڻ شوري،
شور گهتن شهزاديان ڏونهين، ڪيفي ڪيف ڪڪوري،
نينهن دي نيزي بڙڇان چاون، يا وت ڇام ڪٽوري،
ڪرن تاراج دلبان ڪون سچل، زور آور نال زوري.

سچل سرمست وٽ مجاز، حقيقت جي پردي ۾ پاڻ سڃاڻڻ جو هڪ بهانو آهي. محبوب ڏي طالب ۽ فنا ڪائڻ ئي اصل مقصد آهي.

سرمستيءَ ۾ سچل پنهنجي ڪن ڀيل آوازن کي ڏيان ۾ رکي ٿو. الستي آواز ڪو، منهنجي ڪن ٻيو اهو الستي آواز ڪيس چتائي ٿو، پر ٿو ٻ سوچي ٿو ٿ هي رنگ محل ڪيئن ٿو پاسي. آءٌ خود چا آهيان.

شي آهيان ڪاڪيون ڪهڙي، جا سمجهي نه ڄاڻان،
بعضي پانيان پُتلي، يا آهيان گڏيءَ ڏور،
يا گوءِ آهيان هٿ يار جي، يا وانگيءَ وانگر زور،
يا تا محل آهيان، جنهن ۾ شهنشاهه،
ٻوليون ڪري ڪيترين، ٿو درنئون داناه،
يا مهنديءَ گل تا آهيان، جنهن اندر لالائي،
يا آهيان گل گلاب جو، جنهن سر ۾ سرهائي.

حسن ازل کان پاڻ ۾ پسي ٿو، بيفائدو بازار گهمڻ کي اهميت نٿو ڏي. باهر ڏور وانگر ڏوندڙ کي بيسود چاڻي ٿو. ڪائنات جي سڃي حسن ڪاري هن کي اندر ۾ محسوس ٿئي ٿي. ڪيس لڳي ٿو ٿ حسن ازل سالڪ سان لوڻ وانگر ڳري هڪ ٿي ويو آهيان.

چون نمک در آب آميزان شود،
آن نمک بعد از گدازي کئي بود؟

وحدت نامي جي سنڌي ڪٻت ۾ تصوف جي انگ ۾ جانب جي جمال جي اصلي تصوير سچل سائين هيئن ڪڍي ٿو:

اصل الله مؤن آدمي، ثابت صورتن،
مؤرت صورت هڪ ٿئي، ڏسج دل نيڻن،
سموئي ڏسڻ وارو، سو منظور مجن،
خالي کانه جاءِ ٿي، بنا محبوبن،
سيڪنهين هنڌين سپرين، ڇا جي جاءِ خسن،
کاٽئي پٽرٽيون پٽ جون، کاٽئين دلقا کن،
کاٽئين جاما زِ جا، کاٽئين پشمينا پهرن،
کاٽئين سناسين ۾، کاٽئين منجهه مُلن،
کاٽئين معرکن ۾، کاٽئين منجهه کندن،
کاٽئين مسيتن ۾، کاٽئين ۾ دائرن،
کاٽئين رهن تقويٰ ۾، کاٽئين ۾ ناچن،
کاٽئين تماشن ۾، کاٽي ساجن ۾ سيرن،

تصوف ۾ سالڪ جمال الٰهيءَ جي نور جي جلوي کي پسي تحيرُ ۽ عجب ۾ آهي. کيس خبر نه آهي ته ڪٿي آهيان ۽ ڪير آهيان.

کيستم من کيستم من کيستم،
در تحير مانده ام تاچيتم.
(گدازنامہ)

جمالِ دوست هر هر شيءِ تي محيط آهي. سڀني اسرارن ۾ عيان آهي. محبوب هرهنڌ صاف نظر اچي ٿو. ان ۾ تون ۽ مان جو فرق ميٽجي وڃي ٿو. سچل سائين "وحدت نامہ" ۾ فرمائي ٿو:

جلوه حُسن پديدار،
تجلي در و ديوار،
درون بيرون دلدار،
به هير زره ديدار،
عيان ست هر اسرار،
من ومائي بيگذار.

محبوب جي جلوي کانسواءِ عاشق کي ڪجهه به نظر نٿو اچي ڪيڏانهن به ڏرڻي ڏکي پر هڪ محبوب جو جلوو پسي ٿو.

چون بہ هر سوئي دويدم،
بہ بحر عشق رسيدم،
نعره موج شنيدم،
جُرعہ ز درد چشيدم،
غير آن يا نديدم،
سر ز عالم بکيشدم.

محبوب جي جلوي کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو نظر اچي اکيون برہ جي بازار ۾ حيران آهن. برہ جي بازار جيڪا ڏسڻ ايندي.

جيڪا جو ڏسندي تجلو تنهنجو، ويهندي سا کين قرار،
سودو جا ڪندي سر جو، ويهندي سا کين قرار،
چوٻسُول اندر سُرخيءَ مائل، تيز گهمي تلوار،
جي ڪنهين چمڪو ڏنو تنهنجو، سا سر ڏيندي سردار،
سچو انهيءَ سير ۾، آهي ڪَسڻ جي ڪار.

اُهو حسن وارو محبوب ۽ ٻهڳڻ ڪيئن من موهي ٿو، تنهن جو بيان سچل سرمست جنهن ريت ڪري ٿو، سو انداز بہ منفرد ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ آهي.

جيجان زلفن واري، انهيءَ سامي‌ءَ من موهيو،
باه بره جي اندر اسان جي، ويو سو ٻهڳڻ باري،
هجر فراق پي وو يار اسانکي، ڪوڪان ٿو هت ڪاري،
جوگيءَ ڪيڙو جيءُ اسان جو، موٽجهہ اهو ٿو ماري،
اچن سنديون يار اوهان جون، سچو واڻان نت نهاري

جماليات جو انساني حسن سان سڌو ۽ بنيادي رشتو آهي ڪائنات جو ٻيو سمورو رنگ روپ ان کان پوءِ آهي. سچل سرمست آدم کانسواءِ باقي سڀ ڪا ڪل با چلڪو سڏي ٿو.

آدم معنئ جمال دوست دان،
هر چه غير اوست آن را پوست دان

تخليق آدم منبع آهي جمال جي جهاجهہ ۽ حسن ڪائنات جو رهبر نامہ ۾ هڪ نوجوان جو قصو بيان ڪندي لکي ٿو تہ اُهو حسن تنهنجو ئي آهي جنهن ئي ٿون خود عاشق آهين.

ديگر صورت نبود درميان.
صورت تو هست شنو اي جوان.
بر حُسن خويش تو آشفته اي.
عاشق برخود تو گشته اي.

حسن ۽ عشق جي هيءَ هڪ عجيب لڪ لڪوڻي راند آهي. جنهن ڏي سچل "رهبرنامہ" ۾ حڪايت ڏيئي اشارو ڪيو آهي. عاشق کي خبر نٿي پوي تہ سندس جذبا خود حسن آهن. هو پنهنجي دل جي آئيني ۾ پنهنجو حسن ڏسي حيران آهي. دل دريءَ مان جو دوست نظر اچي تو. سو جي مست خرام آهي تہ ڪيئن ٿلي تو.

سهڻا يار خرامان آيا. ناز غرور غماز ڪنون.
لُڪ ڪڙي شهباز تي شڪري چشمان دي پرواز ڪنون.
دهشت جهل نا سگهي بازان. چُپ لڙي آواز ڪنون.
عشق دي آيت پڙهي عشاقان. حسن والي ابياض ڪنون.
سچل ڪون اهي سڏان پيان. ساريان شهر دراز ڪنون.

جي اهو حسن جهان سوز عاشق جي دل تي حملو ڪري تو تہ اُن جي ڪيفيت سچل سائينءَ جي لفظن ۾ هيءَ آهي:

حسن ديان فوجان جنهان تي چڑهسن سُڌ انان نون ڏيسن.
جٹا جان تي سر دل چارئي. نال نيٹان دي نيسن.
شاه گدا سچ چاٹين سچل. پيرين انهان ڪون پيسن.

نيٹن جي ناز سان عاشق جي دل و جان تي پرپور حملو ٿئي تو ۽ سچل جي خيال ۾ تہ اهڙن محبوبن جي اڳيان شاه و گدا عاجز آهن. جنهن تي حسن جون فوجون هلان ڪري اچن ٿيون. انهن کان ڪو خبرون پچي. سچل سرمست جمالیات ۾ محبوب جي سراپا کي بيان ڪرڻ جي شاعراڻ فن جو بہ ڪامل استاد شاعر آهي. سراڪيءَ ۾ تہ سندس ڪلام جو اثر سند توڙي پنجاب تي آهي.

ڏڻا مين رخسار سهڻي دا. حوش حورشيدي خوبي.
اکيان قاتل ٿيون قهاري. مشعل منهن محبوبي.
عشاقان ڪون اڪري اسيري. عشق والي اسلوبي.
نامخلوق آکيجي سچل. سارا رنگ ربوبي.

سارا رنگ رهوبي ڇئي شاعر پنهنجي سوچ کي منطقي نتيجي تي پهچائي ٿو. پر جماليات جي جزئيات جو بيان ڪندي سچل سائين شاعريءَ جي به معراج تي پهچي ٿو.

مُک تي ويڪ مُرصع موتي، نهين عرق دي داڻي،
سرون سر ستاري جهرڪن، ڇاڻي ڪوئي نا ڇاڻي،
سچل سر ڏيون سلطانان، ڪون غريب نماڻي،
قوس قزح سر سهڻي يا ڏُنم. ننگي تيغ ستم دي،
خون عشاقان تنهين منهن لڳي، ڪاريس ضرب ظلم دي،
ريت اها خوش يار سهڻي ڪون، ڳڏس جاءِ اُتم دي.

شاهه، سچل ۽ بين وڏن شاعرن اڪثر حسن ڪاريءَ ۽ جمال جي جهاجهه ۾ وطن وارن جي سار به رکي آهي. شاهه جو سارنگ ۽ سچل جو سارنگ اُن ڳالهه جو شاهد آهي. سچل جو گهٽوئي ڪلام انهيءَ رنگ ۾ آهي. پر سارنگ جا هي به بيت نشانبر آهن.

نازڪ سندو نينهن، آهي ائين جيڏيون،
پنهنجي رائي ريج ڪري، جئين سانوڻ مينهن،
راز رکي ٿو ريهن، من ۾ محبوبي جو.

يا ڪُڪرن وسي وسي وري سنڌ جي واٽ ڪيئن ورتي، تنهن جو بيان ڪري ٿو.

سچل سائي سنڌ جي، وري ورتائون واٽ،
جهڙ ڦڙ جهلي آئي، جهٽڪو ڏيئي جهاٽ،
وسي پيا وڏڦڙا، گهيڙ پسائي گهاٽ،
لائي اڄ اُساٽ، سارنگ سنگهارن جي.

شاهه عبداللطيف پٽائي، جيئن سارنگ، مارئي ۽ ڪاهوڙيءَ ۾ مارو ماڻهن جي جيوت جو نقش چٽيندي هيئن چيو: سائينءَ سڏائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار، ته سچل به سنڌءِ سارنگ کي هم آهنگ ڪيو ۽ وطن جي حب توڙي سارنگ جي سونهن کي گڏ گڏ ڏٺو.

محبوب جو سچل وٽ جيڪو درجو آهي ۽ جيڪا سڪ آهي. تنهن جو بيان ڪندي، ڪيتري نه محبت ۽ عقيدت ظاهر ڪري ٿو.

سهڻي دي شل باغ حسن کون. لڳي نہ باد خزاني.
هو وي شال هميشہ تازہ. جوبن جوڙ جواني.
سچل دلبر ساڈا آها. سارا رنگ رباني.

دعا جو انداز بہ ڪهڙو نہ من موهيندڙ آهي:

امن دي وچ رک يار سهڻي دي. الله سنگت ساري.
تنهن دي نال اسر ڈي آهي سڪدل يارب ياري.
دوستي دي وچ پچين جي مين ڪُن. سچل رکن سچاري.

سهڻي جي ساڻ ۾ ئي سڀ ڪجهہ حاصل ڪري ٿو. حسن حقيقت سڀ محبوب جي ساڻ ۾ ئي آهي. سچل سائين فرمائي ٿو:

سهڻيان نال مين سهڻا هووان. بن سهڻيان مين ڪوجهي.
باجهہ حسن هوءِ هوءِ پي ٿيوي. دل ملول تي مونجهي.
سچل راه هزاران وچون. راه لڏي مين سوجهي.

سونهن جي ساجاهہ، حسن پرستي ۽ جماليات شاعريءَ جو هڪ اهم پاڳو آهي. پراڻي سينگار شاعريءَ کان وٺي سراپا نويسيءَ تائين هر شاعر پنهنجي فن جا جوهر ڏيکاريا آهن. سچل جو مقام بہ انهن ۾ اتاهون آهي. خاص طور سرائڪي ڪلام ۾ سچل سرمست جماليات جي بيان ۾ اتاهون آهي.

1. بدوي، لطف الله: تذڪره لطفي (پاڳو ٻيو)، آر - ايچ احمد برادرس حيدرآباد، ٻيو چاپو 55 - 1956ع، صفحا 220 ۽ 221.

نوٽ: سچل سرمست جو ڪلام هيٺين مجموعن تان اخذ ڪيل آهي:

-- غثمان علي انصاري: رسالو سچل سرمست، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1982ع وارو چاپو.
-- محمد صادق راڻيپوري سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1982ع وارو چاپو.
-- قاضي علي اڪبر: گداز نامہ عوامي پرنٽرز سکر، 1976ع.
-- قاضي علي اڪبر: وصلت نامہ، سکر 1978ع.
-- قاضي علي اڪبر: رهبر نامہ سکر 1977ع.
-- قاضي علي اڪبر : وحدت نامہ سکر 1975ع.

آيا مک ويکڙ

سچل سرمست جڏهن فرمائي ٿو ته "آتي ٿو وجي خيال منهنجو جت دم قدم جي جاءِ نه آهي" ائين چوڻ سان هڪ عام ذهن کي ته ڇرڪائي وجهي ٿو. پر سوچ واري جو به خيال ڏانهس هليو ٿو وجي. سچل سرمست جو آواز تمام بلند آهي. به سال اڳ مون پنهنجي مقالي سڪ درسي سچل ۾ سندس سڪ درسي ۽ رجاعيت واري رويي تي مقالو پيش ڪيو هو. اڃوڪي گفتگو به انهيءَ سلسلي جي آهي، هن ۾ خاص نڪتو حضرت سرمست جي بلند آواز جو آهي. هُو ظاهر ظهور چوي ٿو ته پاڻ سڃاڻڻ پهريون شرط آهي. بي سپ ڳالهه پوءِ آهي؟

جهڙو پائيندين، پاڻ پنهنجو پاڻهين،
تهڙو ئي ٿيندين، هُت پي ساڻ يقين جي.

سچل سرمست جي بلند آواز ۾ بيشڪ پاڻ سڃاڻڻ جا ڇٽا اهجاڻ آهن. هو ذات جي سڃاڻپ لاءِ نهايت واضح لفظن ۾ چوي ٿو. جي خود پڇي ٿو ته آءٌ ڪير آهيان ته ان ۾ به ڪا رمز آهي. چي:

ڪيستم من ڪيستم من ڪيستم.
در تحير مانده ام تا چستم
يا پڇي ٿو ته؟
آکوڙي آءٌ ڪير آهيان، ذات نه ڄاڻان ڪير.
سهي ڪري کين سگهان ٿو. پينر پنهنجو پير.
ڪاتون ٿي آءٌ ڪاتي آيس. پر تئون يري پير.
پاڻئون ڄاڻي بير گهمايم. سرهو ڪيم سير
الخ

سچل سرمست ذات ۾ خود محو رهيو. ان ڪري محو ٿيڻ جي تلقين ڪري ٿو ۽ عبدي لباس کي دور ڪرڻ جي هدايت ڪندي فرمائي ٿو ته

خود شناس و خود شناس و خود شناس.
دور کن از خویشتن این عبدي لباس.

سندس زور وري ب پاڻ سجاڻ تي آهي ۽ هن جي روش انهيءَ سلسلي ۾ رندانہ آهي. هو ڇڄ پٽيان هلڻ جي اصل تلقين نٿو ڪري صاف صاف چوي ٿو تہ گدائيءَ جو گمان ڇڏي، شاهيءَ جو شملو ٻڌ.

هن سڄي ڊڪ ڏوڙ ۾ هو اڪيلو نٿو رهڻ گهري. ڪنهن جي ساڻ سان ذات سجاڻ جو سفر طئ ڪري ٿو.

پنڌ عجائب پرينءَ جو، خاصو ساڻ خيال.
فڪر سان في الحال، وڃي پسندينءَ پرينءَ کي.

مون ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان،
بادل بجليءَ سان، آهي جيئن سپرين.

اهو محبوب گڏ آهي ۽ سچل ان کي جيئن سراهيو آهي، تنهن جو جائزو وٺڻ آسان ڪونهي. قلم قاصر ۽ لفظ عاجز آهن، رڳو ان سلسلي جا مثال وٺڻ ۾ رسم پوري ڪرڻ لاءِ ڪجهہ مثال وٺندي رڳو جمالياتي ڪلام کي ڏسبو تہ اٽي ب جيڪو جذبات جو رنگ محل اڏبو اٽس، سو حنف شاعريءَ جو مان مٿاهون ڪري ٿو:

باري برہ بلوچ جو، آہ نسورو نور،
راتو ڏينهان روح ۾، محبن جو مذکور،
وڃڻ آہ ضرور، ڪاکيون ڪيڇيڙن ڏي.

محبوب جي راه ۾ سفر ڪرڻ ئي زندگيءَ جو مول مقصد آهي سچل سرمست محبوب لاءِ مجازي رنگ ۾ جيڪي ڪجهہ چيو آهي تنهن جي لفظ لفظ ۾ هڪ جوش ۽ وارفتگي ملي ٿي. هو مڪمل طور خيال ۾ محو ٿي ڇڪو آهي.

سهڻا يار هميشہ ساڏي، نال پير کلدا هدا.
هڪ دم دور نہ ٿيوي، ساڻون، وچ اکين دي وسدا.
ٻيا ڪوئي ڪم نہ ڄاڻي، هرگز، کل کل دلڙي کدا
نينهن نباه اسان نال سچل، ڳالهہ اهائي ڏسدا.

محبوب لاءِ طرح طرح جي انداز سان محبت جو اظهار ڪري ٿو. دعائيہ لفظن ۾ چوي ٿو.

سهڻي دي شل باغ حسن ڪون، لڳي نہ باه خزاني،
هو وي شال هميشہ تازه، جوپن جوڙ جواني،
سچل دلبر ساڏا آها، سارا رنگ رباني.

پاڻ کي ان محبوب جي حسن و جمال ۾ پيو پاسي ۽ اَن جي حسن ۾ چا چا ڏسي ٿو. تنهن جو بيان ڪندي تمام بلند پرواز ۾ هليو ٿو وڃي.

سهڻيان دي منهن سهڻيان جُڙديان، ڪجا ڪج محرا بيان،
مسجد هي يا ڪعبہ قبلہ، ڏيون عشق عذابيان،
ڏنگيان ونگيان وه وا ويکو، مصحف ديان اعرابيان،
يا وت حسن دي شهر تي ڪردا، سچل نينهن نوابيان،
شير اکين شهزور سهڻي ديان، بڑچيان يا تلواران،
حاڪم سخت حڪومت واليان، سائين آپ سنواريان،
مارن ملڪ دلين دا ياروء، قابض رهن قراريان،
ڪتليان سين بادشاهيان ڏنيان، سچل انهان اڏاريان.

اهڙي نينهن نوابيءَ ۾ هوش ڪٽي ٿو رهي ۽ شيخي مخدومي ڪٽي ٿي قائم رهي سگهي. صاف صاف فرمائي ٿو تہ مخدوم ۽ مجذوبي گڏ نٽيون رهي سگهن، ڇو جو عشق ۽ عقل جا رستا جدا جدا آهن.

مخدومي مجذوبي ڏونهين، ڪڏان گڏ نہ ٽيسن،
عشق عقل دي راه نرالي، هڪپي ڪون نہ منيسن،
هڪڑي طرف الله دي دوڑن، بي طرف دنيا دي پوُسن،
هڪڑي شربت شيرين منگن، بي مي، دي، پيالي پيسن،
هڪڑي عمر منگن سچل، بي محبت وچ مرسن.

سچل سرمست محبت ۾ پاڻ ۾ تباهہ ڪرڻ کي زندگيءَ جو معراج چائي ٿو ۽ اهو تڏهن حاصل ٿئي ٿو جڏهن سالڪ بيا سڀ بت پڄي حقيقت کي رسي ٿو. سچل سائين اَن مقام تي رسڻ لاءِ نهايت واضح لفظن سان دل جي ڳالهہ ڪري ٿو اوهان کي معلوم آهي تہ سندس آواز ڪيترو بلند آهي. ڪيتري ڇنائيء سان هو سرمستيء وارا نعرا هڻي ٿو. اهي نعرا تڏهن هڻي

سگهي ٿو. جڏهن دل جا وهم وسوسا ۽ ڊپ اندر مان کڏي ڇڪو آهي. فرمائي ٿو:

بُت شکن و بت شکن و بت شکن.
سد سکندر از میانت شکن.

پاڻ سچائڻ لاءِ شاعر وٽ هڪ رندانہ سرمستي ظاهر ظهور ملي ٿي. اکثر هنڌن تي ڊکيل انداز بہ اختيار کيو اٿس. پر گهڻي پاڳي علي الاعلان نينهن جا نعرا هڻي ٿو. سندس هيءَ سرمستي اندر جي اڇل سبب آهي. عطار کي جو ساراهي ٿو تہ اُن جي روش جو مٿس گهڻو اثر هو. عطار چيو تہ:

مُردن از عشقِ رخ آن دلنواز.
بهتر از صد زندگانيءَ دراز.

سچل سرمست بہ انهيءَ ميدان جو شهسوار آهي. هو عشق جي مسند تي سرفراز آهي ۽ نهايت همت ۽ جذبي سان نينهن جا نعرا هڻي ٿو. سندس آواز ۾ ڪنهن بہ طرح ڪمزوري ۽ ڪوبہ لرزو ڪونهي. آواز ايترو بلند ۽ صاف آهي، جو پري کان صاف ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ذرو بہ معنيٰ جو ابهام نہ اٿس. ڪنهن بہ طرح مصلحت وارو رويو اختيار نٿو ڪري. ڪنهن بہ ملي موراڻي کان ڊڄي ڪونہ ٿو. اهو سچ اُن ڪري آهي، جو پاڻ کي بہ سچائي نينهن جا نعرا هڻي ٿو. هُو سچ تہ اهڙي هستي هو جو بيدل سائين چيو تہ عشق جو پارو درازن ۾ عجب اسرار هو، تہ اها ڪا دستوري واکاڻ نہ هئي. سچل سائين سچ پچ تہ شاعريءَ جي دنيا ۾ شينهن آهي ۽ گجگوڙ ڪندي فرمائي ٿو:

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو.
وهم سچل کي پانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو.

سچل جا گهاڙيٽا

جڏهن اسين شعر جي گهاڙيٽي جي ڳالهه ڪريون ٿا تہ، اُن مان مراد بنيادي طور شعر جي هيئت آهي. عروضي شاعريءَ ۾ هيئت جي وصف واضح طور ٿيل آهي. جيڪي بہ هيئتون آهن، اُهي هاڻي ڪنهن بحث ۽ تڪرار جو موضوع نہ آهن. سچل سرمست بہ جيڪي عروضي صنفون سنڌي توڙي ٻئي ڪلام ۾ آنديون تن جو معاملو طئي ٿيل آهي ۽ بحث ۽ اختلاف وارو نہ آهي.

سچل سرمست جي سنڌي ڪلام ۾ عروض جو دخل آهي، تن جو ئي حوالو اچي ٿو. ڊاڪٽر تنوير عباسي پنهنجي مختصر مقالي سچل سرمست ۽ عروضي شاعريءَ ۾ اُن جو مجمل طور جائزو ورتو آهي. سندس خيال آهي تہ سچل جو ڪلام جيڪو علم عروض تي پورو آهي. سو بہ روايتي ڪافيءَ جي انداز تي آهي. سٽن ۾ پدن جي ورهاست ۽ وچ جا قافيا بہ آهن. عروضي وزنن ۾ اُهي غزل ۽ ڪافيون موزون آهن، پر ردم غزل بجاءِ ڪافيءَ ڏي وڌيڪ نمايان آهي[1].

اڪثر ڳائڻن بہ انهن کي غزل نہ رهڻ ڏنو آهي ۽ ڪافيءَ جي انداز ۾ ڳائي غزل کي ڪافي بنائي رکيو اٿن.

عروضي ڪلام کي ڇڏي سچل سرمست جي بيٽن تي اچجي تہ اهي چند تي موزون ٿيل آهن. چند هاڻي سنڌيءَ ۾ ڪو نئون يا اڻ ڄاتل موضوع نہ رهيو آهي. هن کان اڳ جيڪي بہ غلط فهميون هيون، سي ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي ۽ پروفيسر جهمٽمل پاوناڻيءَ جي ڪتابن اچڻ کانپوءِ دور ٿي چڪيون آهن. هنن صاحبن بحث ڪري ثابت ڪيو آهي تہ سنڌي بيت ڪبت

(1) تنوير عباسي: مقالو "سچل سرمست ۽ عروضي شاعري" ـ انسٽيٽيوٽ اف سنڌالاجي. ڄامشورو جلد 7 نمبر 1 ـ 2، 1983ع.

۽ وايون ڇند تي آڏاريل آهن[1].

جڏهن اجان بہ گهاڙيٽي تي مطالعو ڪريو آهي تہ اهو فقط سچل سرمست جي ڪافين تي ٿيندو. اڄوڪي گفتگو ۾ اسين اهو ڏسنداسين تہ سنڌي ڪافين جي مختلف هيئتن ۽ گهاڙيٽن ۾ سچل سائينءَ جون ڪافيون ڪهڙي فني حيثيت ۽ شعري مقام ونڊي بيٺيون آهن!

هن سلسلي ۾ سچل سائينءَ جي ڪافين کي بن پهلوئن ۽ زاوين کان ڏسبو. هڪ تہ ڪافيءَ جي رائج هيئتن ۔ گهاڙيٽن سان سندس ڪافين جو اطلاق ۽ مطابقت ۽ بيو اصولي نہ پر فروعي پهلو آهي. يعني ڪافين ۾ ردم ۽ رديف قافين جو جڙاءُ.

ڪافين جون هيئتون يڪي ڪافيءَ کان هلي ڪيترن ئي بندن تائين وڃن ٿيون. ڪيتريون مثمن بلڪ اٺ کان وڌيڪ بندن تي مشتمل آهن پر مجيل هيئتن گهاڙيٽن ۾ هيٺيان علمي طور مجيل آهي:

(1) ڪافي يڪي.
(2) ڪافي ڏيڍ.
(3) ڪافي بہ ٽڪي.
(4) ڪافي تہ ۔ ٽڪي يا ٽيٽي.
(5) ڪافي چوٽي يا چوٽاري.

ڪافي ناهڻ ۾ تال جو خاص حصو آهي. اٺ ڪري سڃاڻ شاعر جي ذهن ۾ تال جو تعين ڇڻ تہ پهرين آهي. ڪافيءَ جي موسيقيءَ جي لحاظ کان اهميت بہ مجيل آهي. هتي رڳو ڪافين جي هيئتن ۽ گهاڙين کي سامهون رکي سچل سرمست جي ڪافين کي ڏسبو تہ اڪثر پڪيون ڪافيون عروض تي بہ ساڳئي وقت آڏاريل آهن ۔ مثال طور:

آءٔ ادا سالڪ سهي ڪر تون طلسمات کي،
پڇ دوئي تان ڪل پويئي، دور ڪر درجات کي[2].

عروض جي ڪري هن کي غزل ليکو ويو آهي. عروض کان ٻاهر بہ

---

(1) تفصيلي بحث لاءِ ڏسو منهنجو مقالو: "سنڌي شعر جي مختلف وزنن جو تنقيدي جائزو". پيغام ڪراچي جنوري 1984ع ۽ سنڌالاجيڪل اسٽيز اونهارو 1981ع ۾ Prosdie Systems Adapted in Sindh.

(2) عثمان علي انصاري ۔ سچل سرمست جو سنڌي ڪلام ۔ سنڌي ادبي بورڊ 1982ع ايڊيشن ص 49.

سچل سرمست وٽ يڪي ڪافيءَ جا ڪيترا مثال اهن:

نانءُ آهوئي نانون وارو، صورت مورت سائي وو.
آهي تعجب آهو جو، ڪر لوڪان ذات لڪائي وو.
سچوءَ سهي ڪئي اها سپائي، جا بازي يار بنائي وو[1].

اهڙيءَ طرح ڏيڊي ڪافيءَ جو گهاڙيٽو به منفرد ۽ سُريلو آهي. هن هيئت ۾ بندن ۾ مصرعن جو تعداد مختلف به آهي، پر خصوصيت هيءَ آهي ته ٽلهه ۾ هڪ مڪمل مصرع ۽ اُن سان گڏ هڪ اڌ سٽ به ڳنڍيل ٿئي ٿي.

بنهي حصن ۾ به قافيا هوندا جيڪي بندن جي نظام ۾ ملندا ايندا. بين لفظن ۾ هيءَ ڪافي مستزاد انداز جي آهي. سچل سرمست جو مثال هي آهي:

ٽلهه - پاٺهين پاروڻن يار، قاصد مون ڏي اڄ آيو -
(1) اچڻ سندي اُن جي، اُتي ويا آزار -
ٿورو ڪيڏو تن لايو
(2) ڏُنا دلاسا دل کي، دلبر رات هزار -
سندن روح جو رايو
(3) اچڻ جا محبوب کيا، پڪا قول قرار -
سُچو توڏي هئن سعيو[2].

ڪافي ڏيڊي به ٽُڪي، توڙي ٽ - تڪين ۽ چوٽارين ڪافين ۾ قافين جو هڪ نظام قائم آهي. سچل سرمست ۽ بين اُستاد شاعرن، جهڙوڪ: نانڪ يوسف، بيدل، بيڪس، صوفي خير محمد، اُميد علي شاهه، مهدي شاهه، رڪيل شاهه، حافظ شاهه ۽ بين جو ڪلام موجود آهي.

ڪافي ٽ تڪيءَ جي وائيءَ ۾ ٿي قافيا هوندا آهن، جي مصرع جي ٽن قافين سان وڃي ملندا آهن، ڪٿي مصرع هڪ تڪي هجي -

وراڻي - جي جي چوان جتن جن مان پنهل پيارو
مصرع - جاڳيس ڏسان نہ جاني.
جنهن جي ٻڌيس آءُ باني
مٿي حال تي حيراني[3].

---

(1) ايضاً ص 48. (2) ايضاً صفحا 69 - 70.
(3) خليل. شيخ محمد ابراهيم: رهنما، شاعري (پاڳو ٽيون) سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي پريس حيدرآباد 1948ع ص 142.

اهڙي طرح انهيءَ نظام ۾ ئي چوٿين ڪافيءَ ۾ چار قافيا ملندا اهن. اهي ٻئي خاص طور مشڪل گهاڙينا آهن. تحيل جي وڏن شهسوارن هنن هيئتن ۾ ڪونتل ڪڏايا آهن. اڪثر شاعرن طبع جي جولاني ڏيکارڻ خاطر ٻه هيءَ قافين جي ڪيڏ ڪئي آهي. سچل سرمست جي ڪلام ۾ اهڙي لفظي ڪچ وهٽ گهٽ آهي. سندس ڪافين ۾ ٻئي زاوئي کان ٻه موسيقيت آهي. آهو آهي قافين جو استعمال ۽ ردیف توڙي ڪٽي قافين جو تڪرار. آن جو مثال هي آٿي:

ڪيئن وساري تو ويهون ويهون.
آهن ڪيهيون اسارن جون ڳالهيون.
ساه سنيون تان ياد ڪيون. سي آهن. عجائب
جيهون جيهون.
ڪهڙين ڳالهين عاشق اسان کي. ڏک ڏوراپا
ٿو ڏيهون ڏيهون.
سچو اسان جو تون. اسين تنهنجا. ڳالهيون
ڪرين ٻيون ڪيهون ڪيهون[1].

يا

گهوري گهوري گهوري. وو ميان جند سڃڻ توتان گهوري.
راتو ڏينهان آهي اوهان جي. سائين
جهوري جهوري.
ڳچيءَ وڏيوَ عجب جيهي. سهڻا
ڏوري ڏوري.
اول آساني ڳالهه ٿي. پو ڪيڙءِ سائين
ڳوري ڳوري[2].

ردیفن جو استعمال ٻه سچل سرمست وٽ موجود آهي. آن جا ٻه ڪيترا مثال ملندا.

---

(1) مٿي ايل حوالو نمبر ٽيون ص 70.
(2) ايضاً ص 160.

ڳالهيون ڳارين ٿيون ميان دل کي دوستن جون.
ياد اڃن جي ڳالهيون. اهي ڪوڪان
ڪارن ٿيون.
هُو جي ڏيائون ڳجهه م. اهي مامان
مارن ٿيون.
ڳڻڻ واريون ڳالهيون. اهي بارڻ
بارن ٿيون.
پسڻ ڪارڻ اکڙيون. صاحب
سارين ٿيون[1].

اگر سچل سرمست جي ڪافين جي مختلف هيئتن کي فرق جي بنياد تي ڏسبو تہ انهن جو چگو موچارو تفصيل بنجي ويندو. فني لحاظ کان ان جي اهميت آهي. پر سچل سرمست جهڙي عظيم شاعر جا نعرا انهن سٽن م پورا ڪونہ ٿا ٿين. سنڌي ڪافين وانگر سرائڪي ڪافين م بہ سچل سرمست سرائڪي شاعريءَ جي روايت کي پوري ريت ڏيان م رکيو آهي.

سرائڪي ڪلام م بہ فني طور هُو عروج تي آهي. سنڌ کان باهر بہ اثر ڪيو اتس ءِ پنجاب م ان جا پڑاڏا ٻڌا ويا[2].

---

(1) ايضاً ص 319.

(2) اسلم رسولپوري: منتخب سرائڪي ڪلام سچل سرمست - بزم ثقافت ملتان 1977ع.

سچل جي نظر ۾ عالمي پائيچارو

بيليفاسٽ مان شاعر ۽ منهنجو قلمي دوست جان ڪُلن (John Cullen) پنهنجي تازي خط ۾ لکي ٿو ـ تنهنجي گذريل 27 آڪٽوبر واري خط کان پوءِ بہ دنيا ۾ گهڻي اٿل پٿل آئي آهي. ماڻهو بي گهر ٿيا آهن. بي گناهہ ماڻهن کي دربدر ڪيو ويو آهي. انهن جا گهر ساڙيا ويا آهن ۽ شهرن تي شب خون هنيو ويو آهي. مونکي انهن بي گناهن سان همدردي آهي. هڪ شاعر جيڪي ڪري سگهي ٿو. سو آءٌ ڪريان پيو يا نہ اها خبر نہ اٿم [1].

جان ڪُلن هڪ انسان دوست شاعر آهي. منهنجي خيال ۾ هو ايترو ڪجهہ ڪري رهيو آهي، جيڪو هڪ شاعر کي ڪرڻ گهرجي هُن جا ڪيترائي نظم انهيءَ موضوع تي آهن. هو ظلم ۽ پرماريت خلاف لکندو رهيو آهي.

جديد دنيا ۾ ايترو بلند آواز سان سياسي انداز ۾ چئي سگهجي ٿو. سياسي مفڪر. مثبت انداز ۾ امن ۽ بي تعصبيءَ بابت گهڻو ڪجهہ چئي رهيا آهن. اُن ۾ خلوص ڪيترو آهي ۽ ڊپلوميسي ڪيتري آهي پر شاعر جا گفتا ڊپلوميسي نہ آهي. شاعر جي ڳالهہ پائدار آهي.

اڄوڪي دنيا دعوائن جو رنگ محل آهي. انسان هرهنڌ تڪليف ۾ آهي. اختيار ۽ قوت وارن جون خواهشون ايتريون آهن جو اُهي خبر نہ آهي تہ ڪڏهن پوريون ٿيندیون! نسلي، لساني ۽ ڪي ٻيا تعصب هن اٿل پٿل جو سبب آهن. اُن جي ابتڙ بي تعصبي انسان کي انسانيت جي معراج تي پهچائي ٿي. رنگ نسل جا فرق ميٽجي وڃن ٿا. دنيا جي هر انسان کي پنهنجو ڄاڻجي ٿو. جيئن سچل سائين فرمائين ٿا:

نہ وت هٿندي سنڌي شامي، نہ وت زنگي رومي،
سچل ڪٿ نهين ڪوئي پيدا، هويا وچ معدومي.

---

(1) جان ڪُلن جو خط 7 فيبروري 1983ع.

تصوف جي وسيع ڪينواس تي بہ اسان جا شاعر ائين چوندا آيا آهن.
يعني سيني جو منبع هڪ ئي آهي. وصلت نامہ ۾ سچل سائين فرمائي ٿو:

از يڪي پيدا شده زر و گهر.
دُر و لعل و سنگ هائي معتبر.
از يڪي را در لباس خوش بہ بين.
از يڪي پيدا شده صد نازنين.
از يڪي پيدا شده صد نامدار.
عاشقان را کرده هردم جان نزار.
از يڪي پيدا شده خوبان چين.
چشمان بادام لبها شڪرين.

جڏهن فڪر جي بنياد تي ڪُل انسانيت کي هڪ ڄاڻبو تہ تعصب تہ وڇان ئي نڪري ويندو ۽ پوءِ ننڍين ننڍين ڳالهين. تنگ نظرين. ذات پات. رنگ نسل ۽ زبان تي ويچي جي گنجائش ئي نہ رهندي. سوچ جي محدود دائري اندر رهي وسيع انسانيت بابت ڇا سوچي سگهبو! اسان جو عظيم شاعر سچل سرمست ذات پات ۽ مقاميت کي پسند نٿو ڪري. جيئن شيخي ۽ مخدوميءَ کي هنڌ هنڌ رد ڪري ٿو. هڪ انسان ٻئي کان رڳو ذات جي ڪري اوچو نہ آهي. ائين سوچڻ هڪ ذهني غلامي آهي. خود کي خوش فهميءَ ۾ مبتلا ڪري رکڻ آهي. سچل سرمست اهڙن غلاميءَ وارن خيالن کي هر طرح ننڍي ٿو:

او ڪتلا ڏينهن غلامي وچ!
وت سارا زور سلامي وچ!
ڪيون آپ گهتيوئي خامي وچ!

يا

چوڙ گمان گدائي والا ـ شملا چا بڏ شاهي والا.

سچل سائين همت سان اڳتي وڌڻ ۽ پنهنجن ويچارن کي آشڪار ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو ـ "پنيءِ ڇڄ ۾ ڇل" ڇئي سالڪ کي همت سان اڳتي وڌڻ لاءِ اتساهي آپاري ٿو.

صوفي شاعرن جي ڪلام جو بنيادي نقطو مذهبي رواداري آهي. هنن

پرماريت کي نديو آهي. پوءِ اٿا کڻڻ ۽ روپ ۾ هجي. سچل سرمست جو هڪ شارح محمد اسلم رسولپوري چوي ٿو ـ "مذهبي رواداري حقيقت ۾ انسان دوستي آهي[1]".

انسان دوستي ۽ عالمي پائيچاري جو ويساهي آهو ٿي سگهي ٿو. جو بنيادي طور عظمت آدم جو قائل هجي. سچل سرمست، نبين، ولين ۽ صوفين کي آدم جي حوالي سان سجاڻندي فرمائي ٿو:

آدم معنئ جمال دوست دان،
هرچه غير اوست پوست دان.

(وصيت نامه)

وسيع انساني برادريءَ ۾ مختلف مذهبن جا ماڻهو هڪ ئي لڙيءَ ۾ نظر اچن ٿا. سنڌ ۾ ۽ مسلمان درويشن جا هزارين هندو مريد موجود آهن. هن سلسلي ۾ سچل سرمست، شاهه عنايت شهيد، بيدل فقير، نصير فقير جلالاڻي ۽ ڪي ٻيا صوفي اڇي وڃن ٿا، جن جا بيشمار هندو مريد آهن. هي سڀ بي تعصبيءَ جي ڪري ممڪن ٿي سگهيو.

ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو ـ "سچل مذهب کي صحيح معنيٰ ۾ ونڊي ٿو. يعني پاڻ سجاڻڻ ۽ ساري مخلوق لاءِ هڪ درشڻي رکڻ. جيئن ايشور سڀ درشڻي رکندڙ آهي، تيئن عاشق ٻه، نه ته عاشق خدائيءَ جي دعويٰ ڪيئن ٿو ڪري سگهي[2]".

بين لفظن ۾ ٻيائي يا دوئيءَ کان پاسو ڪري سيني ۾ هيڪڙائي ڏسجي. سچل سائين دوئيءَ کان آجو رکڻ لاءِ تلقين ڪري ٿو:

ما و من بگذار بگذر از دوئي،
تا درين ره مرد صاحب سر شوي.

يا

ڪافر مومن هڪڙو سچو ٻوڙج ٻيائي.

ٻيائيءَ کي سچل سائين ايستائين دور رکيو آهي، جو هو پيري

---

(1) رسولپوري، محمد اسلم: "منتخب سرائڪي ڪلام" سچل سرمست بزم ثقافت ملتان 1977ع ص 18.

(2) آڏواڻي، ڪلياڻ جي: "سچل دولت" پرنٽنگ پريس بمبئي، 1954ع ص 19.

مريدي، کان بيزار اهي. جو چوي ٿو ته:

نه مان مريد نه مان پير. ساري فقر جو فقير. نه مان حاڪم نه مان ظالم. آهيان امن جو امير. امن جي خواهش موجوده دنيا ۾ ته اهم آهي پر سچل جي دور ۾ به ان کي اهميت نه هئي. جيڪڏهن شاعر جي موضوعن کي وسيع پيش منظر ۾ ڏسجي ته سچل جي ڪلام جا ڪي قصا به علامتي انداز ۾ مقرر ماپن کان وڌا ۽ وسيع آهن. ڊاڪٽر ڪرسٽافر شيڪل انهيءَ سلسلي ۾ چوي ٿو - "هير جي رانجهي لاءِ اڪير ان کي محدود خول مان ڪڍي ٿي[1]".

ڊاڪٽر شيڪل پنهنجي مقالي ۾ Themes and Styles in Siriaki Poetry of Sindhفقط هير رانجهي جو حوالو ڏنو آهي. پر بين نيم تاريخي داستانن کي به انهيءَ محدود خول کان ٻاهر آڻي ڏسجي ته بقول سچل سائين جي خيال تمام پري پيو وڃي.

آتي پيو وڃي خيال منهنجو جت دم قدم جي جاءِ نه آهه.

اسان جن نيم تاريخي داستانن ۾ سنڌون سڏو عالمي پائيچاري جا عنوان نمايان نه آهن. پر هي داستان ئي اسان جي شاعريءَ جا ٽنيا آهن ۽ انهن مان شاعرن خاص نقطا ونڍي پنهنجي اندر جو احوال ۽ فلسفو بيان ڪيو آهي.

مثال طور نوري ڇام تماچيءَ ۾ ننڊ - وڏائي کي ريڙي راجا ۽ رعيت کي هڪ لڙهيءَ ۾ پوتو ويو آهي. نوريءَ ۾ غربت ۽ تماچيءَ وٽ دولت، حشمت ۽ حڪومت آهي. محبت ٻنهي ڇيڙن کي ڳنڍيو آهي. شاهه عبداللطيف، سچل ۽ بين انهيءَ معيار جي شاعرن نوريءَ ۽ ڇام کي جنهن سطح تي ڳايو آهي. سو تصوف جي لحاظ کان بي شڪ هڪ اعليٰ آدرش آهي. پر برابريءَ وارو موضوع به گهٽ اهم نه آهي. ميربحر ڪنهن ليکي ۾ نه هئا. پر ڇام جي پلئه لڳي آبائتا ۽ اهم ٽيا. ڇام هنن جا انگل آرا ڪٽڻ لڳو. ڇام جي ڪردار ۾ اسان وٽ هڪ بلند قد شخصيت آهي، جنهن خود وڏ ماڻهپائيءَ کي ليکيو ئي ناهي.

---

(1) شيڪل. ڪرسٽافر: Styles and thems of the Siraiki Poetry of Sindh. بزم ثقافت ملتان ص 24.

بيهودا بي آب هئا. اڳي ڪينجهر ڪنڊين.
پلئه لڳي ڇام جي. ٿيا تنهن جا جوڙ جواب.
پيا سڀ حرف حساب. ملاحن معافي ٿيا.

ظلم ۽ ڏاڍ کي سچل سرمست پوري قوت سان نندايو ۽ رد ڪيو آهي. هير رانجهي ۾ ڪيڙو ۽ عمر مارئيءَ ۾ عمر مذمت جو نشانو بنجن ٿا.

ڪيڙو وڃهان ڪوءِ نورنگ ندورو.
دل اندر دريرو. هزاري جي هوت جو.

يا عمر جي ظلم ۽ زور کي نندينديِ سچل سرمست فرمائي ٿو:

"چت اندر ۾ چپ تنهنجي زور ظلم جا".

ظلم کي اصولي طور هرڪو نندي ٿو ۽ مذهبي رواداريءَ جي دعويٰ ۽ هرڪو ڪري سگهي ٿو پر عملي طور يا واضح لفظن ۾ پنهنجو موقف بيان ڪرڻ اصل سورهيائي آهي.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ وسيع انساني برادريءَ جي نشاندهي ڪرڻ وارو ڪيترو ئي ڪلام ملندو ۽ بنيادي طور اهو تصوف جي تاجي پيٽي ۾ اڻيل آهي. ان ڪري جيتوڻيڪ سڏي معنيٰ تصوف جي ڏئي ٿو. پر تڏهن ۽ مٿي عالمي پائيچاري ۽ انسان دوستيءَ بابت جيڪي چند اشارا ڏنا ويا آهن. تن جي پنهنجي اهميت آهي.

مددي ڪتاب

(1) انصاري عثمان علي: سچل سرمست جو سنڌي ڪلام". سنڌي ادبي بورڊ ٻيو ڇاپو 1982ع.

(2) آڏواڻي ڪلياڻ جي: سچل ـ دولت پرنٽنگ پريس بمبئي. 1954ع.

(3) درازي. علي اڪبر: "داتا درازي". سکر ٻيو ڇاپو 1978ع.

(4) " ": "وصلت نامہ". روهڙي ٻيو ڇاپو 1978ع.

(5) حامي. عطا محمد: "منصور ثاني" ـ پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي 1964ع.

سڪ درسي سچل

سچل سرمست جنهن مرتبي جو شاعر آهي. تنهن ۾ مايوسي ۽ قنوطيت جو ڪوبہ دخل ڪونهي. اهو صحيح آهي تہ اڪثر ڪلام ۾ درد جي شدت موجود آهي. اهو سندس ڪلام ۾ داخليت جي سبب آهي. اُن ڪري شاعر جي رجائيت پسندي (Optimism) ۽ سڪ درس رويي کي رد نہ ڪبو.

جڏهن اسين رجائيت يا سڪ درسيت ۽ قنوطيت يا دڪ جهڙا لفظ ڪم آڻيون ٿا تہ انهن جو مطلب فقط سڪ ۽ دڪ نہ آهي. رجائيت مان مراد شاعر جو عام رويو. سالم دماغ سان مراد جي منطقي انجام کي پهچڻ جو اُدم ۽ پُراميدي هجڻ آهي. اُن جي ابتڙ قنوطيت مان مراد، چگاڻي ۽ پُراميدي نہ ڏسڻ آهي. سچل زندگيءَ جي راه تي خود مايوس هجي ها تہ هُو اسان جو ڪامياب شاعر نہ هجي ها.

سچل سرمست جڏهن چوي ٿو تہ: "سچو اصل کان آهي گولو غلام تنهنجو". ائين بہ چوي ٿو: وهم سچل کي بانهپ وارو شملو بڌ شهانو". وحدت جا نعرا بہ اُن سر خوشيءَ ۾ هڻي ٿو ۽ بانهپ ۽ گدائيءَ جي گمان کي ڇڏي بلند بانگ فرمائي ٿو:

چوڙ گمان گدائي والا، شملہ چا بڌ شاهي دا.
مار نغارا وحدت والا، فڪر رکين پاتشاهي دا.

اهو صحيح آهي تہ حلاج جي حال کي سچل ساراهيو آهي ۽ همت سان راه طئي ڪرڻ لاءِ تلقين ڪري ٿو. ڇج پنيان هلڻ کي پسند نٿو ڪري، بلڪ گهوٽ مثل رهڻ کي ساراهي ٿو.

پٽيءَ ڇج نہ ڇُل، منجهہ تماشي نہ پوين،
گهوٽ ڪري تون پاڻ کي، ڪر هنگاما هُل،
پول نہ ٻئي ڪنهن پُل، ونج حال حلاج جو.

سچل سائين تصوف ۾ ممتاز آهي. هُو سلوڪ جي راه جو پانڌيئڙو هجڻ جي سلسلي ۾ صحيح رهنمائي بہ ڪري ٿو. هُن جو رويو واضح ۽ انداز همت وارو آهي:

دين كفر دل دام، ڏج مڙيوئي موج ۾،
تنهن كانپوءِ حڪام، هر كنهن هنڌ تنهنجو هلي.

سچل سرمست بيشڪ سوز و گداز جو شاعر آهي، پر مقصد جي حصول لاءِ انهن مڃلن کان لنگهڻ لاءِ به واضح هدايت ٿو ڪري:

سوز گداز ۽ غم، مڙيوئي معافي ٿيو،
مار دمامين دم، عاشق اناالحق جو.

شاعر پنهنجي زندگيءَ جي مقصد جي بيان ۾ واضح هوندو ته اثر جو دائرو به وسيع هوندو. پنهنجي مسلڪ جو واضح بيان ڪرڻ سان به مقصد واضح ڪري ٿو. سچل سرمست وٽ حاصلات لاءِ به اهم رستا آهن: بي تعصبي ۽ عشق. مثال طور هُو هنڌ هنڌ ڪوڙي ڏيکاءُ، بزرگيءَ جي هام هڻڻ ۽ ذات پات جي درجه بنديءَ کي نندي ٿو.

خيال بزرگي ڏهون نه ميڏا، نه منگان مخدومي،
نه وت پير مشائخ ٿيوسي، نه وت نان نجومي،
نه وت هندي سنڌي شامي، نه وت زنگي رومي،
سچل ڪٿ نهين ڪوئي پيدا، هوندا وچ معدومي.

پاڻ کي معدوم رکڻ ۽ پاڻ پڻي جي نلهي هام کان پاسو ڪندي پاڻ کي مرڳو خيال سان پيٽي ٿو.

ماڪ خيالم بروم در خيال،
گهي بفرا قيم گهي در وصال.

مثنوي "عشق نامہ" ۾ عقل ۽ عشق جي اهليت جو فرق جوش خروش سان چٽو ڪندي عشق کي ممتاز قرار ڏيئي ٿو. عقل جي فرزانگيءَ جو ذڪر ڪندي اشاري ۾ عشق کي واکاڻي ٿو.

عقل گويد در جهان فرزانه شو،
عشق گويد عاشق و ديوانه شو.

هي رويو عشق جي امتيازي حيثيت بابت آهي. پر غور سان ڏسبو ته هڪ سر خوشي ۽ انهماڪ شاعر کي ايترو اڳتي وٺي ويو آهي ۽ محبوب جي من موهڻي صورت هڻ جي اکين ۾ سمايل ٿي نظر اچي. ڪيترن شعرن ۾ محبوب جي آمد تي خوشيءَ جو اظهار سچل وٽ ملي ٿو. اهو ڪو

ڪنهن عام شاعر وانگر نہ آهي. جنهن ۾ عاشق ۽ معشوق جي وصال ۾ ٻئي ڪنهن جو دخل ڪونهي. سچل جو محبوب اچي ٿو تہ دنيا ڪي خوشيءَ ۾ شامل پيو ڪيو وجي جيڪا شاعر ڪي ٿي آهي:

پاڻ سجائڻ آيو. ڪم نہ هيڙس ڪو ٻيو.
پاٽون ڇاٽي پاڻ سان، هت لوڻ تالائڻ آيو.
عرش منجهارون الهي، هت وره وسائڻ آيو.
سوليءَ تي منصور تي، هت سر سلائڻ آيو.
مصر جي بازار ۾، هت ملهه وڪامڻ آيو.
"سچو" ري سنسار ۾، هت پير گهمائڻ آيو.

محبوب جي تفصيلي اُپتار مان معلوم ٿيو تہ هي يگانو يار آهي، جنهن کي تصوف ۾ اسان سجاتو آهي. جنهن ڏانهن عالم جو آسرو آهي. شاعر جي خوشي ۽ سرخوشي حق بجانب آهي. جو هو محبوب جي اچڻ جو مقصد پنهنجي مخصوص انداز ۾ بيان ڪري ٿو. جنهن ۾ سندس رجائيت پسندي بہ موجود آهي.

محبوب جي پيشانيءَ ۾ پلائيءَ جا پير آهن. هو جڏهن اکڊين جي اگڙ تي پاٻوهيو پير ڏي ٿو تہ آسائتن جي خوشيءَ جو ڪو سنڊو سيڙهو ڪونهي. سچل محبوب جي هڪ ٿوري کي نٿو پچي، چي:

جي تون پير پري آئين، تنهنجي ٿوري هڪ نٿي پچان!
عاشق هتي لکين هزارين، لنوڻ اسان ٿو لائين.
عيب اسان ۾ آهن اپارين، اهي پلا ڪيو ٿو پانئين.
ڏوه ڏنگايون ڏسي اسان جون، چت نہ اسان تئون چائين.
راتو ڏينهان يار اوهان جا، ڳڻ سچو ٿو ڳائين.

رجائيت ۽ سرخوشيءَ ۾ شاعر مختلف سهارن تي آڌار يا ڪن علامتي اندازن سان دلي جذبات جو اظهار ڪري ٿو. روجهه جي جامي، ۾ پنهنجي خوشي، شادماني، پراميدي ۽ رجائي جذبن ۾ نئون رنگ پري ٿو.

رڻ چڙهي روجهون ويون، ڏسي اوسر ۽ اولا.
آنا مينهن مهر جا، مهر ڪئي مولا.
روجهون ريجهيون ڏسي، ڪر ريچڪ رسيلا.
واحد وسيلا، پٽن تي پڏرا ڪيا.

حسن سچل جي ڪلام جو اهم محرڪ آهي. هُن جي عملي زندگيءَ ۾ حسن جي ديدار بابت ڪن روايتن جو بيان ڪلام جي مقابلي ۾ گهٽ زوردار آهي.

حسن خوشيءَ جو سبب آهي. توڙي ڪٽي حسن کي قاتل ۽ نيٽن کي بڙچيون سڏيو وجي.

شير اکين شهزور سهڻي ديان، برچيان يا تلوران،
حڪم سخت حڪومت واليان، سائين آپ سنواريان،
مارن مُلڪ دلين دا ياروَ، قابض رهي قراريان،
ڪتليان مين بادشاهيان ڏُنيان، سچل انهان اڏاريان.
بانڪي نين سچڻ ڏي غالب، مار ويندي مشتاقان،
دليان لُٽ نيون هڪ واري، ڪردي ڪم قزاقان،
ٻاهان ٻڌ ڪڙوتي اڳون، صفان صف عشاقان،
عشق واليان ديان هردم، سچل وچ چميجن خاڪن.

محبوب جي رخسار جو جلوو سج کي شرمائي ٿو. عشاقن کي اسير ڪندڙ اهو سچو ربوبي رنگ آهي. مڪ مهتاب تي موتيءَ داڻا جيڪو رنگ لايو بينا آهن، انهن جو قدر سچل خوب چاڻي ٿو، چي:

"سچل قدر انهان دا چاڻان، يا وت آپ او چاڻي!

محبوب جي زلفن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

چَلي چَلي وال سهڻي دي نانگ بشيهر ڪالي،
عاشق ٻانهان ٻڌ ڪڙوتا، ڏيک کي صورت والي،
طرح ڪيهي اهو دلبر منهن تي، سخت بلائين پالي،
سچل سائين چپ رهو اتان، ڏک عجائب چالي.

محبوب جي ميندي لاڻي آيو تہ شاعر چيو:

ميندي لا هٿان ڪون آندا، سهڻا ٻانهن لڏاڪي،
چاتو سي مشتاقان ڪون وت آيا آپ ڪهاڪي،
ڏوهين دستان خون انهان دي، وچون سرخ ٻڙاڪي،
سپ ڪون آن ڏڪالڻ لڳا، سچل هس الاڪي.

سچل حسن جي پرتوي تي تڳي ٿو ۽ اهوئي هن لاءِ خوشيءَ جو باعث آهي. حسن جي باغ کي شل ڪوسو واءُ نہ لڳي:

سهڻي دي شل باغ حسن کون ڪوسا واءُ نہ لڳي.
هـُڻ دي عاشق اسان پي نسي. عشق لتوسي اڳي.
صورت سهڻي ڏيکڻ نالي. تن سچل دا تڳي.

سچل سائينءَ جي حسن پرستي عام قسم جي يا وقتي نہ آهي. هي اهو حسن جهان سوز آهي جنهن اهل دل عاشق کي پاڻ کان هي سوال پڇڻ تي مجبور ڪيو تہ آءٌ آهيان ڪير؟

ڪيستم من ڪيستم من ڪيستم.
در تحير مانده ام تا چيستم.

جواب آهي تہ:

اين قباي جسم را تو دور کـُن.
خويش را يک بار چون منصور کن.
خود شناس و خود شناس و خود شناس.
دور کـُن از خويشتن اين عبدي لباس.

پاڻ کي وساري محبوب سان وصال ماڻڻ شاعر جو مقصد حيات آهي. اُن ۾ هـُو ابدي خوشي محسوس ڪري ٿو. رجائيت پسنديءَ ۾ سچل سرمست جي ڪلام ۾ ڪيترائي مثال آهن هتي هن درد آشنا شاعر جي ڪلام مان سر خوشيءَ سان واسطو رکندڙ چند شعرن جي آڏار تي چند ڳالهيون چيون ويون آهن. جن مان مراد آهي تہ هو سک درسي (Optimist) آهي.

وچ ميدان محبت والي دم قدم ڏريجي.

مدي ڪتاب

(1) انصاري عثمان علي ـ "رسالو سرمست" سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد 1978ع.
(2) "درازي". قاضي علي اڪبر: عشق نامہ سکر 1975ع.
(3) " "گداز نامہ" سکر 1976ع.
(4) " " رهبر نامہ سکر 1977ع.
(5) رسولپوري. اسلم: "سچل سرمست" ـ بزم ثقافت ملتان 1977ع.
(6) راڻيپوري محمد صادق: "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1959ع.

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون

اهو اَن سماج جو الميو آهي، جيڪو اصل مسئلن ۽ اجاين رسمن کان واقف هوندي بہ واريءَ ۾ ڪنڌ هٽي ٿو ۽ ڪڏهن بہ سنڌاري ۽ حل لاءِ نٽو سوچي. مفاد پرست ان ڳالهہ ۾ خوش هوندا آهن تہ سندن مفاد محفوظ رهن. اُنهن مفادن تحت اڀوجهہ ۽ بي پهچ جو استحصال ڪيو ٿو وڃي. استحصال جي روايت بہ تمام پراڻي آهي. صدين کان ڏاڍن جو ڏاڍ جاري آهي ۽ هيٺن جي همت بہ لڳي ٿو اڃان جواب نہ ڏنو آهي. اياز چواڻي اڃان رُجن مان رڙ اچي ٿي، اڃان سارا مور نہ مئا آهن يا لطيف چواڻي رجن ۾ رڙ ٿي، اها ڪا ڪونج آهي. اڃان سهپ جو مادو آهي تہ ظلم بہ آهي. ظلم، ڏاڍ، اَرہ زورائي ۽ پرماريت جو راڄ رهندو اچي. ڏاڍ خلاف مدافعت ٿيندي بہ اچي. مقابلي لاءِ آپاريو بہ وجي ٿو. اجاين رسمن ۽ رواجن کي ٽوڙڻ لاءِ اَتساهيو بہ وجي ٿو. ظالم ۽ مردم آزار قدم پوئتي نٽو هٽائي. سعدي ڳهڻو ئي ٿو چوي تہ:

هرچہ خواهي ڪُن،
مردم آزاري م ڪن.

ناصحاڻو انداز ظالم لاءِ مؤثر ڪونهي. سچل سرمست چوي ٿو تہ قدم کڻي، ڏاڍ جا زنجير ٽوڙ ۽ شاهاڻو شملو ٻڌ:

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو،
پاڻ بيگانو مُول نہ ڄاڻيو آهين يارب کان،
وهم سچل ڪِ ٻانهپ وارو شملو ٻڌ شهانو.

هن شعر جي پوئين مصرع ۾ تصوف جي مضمون جو تاثر آهي. اهو مضمون سچل سرمست ۽ ٻين صوفين ڳهڻو چيو آهي ۽ اُن تي ڳهڻو ڪجهہ لکيو بہ ويو آهي. هتي اسان جي گفتگو جو موضوع فقط پهرين مصرع جا ابتدائي لفظ آهن. يعني: "ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون". هن ڳالهہ جو پڙلاءِ

سڄل سائين جي ڪلام ۾ آهي ۽ سندس پوئلڳ شاعرن وٽ به اهڙا اشارا آهن. ٻانهپ وارو خيال دل مان ڪيئن. ڇڄ پنڌيان نہ ڇُلن ۽ پاڻ کي گهوٽ سڏائڻ کان به ٻہ قدم اڳتي وڌي هي ڇوڻ اجان به زورائتو آهي تہ رواج ۽ رسمون ٽوڙ !

قائر فرسوده رسمن کي ٽوڙڻ ۽ رواجن کان منهن موڙڻ اسان جي سماج ۾ ڏاڍو مشڪل بلڪ عام سوچ واري لاءِ ناممڪن آهي. فرسوده رسمن کان جان آجي رکڻ وانگر ڪيترائي ٻيا رويا آهن. جن کان فقط مانجهي مرد ئي پلئه آجو رکي سگهي ٿو. جيئن خدا تي توڪل رکڻ ۽ ڪنهن کان ڪجهہ به نہ گهرڻ. منهنجي خيال ۾ ڪبير جو هي دوهو اهڙي معنيٰ وارو آهي:

مانگن مرن سمان هي، مت ڪوئي مانگو بيک،
مانگن سي مرن پلا، يہ هي ست گرو کي سيک.

جيڪي مليو سو سچ چگو. بندن کان ڪجهہ به نہ گهربو. قائم رسمن جي ابتڙ وڃڻ تہ اجان ڏکيو آهي. سڄو سماج مقابلي لاءِ اُپو ٽي وڃي ٿو. سماج تہ غلط کي غلط به نٿو چئي. اُن ڪري همت واري کي تہ لهوارو وڃڻ بجاءِ اوپارو اڇڻ کپي. اهو مسئلو پاڻ پرو ٽي سوچڻ ۽ قدم کڻڻ جو آهي.

ويڻن تان واري وري ٽي وڃي. ظاهري پڙهين ۽ پنڌتن جي وس جي ڳالهہ ناهي. جن لاءِ چيو ويو آهي تہ پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن کين قلوب ۾

يا

جيئن جيئن ورق ورائيين، تيئن تيئن ڏٺو ڏوهہ،
تنهن ڪهڻيءَ ڪيم ڪوه، جي رهڻيءَ رهيو نہ سپرين.
(شاهہ)

ذات پات جي جهنجهٽ کي به خاص طور مشرق جيئن پاليو آهي. اهو افسوس جوڳو آهي ۽ خراب نتيجا ڏنا اٿس. مهاپرشن ۽ عظيم شاعرن اهڙي جهنجهٽ کي به نندیو آهي. روحل صوفي چوي ٿو تہ چوڻ تہ سولو آهي. پر قول موجب عمل ڪجي تہ وڏي ڳالهہ آهي:

ڪهڻيءَ تان هرکو ڪهي، رهڻ اوکي بات،
پڌري ٿئي ٽي ذات، رهڻي مان روحل چوي.

اهڙين قائم رسمن ۽ فرسوده سوچن ۾ مرڻي پرڻي جون رسمون به

آهن. ٻين ڪيترن موقعن جا رواج آهن. انهن کي اڪثر نظرياتي طور نہ مڃڻ وارا ۽ عمل ڪرڻ تي مجبور آهن. ڪيترين ڳالهيون پراڻي ثقافت جو يادگار آهن. مذهب سان ۽ ڪو واسطو ڪونہ اٿن. تہ ۽ عمل ڪيو ٿو وڃي. ڪٿي ڪٿي تہ وڏن وڏن جي گفتن ۾ ۽ انهن جو ذڪر آهي. جيئن شاهہ عبداللطيف سُر ليلا چنيسر ۾ ڏکڻ پڇڻ واري شاديءَ جي رسم جو ذڪر ڪري ٿو.

پوڇا ڏٺم پير، ڏکڻ مٿي ڏول جا،
مون پانيو تنهين ويرَ، ڪوجهي ڪندو پريريءَ.

پراڻي ثقافت جو حصو هجڻ ڪري هن رسم جو شاهہ صاحب ذڪر ڪيو آهي. اڄ اُن جي پوئواري ڪئي ٿي وڃي تہ اهو ماضيءَ جي رسمن جو ورجاءُ آهي. موجوده جيوت ۽ مذهب جو حصو نہ آهي. ڪو گهوٽ اهڙي رسم تي عمل کان انڪار ڪندو تہ چوڌاري ٻيئل ڇاڇيائيون ۽ ٻيون عورتون جيڪي چونديون، تنهن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. نظرياتي طور بلند مقام تي ٻيئل هڪ اعليٰ فڪر وارو سچل سرمست جهڙو شاعر ۽ شخص انهن ڳالهين کي قبول نٿو ڪري. صاف صاف لفظن ۾ چوي ٿو:

جي مڃن تا آدمي، سي نہ مڃيان مان،
ڪوئي آهيان آءٌ، جو ٻانهو ڪنهن جو نہ ٿيان.

ماڻهو جيڪي تقليد لاءِ تيار ٻيٺا آهن، انهن جي ان رويي سان سچل جهڙو سائين هرگز هرگز هم خيال نہ آهي. پنهنجي بلند فڪر ۾ هُن جو خيال تمام اوچو پيو اڏامي. هو بلنديءَ تي پرواز پيو ڪري. اتي جتي دم قدم جي جاءِ نہ آهي. لامڪان کي ڇاتو ڇاڻي:

اتي پيو وڃي خيال منهنجو، جتي دم قدم جي جاءِ نہ آهہ،
لامڪان مون لـهر لـڙهي، جنهن مٿي سپ هوءِ هاءِ.

انهيءَ ڪافيءَ ۾ اڳتي نينهن نروار ڪندي انالحق ٿو آلائي، پر هتي سندس آواز جي بلند آهنگ جو مثال ورتل آهي. مراد آهي تہ موضوع جي محدود دائري کان نڪري نہ وڃون. هُو چوي ٿو تہ محدود خيالات جا بند پڇي ڇڏ. محدود سوچ ۽ سماج جي ٺيڪيدارن جي پٺيان هليو وڃڻ کان بچجي. پنهنجي سمت/ڏس درست هجڻ کپي. منزل تي پوءِ رسبو نہ تہ

ماڻهو اوجهڙ ۾ وڃي پوندو. ڳالهه ته واضح آهي پر هڪ چيني ڪهاڻيءَ جو حوالو ڏيڻ مناسب ٿو سمجهان. اها هيئن آهي ته هڪ هڪ دولت وارو دولت جي نشي ۾ ڌت، چي گو ڏي روانو ٿئي ٿو. گاڏيءَ ۾ پلو گهوڙو جوٽيل اٽس ۽ ڏن سان پريل صندوق توڙي پيو سازوسامان به ساڻ اٽس. چي گو اٽر ۾ آهي، پر هن جي گاڏيءَ جو رخ ڏکڻ طرف آهي. چند لي (ڪلوميٽر) هلي ٿو ته ڪو ماڻهو اڳيان اچي سلام ڪري خير و عافيت ۽ احوال وٺي ٿو ته ان کي شاهوڪار حال ٻڌائي ٿو. ان تي هو شخص عجب ۾ پئجي چويس ٿو: "سائين! چي گو ته اٽر طرف آهي ۽ اوهين ڏکڻ طرف پيا وڃو! ائين مرڳو ڇوڪو وڃي پهچندا". ان کي آکڙ کان جواب ڏي ٿو: "مورک! منهنجي گاڏي نئين آهي، منهنجو گهوڙو پلو ۽ اعليٰ نسل جو آهي. وڏي ڳالهه ته مون وٽ سفر جو سازوسامان ۽ ڏن سان پريل صندوق به ساڻ آهي. اٽر ڏکڻ جي ڳالهه ڪهڙي آهي؟" شخص هڪڙي بيوقوفيءَ جي جواب ٻڌڻ کان پوءِ هليو ويو. شاهوڪار اڳتي هليو. وري هيو شخص مليس. ساڳيو سوال ۽ ساڳيو جواب هن چيو ته ائين هلندو ويندين ته منزل کان جيئن پوءِ تيئن پري ٿيندو ويندين! پر ساڳيا لاڻون ساڳيا ڇڪهه!! همراه چي گو بدران ڇوگو طرف وڌندو ويو. غرور ۽ انڌ ۾ هيءَ ڏس طرف هلندو ويو. هر ڪنهن چيس ته ڏس بي آهي، دولت ڪهڙي ڪم آيندي!! پر هن نه ٻڌو. اسين به ائين ڏس پلجي اونده ۾ هٿوراڙيون پيا ڏيون. اسان جو رهبر سجاڳ آهي. هو سچاڻ اسان کي واضح ڪري ٻڌائي ٿو.

جاڏي ڪياڙي، سجدو تاڏي نه ٿئي،
جاڏي مُهاڙي، سجدو تت صحيح ٿيو.

سوچ صحيح ته ڏس صحيح، نه ته فرسوده رسمن جي ڇار ۾ ڦاسي خوار خراب ٿيو. غلط پيرن ۽ پنڌن کان روڪڻ لاءِ سچل سائين ٿو چوي ته ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون!

انساني من مختلف جذبن ۽ روين جي آماجگاه آهي. مثبت ۽ منفي رويا هُن جي من ۾ جاءِ وٺي ويٺا آهن. سچائي، محبت ۽ نهٺائي آهي ته نتيجا به اهڙا. جي ڪوڙ ڪپت، هٺ، حسد ۽ ڪينو آهي ته بيڙي سير تي آهي. پاڙي وارن جو به خير ڪونهي. نهٺائي ۽ هٺ جي پيٽ ڪندي

چيئرمن مائوزتنگ چوي ٿو تہ: "تهني جي اڳيان آءٌ هڪ معصوم ٻار وانگر ڪنڌ جهڪايان ٿو ۽ هٿيلي جي لاءِ آن ڏيڪي وانگر آهيان جيڪو هڪ زوردار ڏيهہ سان ڪيرائي رکي ٿو. آن ڪري جيتري نهنائي اوتري ترقي". هن خيال جو سچل سائين جي بحث هيٺ خيال سان ٽڪراءُ يا تصادم ڪونهي. هيءَ هڪ انساني نفسيات جي ڳالهہ آهي. خود چيئرمن مائو چين جي آزاديءَ جي سلسلي ۾ جيڪا سماجي ۽ عوامي جدوجهد لانگ مارچ يا تعليم ڏيڻ جي جاکوڙ ڪئي. آن سوچ ۾ فرق آندو ۽ اڃا فرسوده، جاگيردارانہ، نام نهاد مذهبي روين، رسمن ۽ رواجن خلاف هئي. مونکي تہ چيئرمن مائو جي ڪن گفتن ۾ بيباڪ صوفي شاعرن جون ڳالهيون نظر آيون آهن. هڪ هنڌ چوي ٿو تہ: "اسين پنهنجا پاڻ مالڪ آهيون." اهو ائين ٿيو تہ بانهپ وارو خيال ڪيڏو تہ مرد ٿيڻ مردانو ۽ ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون! پر ڪي سمجهو سمجهن. آءٌ ادا سالڪ! سهي ڪر تون طلسمات کي!! ۽ ڳالهہ کي ڪيئن مڪمل ڪري ٿو: پڇ دوئي تان ڪل پويئي دور ڪر درجات کي!! هاڻي ڪو آن کي مذهبي رنگ ۾ سمجهي يا سماجي رنگ ۾ ڇاڻي!!

اها هڪ مڃيل ڳالهہ آهي تہ سچل سرمست هجي، يا صوفي خير محمد، بيدل سائين هجي يا ٽائڪ يوسف، بيڪس هجي يا انهيءَ لڙهيءَ جو ڪو ٻيو موتيءَ داڻو. همت وارن کي سڀ داد ڏين ٿا. فرسوده خيالات کي اصل قبول نٿا ڪن. بيدل سائين زندگيءَ کي فقط عشق جي آرسيءَ ۾ ڏسي ٿو. صوفي شاعرن جي اها پهرين اوليت ۽ ترجيح آهي. بيدل سائين فرمائي ٿو:

عشق لڳا تدبيران ڇڪيان، بار غمان سر آيا.
درد فراق دا سٽندي هاسي، سو سين سوز سمايا.
بيدل بره دي باجهون جڳ ۾، جيوڻ محض اجايا.

بره کان سواءِ جيئڻ ئي اجايو آهي ۽ زندگيءَ جي ڏکن کان ڪيئن ڇڏيو. ڏک ڏيندڙن کان ڪيئن لڪبو ۽ جان بچائجي! آن لاءِ بيدل سائين فرمائي ٿو تہ ڏکن جو بہ حق آهي تہ دل واري تي قبضو ڇمائين. ڏکن کي بہ موقعو ڏبو.

ڏکن کي ۾ ڏکوءِ، پڇ نہ آسون آن جون،
متان سڪ سندوءِ، لٿو وڃي ويسلا. (بيدل)

سچل سرمست جن رسمن ۽ رواجن کي ٽوڙڻ جي تلقين ڪئي، اهي سماج ۾ ان حد تائين موجود هئا جو انهن جو دکدائڪ پهلو پڌرو هو. خاص طور غريب طبقو پوڳي رهيو هو. تلسيداس چواڻي مايا کي مايا ملي، رهي هئي ۽ غريب جي ڪنهن ۾ نٿي پڌي. ٻئي ڪي نڳڻ جو پروگرام هلي رهيو هو. تڏهن کو هڪدل هڪڙو هوندو جو ڪبير جي هيءَ ڳالهه پڌي:

ڪبير آپ ٺڳائي، اور نہ ٺڳئي کوءِ،
آپ ٺڳي دک اوپجي، اور لڳي دک هوءِ.

اُن دک جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، جو چڪيءَ جي ٻن پڙن جي وچ ۾ زندگيءَ جي خوشين کي ڏڏري ٿو ڇڏي، چي:

چلتي چڪي ديک کي، ديا ڪبيرا روءِ،
در پاٽن کي بيچ ۾، ثابت رهيا نہ کوءِ.

دکن جو درمان انفرادي ۽ اجتماعي سطح تي موجود ته هوندو ۽ هر ڪنهن مرض جو علاج ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪنهن ڇيو دک هجن ئي نہ!! دک بنا مرد مرد نہ آهي. ائين سچل سائينءَ ڇيو. پر اجتماعي سطح تي دک، درد، رسمون رواج ۽ نہ سهڻ جهڙيون ڳالهيون. انهن جو ڪهڙو حل ۽ بلڪ اهي پيدا ڇو ٿيون؟

سامي جنهن مايا جي موه ۽ ٻين ڪن سببن جي ڳالهه ڪئي، تنهن اوديا جو ذڪر ڪيو ۽ ٻڌايو ته جهل، بي علمي يعني اوديائي سيني ڏکن کي پيدا ڪري ٿي. اسين سڀ اوديا جي قيد ۾ آهيون، جهالت جي ڪُن ۾ پيا آهيون، سڀ ۽ سروپ کي ڇڏي ٻرم ۽ سندن ۾ قاتل آهيون ۽ انڌي کوه ۾ ڪريل آهيون:

اوديا بند کيا، جيءَ سيئي قاس ۾،
ٻُلي نج سروپ کوڻ، سنسي منجهه پيا،
ترشنا جي درياه ۾، سامي وهي ويا،
اهڙا انڌ ٿيا، جاڳي ڏسن ڪينکي.

ڳالهه صاف آهي، سچل چوي يا سامي، لطيف چوي يا بيدل يا ڪو بيو ڪوي ڪويسر ـ انڌ، اونڌهه، جهالت ۽ غلط رسمون انسان جون دشمن

آهن ۾ پوءِ ائين چونَ بلڪل حق بجانب ۽ وقتائتو آهي ۾ ٿوڙ رواج ۽ رسمون ساريون.

مدي ڪتاب

هن مقالي لاءِ شعر ڪبير، سعدي، شاه، سچل، بيدل، سامي ۽ روحل جا ورتا اتم. آهي هيٺين مجموعن مان آهن:

(1) ڊاڪٽر جعفر حسن: منتخبات هندي ڪلام.
(2) شيخ سعدي: گلستان.
(3) علامہ قاضي: شاهہ جو رسالو.
(4) انصاري، عثمان علي: سچل جو رسالو.
(5) عبدالحسين موسوي: ديوان بيدل.
(6) سامي، چئنراءِ: سامیءَ جا سلوڪ.
(7) بدوي، لطف الله: ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ مضمون، هيئت ۽ زبان جون نيرنگيون

سچل سرمست جي ڪلام جي مختلف پهلوئن تي هن وقت تائين محققن گهٽو لکيو آهي. جنهن ۾ مضمون، هيئت، زبان ۽ لفظي توڙي معنوي خوبين جو ذڪر ٿيو آهي. سچل سرمست جي سوانح عمري ۽ ڪلام جا اڪثر پهلو بحث هيٺ آيا آهن. انهن ۾ سندس هفت زبان شاعر هجڻ يا نه هجڻ توڙي ڪو ڪلام چوڻ يا نه چوڻ جا معاملا به آهن. شايع ٿيل ڪلام جو مستند هجڻ واري ڳالهه نهايت اهم آهي. هن سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي شايع ڪيل سرائڪي ڪلام جي آخر ۾ ڏنل اردو غزلن جو معاملو به شامل آهي. شاعر جو سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ڪلام شايع ٿيل آهي ۽ هاڻي سچل چيئر جي سرپرستي هيٺ نماڻي فقير وارو رسالو شايع ڪيو ويو آهي، پر تنوير عباسيءَ جو رسالو روڪيو ويو آهي.

1980ع ۾ سچل ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي پير صاحب حسام الدين راشديءَ جي تقرير ۾ هنن اهم پهلوئن تي ڪي رمارڪ موجود آهن. اهي هي آهن:

(1) ڇپيل رسالا غلط آهن.

(2) سرائڪي ڪلام (سنڌي ادبي بورڊ وارو) جعل آهي.

(3) سچل سواءِ سنڌي زبان جي باقي جيڪي ڪجهه ڇيو. آهو خام آهي (سرمست 2/1982ع، سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور صفحا 30 - 31).

پير صاحب جا رمارڪ نمبر 1 ۽ 2 بحث جوڳا آهن ۽ تحقيق جو ڪو انت ۽ ڇيهه ڪونهي. ڪلام جي متن جي صحت ۽ ڪلام جي ملڪيت بابت تحقيق جا دروازا کليل آهن. رمارڪ نمبر 3 ڏيان ڇڪائي ٿو. زباني گفتگو ۾ گهاٽي واڌي ٿي وڃي ٿي. پير صاحب جي ادب ۽ احترام جي

ڪري سردست لب ڪشائي نہ ڪجي تہ بہ هن رماڪ تي ڇپيل سنديءَ ڪانسواءِ بين ٻولين جي ڪلام جي چنڊچاڻ ڪري سگهجي ٿي. پير صاحب فارسيءَ جو اسڪالر هو ۽ ڪلام جي زبان جي صحت جو بهتر ڄاڻو هو. سرائڪي ڪلام پنهنجي نغمگيءَ سبب مٺاهون ٻيٽو آهي.

ساڳئي تقريرِ ۾ پير صاحب اهو بہ چيو آهي تہ: "مان سمجهان ٿو تہ سڄل ڪيترين ڳالهين ۾ اسان جي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کان تمام گهڻو مٿي آهي (سرمست ص 32). آغا صوفي ۽ قاضي علي اڪبر اڳ ۾ اها ڳالهہ ڪري آيا آهن. عقيدت جي حد ڪيتري آهي، اُن جو جواب پروفيسر لطف الله بدوي "تذڪره لطفي" ۾ ڏيئي چڪو آهي. البتہ علمي لحاظ کان شاعرانہ ڪمال جي ڪٿ ڪرڻ ۾ ڪو عيب ڪونهي. پير صاحب محترم جي ذڪر ڪيل رمارڪس ڏانهن ڏيان ضرور ڏيڻ کپي ۽ ٻنهي شاعرن جي شاعرانہ ڪمال جي ڪا حد نہ آهي. شاهہ صاحب اسان جي هڪ اڪ آهي تہ سڄل سرمست ٻي اڪ! ڪنهن کي گهٽ گهربو؟

هتي آءٌ سڄل سرمست جي شاعرانہ ڪمال جو اندازو فقط سڄل جي رسالي (ادبي بورڊ اشاعت) جي سنڌي ڪلام ۾ آخر ۾ آيل متفرق ڪلام واري باب مان ڪلام جي هيئت، زبان ۽ مضمون جي خوبين ۽ نيرنگين جو ٿورو ذڪر ڪريان ٿو. لفظ نيرنگ جي آڏار تي اسين اڪثر نيرنگي (جمع: نيرنگيون) ڪم آڻيون ٿا. اصل ۾ فارسي لغت ۾ نيرنگ جي معنيٰ: اٽڪل، فريب، مڪر، حيلو ۽ سحر (جادو) آهي (فرهنگ عميد از استاد حسن عميد، انون ڇاپو، تهران ص 1079). اسين حسن ڪاري، رنگارنگي ۽ انفرادي درجي جي معنيٰ ۾ نيرنگي ڪم آڻيون ٿا. تمام گهڻ پر شعر جي باري ۾ نيرنگيءَ جو پسڻ ڇڻ شعر ۾ حسن ۽ خوبيءَ کي پسڻ آهي. هتي منهنجي مراد بہ اهائي آهي ۽ متفرق ڪلام واري باب جي حوالي سان ڏسون ٿا. دنيا جي عظيم ليکڪن ۽ شاعرن وٽ نہ رڳو لفظن جو جادو موجود آهي، پر معنيٰ ۽ مطلب ۾ بہ جيڪا سحر ڪاري ڪن ٿا، سا عام ماڻهوءَ کي توڙي علم واري کي ڏسندين آگريون ٿي ڏيئي ڇڏي. هو سوچين ٿا تہ شاعر اهي لفظ ۽ اها معنيٰ ڪيئن منديءَ تي ٽڪ وانگر جڙي! هڪڙي هنديءَ جي شاعر مون کي ڪيئن ڏومعنيٰ ڪري ڪم آندو آهي.

سونا لاون پي گئي. سونا ڪر گئي ديس.
سونا ملا نہ پي ملا. روپا هوگئي ڪيس.

نازڪ خيالي، جذبات جي اٽل ۽ بيان جو ڪمال، اعليٰ شاعريءَ جو مثال ڪبير ۽ بين هنديءَ جي شاعرن وٽ موجود آهي. ڪبير هڪ شبد ۾ چوي ٿو:

ماٽي ڪهي ڪمهار کو، تو روندي هئي موهي،
اڪ دن ايسا آئي گا، مين روندون گي توهي.
ڪبير آپ ٺگائيي اور نہ ٺگيي ڪوئي،
آپ ٺگي دک او پجي، اور ٺگي دک هوئي.

☆

ساجن هم تم ايڪ هين، ديکن ڪي هين دو،
من سي من کو تو لئي، ڪپي نہ دو من هو.

ميران ٻائي وانگر هنديءَ جي هڪ بي شاعره ۽ پنهنجي شاعراڻ حُسن ڪاريءَ جا رنگ لائي ڇڏيا. سندس هي ٻه دوها ۽ جذبات جي اٽل ۽ زبان جي حُسن جو نمونو آهن.

ٻانهن ڇُڙائي جات هو، نربل جان ڪي موهي،
هردئي ۾ سي جاؤگي، مرد بنڊوگي توهي.
نينهن سگا سوئي سگا، هڊ سگا نا ڪوئي،
مان بينس تريا جري، اچرج جگ ڪو هوئي.

اُردوءَ جي اعليٰ شاعرن ۾ غالب، ميرِ، ذوق، اقبال، فيض ۽ فراق موجود آهن. غالب جو هيٺيون شعر مونکي سندس شاعراڻ اڏام جو بهترين مثال لڳندو آهي.

سب ڪهان ڪُ٘ج لالہ و گل ۾ نمايان هوگئين،
خاڪ ۾ ڪيا صورتين هونگي ڪ پنهان هوگئين.

اهڙيءَ طرح خواجہ فريد جي ڪافيءَ مان هيٺيون مثال ۽ بلند خيالي، تسلسل ۽ لفظن جي جُڙت جو بيمثال نمونو آهي.

ميڏا عشق وي تون ميڏا يار وي تون،
ميڏا دين وي تون ايمان وي تون.

ميڏا جسم وي تون ميڏا روح وي تون.
ميڏا قلب وي تون جندجان وي تون.
ميڏا ڪعبہ قبلہ مسجد منبر.
مصحف تي قرآن وي تون.
ميڏي فرض فريضي حج زڪواتان.
صوم صلواة اذان وي تون.

سنڌي شاعريءَ ۾ شاهہ ڪريم، شاهہ لطيف ۽ شاهہ عنات، سچل، بيدل، روحل ۽ بين جي ڪلام ۾ اعليٰ شاعريءَ جا ڪئين مثال موجود آهن. شاهہ ڪريم ڪان وڌي جيڪي تصوف، عشق ۽ نصيحت جا رنگ پسجن ٿا، تن ۾ سچل ۽ سندس ديستان جا شاعر نہ رڳو نئون اضافو آهن، بلڪ قلندرانہ نعرن جو پڙاڏو بہ آهن. چند لفظن ۾ انهن نينهن جي نعرن جو ذڪر ممڪن تہ ڪونهي، پر سچل سرمست جي ڪلام جو آهنگ پرکڻ لاءِ چند مثال عرض ڪريان ٿو.

پاڻ سڃاڻڻ يا حيرت جي عالم ۾ هجڻ واري حالت ۾ سچل سرمست چوي ٿو ڇا انداز، ڇا زبان ۽ بيان.

آهيان ڪاڪيون ڪهڙي، جا سمجهان نہ ڇاڻان!
بعضي پانيان پتڪي، يا آهيان گنڈيءَ ڏور.
يا گوءِ آهيان هٿ يار جي، يا وانگيءَ وانگر زور.
يا تان محل آهيان، جنهن ۾ شهنشاهہ،
ٻوليون ڪري ڪيترين، ٿو درنئون داناه.
يا تان گهوڙو آهيان، جو هلائي همسوار،
يا تان موج درياه جي، جا ٻوڙي ٿي ٻاهار.
ـ الخ

جي پرکي وڌي ٿو تہ ان ڳالهہ جو جواب خود ڏي ٿو تہ. آءٌ ڇا آهيان. جيڪي پير مغان ٻڌايو آهي. اُن جو **اظهار** ڪري بہ چوي ٿو تہ ڪيئن سلان ڇوجو عام اُن کي سمجهي نہ سگهندا.

هڪي ڏهاڙي پير مغان، مون کي ڳالهہ ڳجهي فرمائي!
سانڀ جهڙي ناهي سا، جا پاڻ پرين پرجهائي.

عام نہ مجن۔ اُن کي. جا صاحبن سمجهائي.
مٹ منجهاروئن مئي جي. ننهن ساقيءَ سُرڪ چکائي.
پيالي مؤن پرواز ٿيو. واءِ وئي پي وائي.
عبد چاتو ٿي جنين. تن بازي هٿ هارائي.
حق ڪوئن حق نصيب ٿيو ٿي. مدعا سچوءِ سپائي.

ڳوڙهي مضمون کي سمجهڻ هر خاص و عام جي سمجهڻ جي وس ۾ نٿو ٿئي. هرڪو پنهنجي سوچ، معيار ۽ بساط آهر سمجهندو. ائين هيئت جي نيرنگي ۽ شاعر جي طبع جولانيءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿي. سچل جي واين، ڪافين، ڪافي نما غزلن ۽ غزلن ۾ ۽ نغمگيءَ آهنگ جا ڪيئي رنگ آهن. غزل جو محبوب سان رمز ۾ راز و نياز جون ڳالهيون ڪرڻ لاءِ مخصوص آهي، تنهن ۾ سچل سائين جو آواز و آهنگ مختلف ۽ نقش و نگار نوان آهن. پير مغان محبوب جي درجي تي آهي. اُن جو آستان چمڻ جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو:

دل چپن سان جي چمين، پير مغان جو آستان.
محبت سچي محبوب جي، بانڪا وڃي تون باس تان.
ڪي ڏينهن مون دلدار لئي، وادءِ وظائف تي پڙهيا.
جڏهن عشق آرانپا ڏنا، ٿيون خود خدا جون خواستان.
جڏهن شوق مان شامل ٿيو، ٻيو خيال خاطر کون ويو.
هڪ واسطو تنهنجو رهيو، وسري ويون ٻيون واسطان.

غزل وانگر ڪافيءَ ۾ ۽ سچل سرمست جو رنگ و آهنگ منفرد آهي. ۽ فقط ٻستانِ سرمست جي شاعرن زبان ۽ بيان جي لحاظ کان اختيار ڪيو. خوش خير محمد، نانڪ يوسف، بيدل، بيڪس، عبدالله ڪاتيار، گهرام فقير ۽ ٻين وٽ اهو رنگ و آهنگ موجود آهي. سڀني جي ڪلام جو تقابلي جائزو ونڻ سان اهو ثابت ٿئي ٿو. سچل سائين ڪافيءَ جي مضمون، زبان ۽ هيئت کي هيئن نباهي ٿو.

وهان وساري ڪيئن؟ جيڏيون جي لنؤن لائي ويا.
گهوري ڇڏيم هي گهر جايون، برہ بهيران پڻيءِ لايون.
پير نہ پوءِ ورايان، وري سنپاريان ڪيئن؟

شهر پنيور کان ٿيم آزادي. ڪيچ ويندي ئي ڏٺيم شادي.
تنهن سان نينهن نپايان. پوء نهاريان ڪيئن؟
- الخ

جي ڪافين جي مختلف هيئتن کي ڏسجي تہ بہ سچل وٽ مختلف هيئتن ۾ ڪافيون ملنديون. ان ڪري نغمگيءَ ۾ بہ اضافو ٿيو. جي ٿو ۽ مضمون ۾ بہ اثر انگيزي ملي ٿي. هڪ مستزاد ڪافيءَ جو مثال هي آهي:

حال اچي ڏس هاڻي. وهي ٿو پنبڻئون پاڻي.
پاڻ ڄاڻين.
آءٔ ڪنيزڪ ملهہ خريدڻ. سائين تون پاڻ سجاڻين.
پاڻ ڄاڻين.
سڏ لهج تون سگهڙي تنهن جي. جاني ڪيو جوگياڻي.
پاڻ ڄاڻين.
ڏيئي ڏيڪاري پاڻ ڇپايو. پلي اها توکي پاڻي.
پاڻ ڄاڻين.
روز ازل کون در تنهنجي تي. والي سا هيءَ وکاڻي.
پاڻ ڄاڻين.
سيني اندر يار سچوءَ جي. سڪ سندءِ ساماڻي.
پاڻ ڄاڻين.

اهڙي طرح لفظن ۽ ٽڪن ۾ تناسب سبب بہ نغمگي پيدا ٿئي ٿي. سچل سرمست وٽ اهڙا بہ ڪيئن سهڻا مثال موجود آهن:

نہ مان مريد نہ مان پير. ساريّ فقر جو فقير.
نہ مان حاڪم نہ مان ظالم. آهيان امن جو امير.
نہ مان طاعت نہ مان تقويٰ. آهيان وره جو وزير.
نہ مان گهمڻ نہ مان گهتڻ. آهيان عشق جو اسير.
نہ مان ڪُڇڻ نہ مان پُڇڻ. آهيان دوست لئہ دلگير.
سچوءَ ٻڌو محڪم سر تي. محبت جو مندير.

سچل سرمست پنهنجي گفتي جو پورو پورو نمونو بہ آهي. جيئن روحل

چوي ٿو:

ڪهڻي تان هرڪو ڪهي، رهڻ اوڪي بات،
پڌري ٿئي ٿي ذات، رهڻيءَ مان روحل چوي.

سچل پاڻ کي عشق جي جذبي هيٺ مڪمل ملوث سمجهي ٿو. نينهن جا نعرا هڻي ٿو ۽ يار جو جلوو هر وَستوءَ ۾ پسي ٿو- چوي ٿو:

عاشق اکيون اُپٽي ڏسين، آهي مڙيوئي يار ميان،
ظاهر زباني ٿو ڪريان، عجب جيهو اسرار ميان.

ٻين اعليٰ شاعرن وانگر سچل سرمست محبت ۾ ممتاز آهي. هو سراپا عشق آهي ۽ مڪمل طور يار جي خيال ۾ مستغرق آهي. جيئن لنواري وارو خواجہ سلطان الاولياءَ خواجہ محمد زمان فرمائي ٿو.

عارف ۽ عشاق، پسڻ گهرن پرينءَ جو،
جنت جا مشتاق، اجان اوراهان ٿيا.

يا جيئن شاهہ لطيف فرمائي ٿو:

نڪا دل دوزخ ڏي، نڪي بهشت گهرن،
نڪي ڪر ڪفر سين، نڪا مسلماني من،
آيا ائين چون، تہ پرين ڪجو پنهنجو.

سچل سائين اُن محبت ۽ عشق کي "سانوڻ لاٽ" ٿو سڏي. اُن عشق جي ڪري آسمان بہ عزت لڏي. معراج شريف ڏي اشارو ٿو ڪري ۽ عشق رسول ظاهر آهي.

عشق اسان وٽ آءُ، اچي توتان سانوڻ لاٽيا،
چئنچل چيهل ٿي چوڌاري، مينهن رات ڪئي موچاري،
عزت لڏي آسمان، پرين اچي پير گهمايا.
بوند بره جي برسي باري، جوش اکين مؤن جرٽيا جاري،
بيحد ٿيا باران، اصل کون واه وهايا.
- الخ

هن محبت کي سامي ساڌ سنگت جي پيماني ۾ توري تڪي ٿو.

جنهن کي رنگ لڳو، سامي ساڌ سنگت جو،
اُٿي تنهن جي گهر مؤن، اوديا پوت پڳو،

ڪيائين صاف سمجھ سان، پيڇوءِ اڳو،
وڪٽي ڊور ڊڳو، ست ملیو سروپ سان.

سچل سرمست آن عشق جي اثر کي ڪيترن روپن ۾ پسي ٿو. اکين جي اشارن ۽ نيٽن جي ناز ۾ ڏسي ٿو ۽ حسن جهان سوز جو جلوو سندس اکيون پسن ٿيون.

تنهنجي چشمن چيٽڪ لايو، آءٌ هاڻي ڪيئن ڪريان!
ڪل نہ مون کي ڪا هئي، عشق اچانڪ آيو.
دل اسانجڙيءَ لعل لپيٽيو، رمزن جو رنگ لايو،
سدا گهرجي سچوءَ کي، محبت جو ني مايو.

سچل سائين جو ڪلام معنيٰ جو هڪ بحر بي ڪنار آهي. آن مان نموني طور ڪجهہ پيش ڪيو اٿم نہ تہ هن بحرَ بي پايان کي اونهو وجي آن جو انت لهڻ ناممڪن آهي.

مارئي

سچل سرمست جي ڪلام ۾

سُر مارئي، مارئيءَ بابت ڪجھ بيت ۽ ڪافيون، سنڌ جي بيشتر وڏن، ننڍن ۽ عام شاعرن جي ڪلام ۾ موجود آھن. شاھ عبداللطيف پٽائي ظاھري مضمون توڙي روحاني رمز جي اُپٽار ۾ ڪو پھلو نہ ڇڏيو تہ عام شاعرن ۾ سانوڻ فقير خاصخيليءَ دنگ ڪري ڇڏيا. ڇا جذبات جي بيان ۾ ڇا تر جي گاھن، ٻوٽن، وڻن ٽڻن ۽ زندگيءَ جي ھر ھر ڳالھ جي ذڪر ۾ ـ غرض تہ شاھ جي تمثيل ۽ سانوڻ فقير مارئيءَ جو ظاھر بلند پايہ ڪلام ۾ پوري بلاغت ۽ فصاحت سان بيان ڪيو.

شاھ صاحب تمثيل جو ھڪ ئي رنگ ٽن سٽن ۾ اھڙو ڇٽيو جھڙي مُندريءَ تي ٽڪ.

الست بربکم، جڏھن ڪن پيوم،
قالو بليٰ قلب سين، تڏھن تت چيوم،
تنھن ويڑ ڪيوم، وڃن ويڑھيڇن سين.

سانوڻ فقير لاءِ ائين چئجي تہ مارئيءَ جو بيان ڪندي تر تي سانوڻ جيئن ونو ۽ ڏيون، ڏانڪا، تڙ ترايون پلر جي پالوٽ سان سيراب ڪري ڇڏيائين. سانوڻ جي بيٽن مان چوند آسان ڪونھي، پر تہ بہ چار بيت پڙھي پوءِ سچل سرمست جي ڳالھ ڪريون تا ـ سانوڻ چوي ٿو:

ماڙيءَ چڙھيد مارئي، ڏس وطن سندا وڻ،
رھن ٽاريلا تر ۾، ھُو سانگي سيڻ سڃڻ،
آءٌ انھن جي آھيان، جيڪي جھانگي پين جھڻ،
تن سانگين ۽ سنگھارن جي، سُرھي آھي سانجڻ.

ڪيئن سمهان تنهنجي سيج. بندن تي اوڀيان ڪيئن اوڇڻ.
هن ستيءَ سان سانوڻ ڇئي. تون هوڏ ۾ نه هڻ.
آءٌ گولي آهيان غوث جي. گنجر غلامڻ.
مرشد **منهنجي** من تي. قادر وڏا ڪڻ.
مونکي ڪاڻ ڪريم جي. مون ٻوليا کين ٻانڊڻ.
قسمت آندم ڪوٽ ۾. آهيان ڏکي ڏهاڳڻ.
روضي مهندان رسول جي. ٽڄ پيتي اٿم ٽڻ.
آنهن جي آتڻ. اڇي ويندیس اجري.

اڏ لوئيءَ جو انگ ئي. اڏ ۾ اوڙڪ.
مارو وڃن مال سان. هڻن ڏٽولي ڏڪ.
ماروڃن مال سان. ميڙيو اڇن مڪ.
آڻين چاڙهين سومرا. چوڙيليون هڻن چڪ.
آڻين چاڙهين سومرا. هو ڪائين بلاشڪ.
آڻين چاڙهين سومرا. ڦيريو هڻن ڦڪ.
آڻين چاڙهين سومرا. ڪريو جوڙجڪ.
ڪٽي پکا ڪٽي پنهوار. ڪٽي تڙ ڪٽي تنوار.
ڪٽي سانگي ڪٽي وانگي. ڪٽي جهانگي.
ڪٽي جهوپا. ڪٽي پٽون ڪٽي پونگا. ڪٽي ٽاٽا ٽڪ.
ويڙه وڃڻ جي سومرا. تڙ جي آه تڪ.
مارو رهن ملير ۾. نڪو ٽاڙو نڪا ٽڪ.
ساه مٽي سانوڻ ڇئي. مونکي پوري ناه پڪ.
حميراٽا حق. پارڻ ڪان پري ٽيا.

موڪل ڏي تہ ملير وڃان. ڊري ڏسان ڊاٽ.
ملڪ مارو مير جو. ستيارو سيڪاٽ.
جويون جيسلمير جون. آهن ڪل ڪنواٽ.
نبيسر جون نام ڪنيون. ننگ پريون ڪن ناٽ.

چورا تن چوڑيلين جا. اهن ٿونر ٽڪن سان ٽاٽ.
گهٽي لوڏ لوياريں ۾. ٻي سونهن وڏي سمات.
چڙهيون چوٽ چاندان تي. ڪل ڪري ڪڙبات.
هٿن ڪاريون ٻڇن ڏاريون. مرڳهيون ڏين موڙات.
جت ڪيريون ٻيريون ٻاوريون. ٻيا ٻوهن جا ٻيلات.
ڏس قوت ڪنوارين جي. جي منگهه ولوڙين مات.
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين. آهن ڪيرن جا ڪڙات.
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين. آهن ڏونرن جا ڏوڏات.
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين. آهن ڇيرين جا ڇٽات.
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين. آهن چڑن جا ڇونگات.
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين. آهن ٻڪرن جا ٻيڪات.
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين. آهن گهٽين سندا گهات.
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين. ٻوريون ڪن ٻٽات.
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين. چتن جي چيهات.
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين. دڪن تا دونهات.
سدا مند سانگين جا. ڳاڳين مٿي ڳات.
پسي سونهن سانوڻ چئي. تون عمر نه ڪر اوراٽ.
پائي ڳل ڳڇيءَ ڳات. وجي ملان مارو مير کي.

٢٢

ماڙيءَ چڙهيو مارئي ٿي ڪري هڪ حشر.
منهنجا سانگي اچن سيگهه مان. جي پري ٿيا پنهور.
ڏنڻ مينهن ماڙيچن تي. ڪالهونکر ڪکر.
لڳي هير هنئين کي. مونکي کوٽين ڏني خبر.
نيٽن نند ڦٽي وئي. سڻي ساٿيهه جا سانير.
ونا مينهن ملير تي. ٿيا آب وڏا انچر.
ملڪ مڙئي مجر ٿيو. ٻربا ٻٽ پلر.
کيهه کرسڻ کانهه ڪلورو ٻيا ساوا ٿيا سر.
ڏنوهي ڏنگڻي ڏير ڏاکر. چانگون چرن چبر.

مُرٽ مڪٽي مرگم مانڌاٽو. ٽيا پٽن پاسي پر.
پُرٽ پچٽي ڪيرول ڪٽوري، ٻيا لوٽڪ ٽيا لَلر.
سَرَ سانئون ساوڙي، ٽي منڊيري مجر.
لنب لاٽي ڪوٽڪ ڪرانجهڙو. ٽيا ڪنڌيءَ پاسي ڪپر.
ڪيسر ڪنڙو ڪونيٽ ڪامهي. ٽيا ڪاري منجهه ڪلر.
نير نانگلي اهريو اکڙي، سي ڦٽيو جهلن ڦر.
پچر پنير ٻڪن ٻاوري، ٽيا ٽوهر مٽي ٽر.
ياڄي پنگريو ڦاڙه ڦڪريو. ٽيا ڊورين منجهه ڊبر.
موٽ مريڙو مانجهلي، سنا ۽ سينوم.
ڊم ڊامڻ ڳاگيون ڳنڊير، پُسيون ڪين پنهور.
ڦوڳ ڦُٽي پيا ڦاروا، ٻيا گوڙ مٽي گگر.
واهون ولهيون ٻُوهه ٽوه، اتي ٻهون ڦڪي ٻاجهر.
ڪنيپون ڪٽونبا پڪا پيرون، ٽيا مُڳَ مٽر.
چوٽرا ڏوٽرا ڪير ڏوٽرو، اٽيو ٻين اس.
آءٌ ماڪيان منا پانئيان، سي ساٽيهه جا سگر.
چارين چوڙيليون ٻڌيو ٻيليون، ويڙه مٽي ولر.
ڪارا ڪرا ڪڪا لمان ٻيڪون ڪن ٻڪر.
پورا پولا ڪتا ڪجلا، ڪن ڪڏڪارون ڪينجهر.
ڇڏ ته وجي ڇيلا چاريان، ادا ڄام عمر.
عدل ڪر عادل ٽي، ڪر نماڻيءَ تي نظر.
"ليس الله باحكم الحاكمين" ڏاڍو اٽئي ڏاتر.
جي نبي هئا نالي منا، سي مجي ويا اڳي جو امر.
جن دورا ڪيا هن دنيا تي، لاءِ وڏي لشڪر.
تن ڇڳيرن تي پئي ڇٽ جهليا، هيئن نالا نشانبر.
سي سڀ مري ويا ڳري، ٽيا قوت قبر.
ڪر ڪو خوف خدا جو. بندا ڪر نه بانور.
مجي منٽ مارئيءَ جي، ڪيڙ نماڻيءَ جا نيئر.
وجي ڪيرون ڏيان ڪاهڙ ۾، هڪ جيڏين ڪي هيڪر.

سڀي سوال سانوڻ جا. تون بديون بخش ڪر.
دانهن تنهنجي در، هيءَ پئي ستائي سومرا[1].

سانوڻ فقير توڙي عام شاعرن ۾ سگهڙن جي ڪلام ۾ لفظن جي پوچ ۽ تسلسل نمايان آهي. پر شاهه، سچل ۽ بيا وڏا شاعر ٻورن لفظن ۽ اشارن ۾ معنويت نمايان رکن ٿا. اشارن ۾ وڏيون ڳالهيون بيان ڪن ٿا. سچل سرمست پنهنجي مخصوص انداز ۾ گفتگو ڪري ٿو. مارئيءَ جي داستان ۾ پنهنجو مخصوص رنگ قائم رکي ٿو، پر هتي بيباڪانه نينهن جا نعرا ڪونه ٿو هڻي. تڏهن به سندس ڪلام ۾ زورِ بيان واضح ٻيئو آهي. مارئيءَ جو ۽ سندس مليز جو بيان ڪندي سچل سرمست پنهنجو بلند آواز ۽ آهنگ قائم رکي ٿو.

مارئي، اصل وطن ڏي تانگهه ۽ تنوار جو هڪ نمونو آهي. روحاني معنيٰ ۾ ونڻ يا ظاهري ۽ مجازي مام ۾، ڳالهه مڙيئي ساڳي آهي. سچل سرمست پنهنجن بيتن ۽ ڪافين ۾ مارئي کي هڪ زنده ڪردار جي حيثيت ڏني آهي.

سنڌ جي سورمين ۾ مارئيءَ جي حيثيت مختلف به آهي. هرهڪ جو پنهنجو ڪردار آهي ۽ هرهڪ سورمي هڪ منفرد نظرئي جو مثال پيش ڪري ٿي. سسئي عشق جي اعليٰ اقدار ۽ جدوجهد جو اظهار آهي. نوري نهنائي ۽ عجز جو نظريو ظاهر ڪري ٿي. مومل شرڪ جو هڪ نمونو آهي ـ ليلا ان کان به ٻه قدم اڳتي وڌي ٿي وڃي، سهڻي عشق جي اثر ۾ تار تري ٿي. سورٺ ورتان محل ماڙيون ملڪيت ۽ سر قربان ڪرڻ لاءِ آتي آهي. مارئيءَ جي ڪردار ۾ نمايان رنگ ساڻيهه جي سڪ آهي. ڪيس پنهوارن جي پچار آهي. بقول سچل سرمست پنهوار پانور (پائر جو ٽر) ڏي هليا ويا آهن. انهن جي پلپل پچار ڪندي مارئي چوي ٿي:

پانور پاس پيا، وڏا ڏوٽين ڏينهڙا،
ٽانهر وڃي ٽر ۾، ٽاريچا ٽيا.

---

(۱) مثال طور آندل بيت هيٺين ذريعن مان ورتل آهن:
ـ شاهه جو رسالو ـ علامه قاضي ـ سنڌي ادبي بورڊ.
ـ سچل جو رسالو ـ انصاري ـ سنڌي ادبي بورڊ.
ـ نڙ جا بيت ـ ڊاڪٽر بلوچ ـ سنڌي ادبي بورڊ.

لنگهي ملڪ ملير جو. ويڙهيچا ويا.
عمر ايڏي پنڌ تي، ڪنهن سانگ نيا.
قادر شال ڪيا، مون کي ويجها واهٽين.

پرئين ٽر پنهوار، جيڪر وڏو وچٽ ڪري ويا.
ڪڏهن ايندم اوڏڙا، سومرا سنگهار،
رڻ چڏي ريڍار، من ڪرن مهڙ ملير ڏي.

مارو ڪنهن لاچار ڪاڻ لڏي پرتي هليا ويا آهن. هنن چاه پئي اباڻا ڪک چڏي نوان نجهرا نہ اڏيا آهن. مارئي مارن لاءِ اباڻڪي ٽي چوي ٽي:

چاهون چڏيائون، نہ چاڻان ملڪ ملير جو،
پڪا پانور ڪنڊئين، نئين عمر اڏيائون.
انئي پهر اباڻڪي، آنهن ري آئون،
ڪو موٽي ڪائون، من ماڻهو ملڪ ملير جو.

زبان جي لحاظ کان بہ سچل سرمست وٽ نواڻ آهي ۽ لفظن جو استعمال اها ڳالهہ ظاهر ڪري ٿو:

اڄ نہ حوضين هوءِ، مارو نانهہ ملير ۾،
ايندا هئا آجڑي، ڪليون ڪنيو ڪوهہ،
جيڪس ميان پر جوءِ، اهي ويا ويچارا واهٽين.

عمر اباڻي پار جو، فاني ڪيس فراق،
جي هئا ريجاڻين رهاڪ، تن ٽر وڃي ٽاڻا ڪيا.

شاهہ صاحب جي روحاني رمز ۽ عام شاعرن جي ريتن، ڪاڏ خوراڪ ۽ رهڻي ڪرڻيءَ جو بيان بہ سچل سائين دل کولي ڪري ٿو. ڏيهہ جي ڏوئرن ۽ پسيءَ جو ذڪر هيئن ڪري ٿو:

ڪانگل ڏڄ سنيها، مان ويراڳڻ آهيان،
اوهان باجهون آءٔ گهٽيري، محلن منجهہ مسجان،
قسمت قيدالماءِ جي، ايرادي آهيان،
چانور چا چور مان، آڇن نت نوان،

ڏوئرا پسيون ڏيهه جا، ساريون هٿ روئان،
زهر پيالا سوز جا، اوتيون اڃ پيان،
اوهان ٻاجهون سپرين، مران آءٌ کي جيان،
ڏکيز کارڻ ڏيهه ۾، نپايس اوهان،
سچو اکڙين مؤن، هاري هت روئان.

سچل سرمست اظهار جي انداز جي لحاظ کان سنڌي شاعريءَ جي هڪ مضبوط روايت سان ڳنڊيل آهي. کنهن به سورميءَ جو بيان هجي، شاعرن جي انداز ۾ هڪجهڙائي ملي ٿي. مثال طور شاهه صاحب سسئيءَ لاءِ چوي ٿو:

سرجي تان سور، ساماڻي ته سک ويا،
اهي ٻئي پور، نماڻيءَ نصيب ٿيا.

حافظ حامد آن خيال کي هن ريت ظاهر کري ٿو:

سسئيءَ سر جي نه سک ماڻيو، پيس پيوند پينگهي ۾،
نماڻي نينهن جا ننڍپڻ ۾، کائي سُور ساماڻي.

ائين ئي مارئيءَ جي باري ۾ شاهه صاحب چوي ٿو:

هڪ جو نه ڇاياس، ٻيو ڇاپندي جي مران،
گهنگهر گهٽي ٿياس، ڇابي ماروئڙن کي.

سچل سائين به مارئيءَ جي ان جذبي کي انهن ئي لفظن ۾ بيان کري ٿو:

جڏهن آءٌ ڇاياس، کنهن وه وٽي نه ڏني،
جڏهن سامايس، تڏهن آيس اوراتن ۾.

سچل سائين جي هن بيت جو مضمون شاهه صاحب جي هيٺين بيت سان به هم آهنگ آهي:

هي منهن ڏيئي بن، تون وه کائي نه مرين،
تان جي مليو ڇائيون، تو سين سنگ نه کن،
تون کئي منجهان تن، پاڻ کونائين مارئي.

هي مارئيءَ جي کردار ۾ سوچ جو تمام اٽاهون مقام آهي. پڇتاءُ جو هڪ اهڙو اظهار آهي، جو سچي سالڪ جي اندر جو تمام بلند آواز آهي.

رڳو ايترو ڪونهي ته ٿر ۾ ڄائيون مارئي سان سنگ ڪونہ ٿيون ڪن. پر اباڻن ۽ ڏيڏين کان طعنا، تڪا، مهڻا ۽ عتاب پيا اچن. ڇي تون بادشاهه جي محلات جا سک، ماڻي ۽ شاهاڻا طعام ڇڪي وطن کي وساري ويهي رهي آهين:

عمر مون ڏي آئيا، اباڻئون عتاب،
"ٿئين اتي تون مارئي، ڪائي خوش ڪباب،
هت مون اکيون پنهنجون، روئي جهليون آب،
جهوريس هن جواب، ويڙهيچن وساريو.

مارئي وطن جا وڻ پسڻ لاءِ آتي آهي. هوءَ سوچي ٿي ته خدا ڪري ڏينهن جلد آڻي جو وطن ڏانهن وران ـ اها موچاري مهل مارئيءَ جي زندگيءَ جو سرمايو آهي. سڄل سرمست ان لاءِ چوي ٿو:

ايڏانهن ايندياس، ڪنهن مهل موچاري ماروئا،
جا لوئي آنديم لوءِ ڏنهن، سا ڇن نہ ڇڏيندياس،
توڙي تهباران ٿئي، ته بہ مور نہ مٽيندياس،
اچي ڏوٽيئڙن کي، ڏوراپا ڏيندياس،
"ته ڪيئن وساري ويهي رهيؤ، ٿوراهين ٿيندياس".
منهيون منهن سان اتي، آڻي آڏيندياس،
ڳالهيون ڳرهيندياس، سرتين سان ساڻيہ ۾.

ٿر جو ۽ سرتيون جو تصور ڪري ٿي ۽ رنگ رنگ لوين کي پسي ٿي:

لويون رنگا رنگ، ڪن ساهيڙيون ساڻيہ ۾،
سي آساوريون اڳريون، عمر پهرن انگ،
تاکون تنهنجي تاب کوئن، جهانگي بينا جهنگ،
هن ويچارا واهٽي، تن کي وڻ نہ تنگ،
سي ڪيئن ڏين پير پلنگ، حال جنين جا ههڙا.

طرحين طرحين خيال مارئيءَ کي اچن ٿا. هر لحاظ کان هوءَ وطن وارن کي ساري ٿي. مارئيءَ جي سوچ ۽ لوچ کي سڄل سرمست هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. لفظ سانوڻ فقير جي مقابلي ۾ ٿورا آهن. جذبا گهڻا آهن:

وروتا ويڑهيچن جا. اهي موتئين مالهڙيون.
رس نہ اچن روح کي. ٽالهہ ۽ ٽالهڙيون.
سنگهارن جون سومرا، چگيون چالڙيون.
جو فجر ڦوڪي سنديون. ڪن دانهہ دالڙيون.
انئي پهر آهن اکيون. منهنجون عمر آلڙيون.
ڪامل تنهنجي ڪوٽ ۾. وجهان فلڪين فالڙيون.
شال سڪندو سو ڏڻي. موت نڏر نالڙيون.
وڃي ڳجهيون ڳالهڙيون. ڪنديس سرتين سان ساڻيهہ ۾.

اُتي پيو وڃي خيال منهنجو

شاعر جي خيال جي بلند پرواز کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ڪنهن محقق ۽ نقاد جي وس کان ٻاهر آهي. پوءِ ٻه ادبي دنيا ۾ ڪي ڪوششون هن سلسلي ۾ ٿيندیون رهنديون آهن: محقق ۽ نقاد شاعر جي خيال کي رسڻ جي ڪاوش ڪندا رهيا آهن ۽ پنهنجي پنهنجي پهچ آهر پرواز ڪندڙ پکيءَ جي جاچ جوچ ڪندا آيا آهن. سچل سرمست جڏهن "اُتي پيو وڃي خيال منهنجو" ٿو چوي تہ اُن مان سندس مراد خيال جي بلند پرواز آهي.

شاعر جي خيال جي بلند پرواز کي پهچڻ نقاد ۽ پارکوءَ جي وس کان گهڻو مٿي آهي. عاصي تہ سندس لفظن جي ناه نوه کي ٻہ نٿو پهچي سگهي. شاه صاحب چوي ٿو:

ڪاري رات ڪچو گهڑو، اوٽيٽيهن اونداهي،
چند نالو ناه ڪو، درياءَ ڏڙ لائي،
ساهڙ ڪارڙ سهڻي، آڏيءَ ٿي آئي،
اي ڪم الاهي، نہ تہ ڪُنن ۾ ڪير گهڙي[1].

حقيقت جي بحر جا غواص ۽ مجاز جي مهراڻ جا ٿوٻا معنيٰ ۽ مطلب جا موتي سوجهي ڪين ۽ ڄاڻن تہ ڳالهہ ڇا آهي؟ سالڪ پنهنجي وس ناهي. ڇي ادیون سڀ اندام چڙن منهنجا چوريا. مطلب تہ هن پرواز جو ٻہ ڪو سبب آهي. حقيقت ۽ مجاز جا ٻہ رنگ آهو سبب بنجن ٿا. مشهور هندي دوهو هيئن ٿو اهو ظاهر ڪري:

جو مئن اهنج جانتي، پريت ڪئي دک هوءِ،
ديس دهائي ڦيراتي، پريت ڪرو نہ ڪوءِ[2].

---

(1) شاهہ جو رسالو. سُر سهڻي.

(2) متن ۾ آيل دوهو باغ علي شوق پنهنجي ڪتاب "راجستاني زبان و ادب" ۾ ڏنو آهي. ڏسو "راجستاني زبان و ادب" راجستان ادب سبا گزدر آباد ڪراچي. 1992ع ص

سچل سائين جي جيءَ اندر جبل جهاڳيا. سي روه ۾ روه هئا. چوي ٿو:

مٿي روه ڏسو سا رمڪي،
ڪا جا عشق چڪايس چمڪي،
ڏسي سچ نہ دم پر ڏمڪي،
محبت مُور نہ ڪامڻ ڪم ڪي،
گوندر وچ گذاري غمڪي،
هادي جانب سان نئين جمڪي،
تنهن تا تانگهہ نہ ٽرهڪ تمڪي،
مٿس وچ وره جي چمڪي،
تنهن جي شور وڏي شوڪاري،
پيا سپ ويهہ تون وهر وساري[1].

صوفين وٽ جو پاڻ سڃاڻڻ جو نظريو آهي، سو نہ رڳو ديني لحاظ کان ڏيان ڇڪائي ٿو، بلڪ اهو انسان جي ذهني ۽ نفسياتي دنيا سان ۾ مربوط آهي. پاڻ سڃاڻڻ، خدا سڃاڻڻ ۽ موجودات کي پرکڻ هڪ سالڪ لاءِ مڪمل مقصد حيات آهي. ظاهر پرست کي تہ رڳو کاڏو پيتو کپي ۽ مادي گهرج ئي ڪافي آهي. سنڌي چوٽين ۾ "بک بچڑ ٽول دانا ديوانا ڪري" ئي بس آهي. راجستان جي ڪهاوتن ۾ مونکي انيڪ چوٽيون دوهن ۽ تُڪن جي صورت ۾ نظر آيون آهن. هڪ ۾ چيو ويو آهي تہ: ان جل بڑو بلوان،

53. هونئن هن دوهي جي سنڌ ۾ هيءَ پڑهڻي نہ آهي:

جو مئن ايسي جانتي، پريت ڪئي دک هوءِ،
سنگر ڊنڊورا پيٽتي، پريت نہ ڪيجو ڪوءِ.

ائين شاهہ جي رسالي ۾ بيراڳ هنديءَ ۾ هڪ دوهي جي پڑهڻي هيئن آهي:

پک نهين پاور نهين پهچ نهين پي دُور،
آڏر نہ سگهان سکيان ڙي، روئان سور بہ سور.

هندي متن ۾ اهو هيئن آهي:

بنک نهين پاور نهين، پهچ نهين پي دور
آڙ نہ سکون سکيان ري، روئون بسوم بسور.

(1) انصاري، عثمان علي ـ رسالو سچل سرمست. سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد 1978ع ص 162.

کال بڙو سڪاري (ان پاڻي طاقتور آهي ۽ ڏڪار وڏو شڪاري آهي).

يا

ڪٺ ڪاسي ڪٺ ڪسمير ڪٺ ڪراسان گجرات،
داڻو پاڻي پرسرام، ٻان پڪڙ لي جات[1].

(ڪٺ ڪاشي ڪٺ ڪشمير، ڪٺ خراسان ۽ گجرات، پرسرام چوي ٿو داڻو پاڻي ٻانهن کان جهلي ڪٽي وڻي ٿو وڃي).

اهو عشق آهي، جو انسان کي معمولي حالتن کان مٿي کڻي ٿو وڻي. سچل سائين ان کي پنهنجي مخصوص رنگ ۾ پسي ٿو، چوي ٿو:

منجهوئن نينهن هنيائين نعرو،
سڏندي سير سڙي ويو سارو،
من ۾ محبت وڌس مارو،
ڪيائين واري ائي وارو،
اندروئن عشق ڏنس اوبارو،
ڏيئي مٿي سنگ سرارو،
ڪيائين من ڏسان ڪوهيارو،
سچيڏنا ڪونہ سنپاري[2].

اندر ۾ جهاتي پائڻ سان مڪمل سجاڻپ ٿئي ٿي. ڪهڙو اسرار آهي، ان جي پروڙ پوي ٿي، فرمائي ٿو:

آهيان آءُ اسرار، جيڏيون مون کي ڪير ٿيون پانيو،
ڪَن نہ ڏيان ڪيچ ڏي، پنهوروئن بيزار،
چڏي بادشاهي پنهنجي، ڪيڙم هت شڪار،
آيس هن عالم ۾، باري چاڙهي بار،
آڻيو صدق يقين سان، اديون ڙي اعتبار،
نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار،
مرشد پانهون نہ چيو، تون سچو آهين سردار[3].

---

(1) ڏسو حوالو نمبر 2 - ص 82.

(2) رسالو "سچل سرمست" صفحا 160 - 161.

(3) ايضاً ص 9.

رامڪليءَ ۾ شاھ صاحب "نوري ۽ ناري، جوڳيڙا جھان ۾" چيو آھي. شايد ھت اُن ڏانھن اشارو ڪيو ٿو ڏسجي ۽ چوي ٿو تہ "نوري ناري ناھيان، آھيان رب جبار". اُن سان گڏ جيءَ ۾ جھاتي پائي ٿو تہ عبرت ٿو ونڊي، چي:

مونکي عبرت آھي، اھڙي حال جي،
ھاريون حيرت آھي، انھيءَ ڳالھ جي.
ڪاتئين ڏاڍو ڪاتئين ھيٺو، ڪاتئين جوڙ جٽيا ٿو پائي،
ڪاتئين ڪوري ڪاتئين موچي، ڪاتئين سيد سڏائي،
ڪاتئين تارڪ ڪاتئين شارق، ڪاتئين مڪ ملائي.
ـ الخ[1]

عشق سالڪ کي اھڙي پد تي پھچائي ٿو جو ھُو حيرت جي وادیءَ جا سير ٿو ڪري. ھُو سالڪ آھي يا مالڪ آھي! اِن وادیءَ جا سير ڪندي سچل سرمست جيڪي ويچار ظاھر ڪري ٿو، تن کي پروڙڻ عاميءَ جو تہ ڪم ناھي، پر پارکو بہ بيوس آھن. سچل سرمست جي بلند پروازي، خاص رنگ ۽ لفظ نھايت موثر ۽ منفرد آھن:

احوال عشق لائي، سره سره بـلائي،
سسي شيخ عطار جي، ٿو چوٽئين چلائي،
ڏٺو تماشو تيغ جو، ڪُوين ڪنڌ ڪپائي.
(الخ)[2]

روحاني زبان جو تاثر ۽ رنگ علحدو آھي. اُن کي سمجھڻ آسان ڪونھي. جيڪڏھن مادي لحاظ کان ڪنھن ڳالھ کي سالڪ جي خود اعتمادي سڏجي تہ بہ ھُو عام ماڻھوءَ ۽ منجھيل شخص کان بلند ۽ نيارو آھي. سچل سرمست چوي ٿو ـ ع

پول نہ ٻئي ڪنھن پـل، تون تہ آدم ناھين،
لکيو ٿو لائيون ڪرين، جيئن باغ اندر بلبل،
ملکن ٿي سجدا ڪيا، واہ مٽي تنھنجو مـل،

(1) ايضاً ص 36.
(2) ايضاً ص 12.

ڪير ڪنڌائي ڪير ٽپائي، شاھ بنا دلدل،
احد منجھارؤن عبد سڏائي، ھئين تا پاڻ اصل،
سچل چوي سچ ٿي آئين، ڪونھي تنھنجو تل[1].

عشق ۾ حسن جو عنصر بہ آھي. سونھن ڪائنات ۾ پکڙيل آھي. حقيقت ۽ مجاز ۾ حسن ازل جو گھٽو دخل آھي. سونھن عاشق ۾ بہ سونھن پيدا ڪري ٿي. سچل سرمست اُن سلسلي ۾ ھيئن فرمائي ٿو:

سھڻيان نال مين سھڻيان ھووان، بن سھڻيان مين ڪوجھي،
باجھہ حسن ھوءِ ھوءِ پي ٿيوي، دل ملول تي مونجھي،
سچل راہ ھزاران وڃون، راہ لڏي مين سوجھي[2].

عشق ھڪ وڏي تحريڪ آھي، جيتوڻيڪ فرد کي متاثر ڪري ٿو. تصوف اُن جو مثال آھي. تصوف جو دائرو تمام وسيع ٿيو. ڪيترا اھل دل پنھنجي اثر نفوذ جي ڪري گھٽي رجوعات ۽ اھميت وارا ٿيا. سچل سرمست، حضرت جنيد ۽ شبليءَ جا مثال ڏيندي چوي ٿو:

آن جنيد و شبلي حاضر بودند،
حال او ديده ھمہ حيران شوند.

ھن سڄي صورتحال جو سبب بہ خودشناسي آھي:

خودشناس و خودشناس و خودشناس،
دو ڪُن از خويشتن اين عبدي لباس.

خودشناسي بہ گھري سوچ سان پيدا ٿئي ٿي. آءٌ ڪير آھيان (من ڪيستم) وارو تجسس خودشناسيءَ جي پد تي پھچائي ٿو حيرت ۾ وجي پاڻ کان پڇجي ٿو تہ:

ڪيستم من ڪيستم من ڪستم،
در تحير مانده ام تا چيستم[3].

---

(1) ايضاً ص 9.

(2) راڄپوري، محمد صادق. سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام. سنڌي ادبي بورڊ 1982ع صفحا 24 - 25.

(3) درازي، علي اڪبر. گدازنامہ (سچل سرمست) - سنڌي ترجمو ۽ متن. 1976ع - شامل ٿئي فارسي شعر روھڑي ص 14 تي آھن.

عرش ۾ پيو آڏامان - پاڻ - وس آهيانْ. پر وس ناهيان. اچاڻ نہ آهيان.
پاڻ کي صورت منجھ سجاڻان ٿو. کو شک گمان نہ آهي:

بانهون پاڻءَ ۾ پاڻ، توهين مالک ملک جو!
"لاخير في عبدي" اهو اٽئي اهجاڻ.
پاڻ پنهنجو پاڻهين، صورت منجھ سُجاڻ.
الله الله چو چوين، پاڻ ئي الله چاڻ.
سچو سائين هڪڙو ناهي شک گمان[1].

يا چوي ٿو:

صورت سپ سلطان، پاڻ ڏسڻي آيو پنهنجو تماشو.
کاٽئين حنبل، شافعي، کاٽئين مالک، نعمان.
کاٽئين پٽي پوٽيون، کاٽئين پڙهي قرآن.
- الخ[2]

کو پڇي تہ پلا اهو کير آهي. بانهو خود تہ خدا تي نٿو سگهي. پوءِ هيئن نينهن جا نعرا ۽ اناالحق جا آواز ڇڙ! کهڙو اسرار آهي. اُن سوال جو پنهنجي انداز ۾ سچل سائين جواب ٿو ڏي. اُن کي پروڙ جي کوشش کجي. چوي ٿو:

عين اٿو انسان، پول متان پلي کائي!
دلق درويشي پهري آيو، صورت هي سلطان.
آهي جڳ ۾ سڻو ري جيڏيون، صاحب جو سيلان.
ڏسي تماشو يار سچڻ جو، هر هم حيران.
واه عجائب جيهو کيائين، سچو ري سامان[3].

هي ڳجهارت جو انداز آهي. نہ تہ ائين کيئن چوي تہ هي بہ آهيان هُو بہ آهيان - کو کيئن چوي کو کيئن چوي:

آهيان کاکيون کهڙي، جا سمجهي نہ چاڻان!
بعضي پانيان پُتلي، يا آهيان گڏيءَ ڏور.

---

(1) رسالو سچل سرمست ص 18.
(2) ايضاً ص 18.
(3) اُيضاً ص 372.

يا گوءِ آهيان هٿ يار جي، يا وانگي وانگر زور،
يا تا محل آهيان، جنهن ۾ شهنشاهه،
يا تا گهوڙو آهيان، جو هلائي همسوار،
يا تا موج درياه جي، جا ٻوڙي ٿي ٻاهار.
ـ الخ[1]

منهنجي خيال ۾ هڪ شاعر ۽ وڏي سوچ رکندڙ ماڻهوءَ جي اهائي ڳالهه اهم آهي ته هُو عام خلق واري رنگ کان ئي نيارو آهي. هُن جو انداز ئي نرالو آهي. جيئن عام خلق رڳو تقليد ڪرڻ ۾ ئي پوري هوندي آهي، وڏو شاعر ۽ اهلِ دل شخص ائين نه ڪندو آهي. هُو قابل اجميريءَ جي لفظن ۾ رهبر جو درجو رکي ٿو. خود هوائن جو رخ بدلائي ٿو:

هر بدلتي هين رخ هوائون کا،
آئي دنيا هماري ساٿ چلي.

سچل سائين اهڙو ئي رهبر آهي، جيڪو چوي ٿو ته جيڪي ڪجهه عام ماڻهو سوچي ٿو ۽ مڃي ٿو. آءٌ اهو نٿو مڃان:

جي مڃن تا آدمي، سو نه مڃيان مان،
ڪوئي آهيان آنءُ، جو ٻانهو ڪنهنجو نه ٿيان[2].

هيءَ صورتحال کا عام رواجي نه آهي. هن ۾ سالڪ جسماني، ذهني ۽ روحاني طور اُن مقام تي آهي جو ڏک سک جو سنڌو به هن لاءِ ڪجهه نه آهي. جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي:

ڏني ڏکويا، اڻ ڏني راضي رهيا،
صوفي تيئن ٿيا، جيئن ڪين ڪنيائون پاڻ سين[3].

هيءَ هڪ اهلِ دل جي ڳالهه آهي. هُو مادي دنيا کان بنهه ڌار ۽ لاتعلق نه آهي. خود اندر اڃارڻ ڪانپوءِ خلق خدا جي سڌاري ۽ فائدي لاءِ مجاهدا ڪري ٿو. ائين ينهنجي من کي اڃارڻ ڪانپوءِ خلق جي من مان ميل

(1) ايضاً ص 326.
(2) ايضاً ص 14.
(3) شاهه جو رسالو ـ سُر يمن ڪليان.

ڪيڏن جو عزم ڪري ٿو. حسد، ڪينو، گيرب گاءِ، ڇوت ڇات ۽ اهڙا سڀ منفي رويا رد ڪري ٿو. تڏهن ٿو چوي تہ:

اَتي پيو وڃي خيال منهنجو، جتي دم قدم جي جاءِ نہ آهہ!
لامڪان مؤن لهر لُڙهي، جنهن مٿي سڀ هوءِ هاءِ،
وحدت جي درياه منجهاروئن، تون پي وڃي موج صفاءِ،
بره ٿو تي بادل آندو، اناالحق جي هڪل سڀاءِ،
قطرو پاڻ نہ پائنج عاشق، ساروئي تون بحر سڏاءِ،
ٻئي جهان هڪو ڪر ڇاڻين، جلوو تنهنجو جاءِ بجاءِ،
سچو آهين سر سبحاني، ظاهر جو تون نانءُ وجاءِ[1].

(۱) رسالو سچل سرمست ص ۱۱.

سوچ جو سرگم

شاعرن ۾ درويشن ۾ جو قدر مشترڪ آهي، سو تصوف آهي. سنڌ ۾ شاهه ڪريم جي شاعريءَ کان وٺي بيڪس تائين هي تسلسلي ملي ٿو. تصوف جو بنيادي اصول انسان ۽ خدا جو تعلق آهي. تصوف يا صوفي متي جو مول مقصد روحاني ترقي آهي. سچل به هڪ صوفي شاعر آهي، هڪ بيباڪ صوفي شاعر آهي ۽ سندس طالب، بالڪا توڙي متاثر شاعر به اهوئي دڳ وٺي هليا جيڪو سندس هو. هتي انهي حوالي جي ڪري مختصر طور تصوف جو ذڪر ڪرڻ لازمي آهي. شيخ اڪبر ابن عربي پنهنجي ڪشف ۽ شهود جي دعويٰ کي آيات ڪريمه جي سندن تي وڌي حجت ۽ دليل سان چوي ٿو ته هي ڪائنات پنهنجي سڀني رنگينن ۽ انهن جي ارتقائي ايرڦير سان خالق اڪبر کان ڪو علحدو وجود نٿي رکي[1] امام رباني وحدت الوجود جي مقابلي ۾ وحدت الشهود جو نظريو پيش ڪيو[2] شاهه ولي الله دهلوي هن سلسلي ۾ نهايت وضاحت سان لکيو آهي. شاهه صاحب پنهنجي ڪتاب "همعات" ۾ انهن تمام معاملن ۽ تصوف جي تاريخ توڙي تصوف جي ماهيت بابت لکيو آهي. دنيا کي خبر آهي ته حضرت شاهه ولي الله هڪ فقيهه ۽ محدث هجڻ سان گڏ تصوف جي تاريخ جو پائڌيئڙو هو. تصوف جو واسطو نفوس، ساه يا دم سان آهي. هن بي پايان حقيقت تي نه رڳو عالمانه بحث ڪري ٿو بلڪ هڪ اهل دل جي حيثيت سان ڳالهه جي تهه تائين پهچي ٿو. هتي سندس خيالات جو تت همعات مان پيش ڪجي ٿو. تصوف اسلام مان آيو. ان ۾ اسلام جون ئي خصوصيتون آهن. مسلمان قومن ان کي ذاتي ۽ مقامي رنگ به ڏنو. اسلام هڪ متوازن دين آهي. فڪر ۽ عمل ۾ توازن ۽ درميانو رستو ورتو ويو.

(1) انصاري عثمان علي: رسالو سچل سرمست سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1982ع ص 15.
(2) ايضاً ص 16.

اسلام آتي جنم ورتو جيڪا سرزمين اولهه ۽ اوپر جي وچ تي آهي. هن جو واسطو چين ۽ هندستان سان رهيو. يونان ۽ ايران سان به عرب ۽ ايران ۾ اسلام پکڙيو ۽ ان کانسواءِ بين خطن ۾ به ويو. شاهه ولي الله لکي ٿو ته: اسلام ۾ تصوف جو پيدا ٿيڻ مذهبي زندگيءَ جي هڪ فطري تقاضا هئي[1] دين جي حفاظت لاءِ نبي آيا. خاتم النبيين ﷺ کانپوءِ درويش ۽ مجدد ايندا رهيا. اهي دين جي ظاهري ۽ باطني حفاظت ڪندا رهيا. هن طريقي جو نالو احسان رکيو ويو. احسان ذريعي بزرگن خلق جو تذڪيه نفس ڪيو. "احسان" ۾ عبادت خشوع ۽ خضوع سان ڪئي ويندي آهي ۽ بندي تي عشق الاهي جي حالت نازل ٿيندي آهي. خدا جي محبت کانسواءِ ۽ خدا جي وجود کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿيندو آهي. احسان ۾ ڪنهن بزرگ جي خلق ۾ عام گفتگو ٿيڻ لڳندي آهي. هن ڏي خلق جي رجوعات هوندي آهي[2]. شريعت کانپوءِ طريقت جو سلسلو هلندو آهي. ان سرشتي ۾ خدا جا عاشق مرشد جي حڪم موجب خدا جي عنايتن مان مستفيض ٿيندا آهن. تصوف جي باري ۾ شاهه ولي الله دهلوي لکي ٿو ته ان جا چار دور آهن. پهريون دور حضور ﷺ جن ۽ سندن اصحابن جو هو ۽ چند نسلن تائين اهو هليو. انهن جو احسان يعني حاصل تصوف اهو هو ته هو عبادت ۾ مصروف رهندا هئا. پنهنجي پوري هوش حواس ۾ هئا ۽ دين جا ارڪان پورا ڪرڻ ئي سندن مقصود حيات هو. حضرت ابوبڪر صديق مرض الموت وقت چيو طبيب ئي مونکي بيمار ڪيو آهي جيئن شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيو:

"سوئي عين عذاب سوئي راحت روح جي".

تصوف جو ٻيو دور حضرت جنيد کان آهي. هن ۾ توجه سان ذات خداوندي تائين رسائي جو انداز هليو. اهڙيءَ طرح ٿيون دور شيخ ابوسعيد ابوالخيره ۽ شيخ الحسن خرقاني جو آهي. توجه کانسواءِ ٻيون جيڪي نسبتون آهن. هي بزرگ انهن کي نوراني حجاب سمجهندا هئا. ان عهد ۾ وجودي ۽ شهودي توحيد ۾ فرق ڪونه ڪيو ويندو هو. انهن بزرگن هيئن

(1) دهلوي شاهه ولي الله: تصوف کي حقيقت اور اس کان فلسفه تاريخ. "همعات" سنڌ ساگر اڪيڊمي لاهور 1957ع ص 27.

(2) ايضاً ص 42.

کيو جو پنهنجو وجود وساري ان ۾ خود خدا جي وجود جو عڪس ڏسندا هئا. ان مقام جي کيفيت ۾ لذت پسندا هئا.

آخر ۾ تصوف جو چوٿون دور شيخ اڪبر محي الدين ابن عربي ۽ ان کان ڪجهه اڳ جو دور آهي. اُن دور ۾ بزرگن ۾ ذهني ۽ وڌيڪ وسعت آهي[1]. تصوف جي دنيا ۾ اهي بزرگ ۽ اهل ڪمال پنهنجي ظاهري عملن ۾ جدا جدا نظر اچن ٿا، پر اصل ۾ اهي هڪ ئي آهن ۽ هڪ ئي مقصد سان منسلڪ آهن. الاهي محبت جي انهن تي پالوٽ آهي. خدا ئي سندن مقصد ۽ منزل آهي.

ملت عشق از همه دين ها جدا ست،
عاشقان را مذهب و ملت جدا ست.

حضرت جنيد بغدادي پهريون بزرگ آهي، جنهن تصوف جي قواعد کي مرتب کيو ۽ سلسلہ طريقت کي سنواريو. مطلب تہ سندس دور جا جيڪي اهل تصوف هئا، انهن پنهنجي سلوڪ جي نسبت حضرت جنيد سان رکي. جيئن تصوف جي سڀني سلسلن جو اصل هڪ آهي، تيئن طالب ۽ سالڪ لاءِ بہ اهو ضروري آهي تہ عقيدا درست رکي. سلوڪ جي پهرين منزل اطاعت آهي. ذڪر اذڪار ۽ ورد وظيفا بہ هن ۾ اهم آهن. عام ماڻهن کي هي ڳالهيون سمجهه ۾ نہ ايندیون. سالڪ جڏهن ذڪر اذڪار ۽ محبوب جي خيال ۾ گم ٿئي ٿو تہ هن کي مراقبي ۾ وڃڻ گهرجي ۽ خلق سان ڳالهہ بولهہ ۽ اجاين ڳالهين کان پاسو ڪرڻ گهرجي. مراقبي جي مراد هيءَ آهي تہ سالڪ پنهنجي قوت ادراڪ کي مڪمل طور الله جي صفتن جي تصور ۾ رکي يا هو نزع جي اُن حالت کي ڏيان ۾ رکي جڏهن روح بدن کي ڇڏي ٿو.

هند ۽ سنڌ ۾ بہ تصوف جي سلسلن ۽ صوفين جي نالن پٽيان هي معاملو هليو. چشتي، قادري، نقشبندي ۽ سهروردي اهي سلسلا آهن جن تي تصوف جي هند ۽ سنڌ جي عمارت آڌيل آهي.

انهن سلسلن جي طريقن جي تسلسل سان اصل ڪامل ۽ درويش شريعت، طريقت، حقيقت جا مرحلا طئي ڪري معرفت ماڻڻ جي منزل تي

(1) ايضاً صفحا 52 ـ 53.

پهتا. سنڌ ۾ قلندر لعل شهباز جو اثر ڪيترن ئي صوفين ۽ شاعرن تي رهيو آهي. هونئن صوفي سلسلن ۾ ڪيترائي بزرگ اهم آهن.

سچل سرمست هڪ بيباڪ صوفي شاعر آهي. هڪ نظر هن جي شعر ۽ شخصيت، سوچ ۽ لوڻ تي وجهڻ ۽ لازمي آهي. فارسي غزل هجي، مثنوي هجي يا سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام سچل سرمست جو پنهنجو هڪ رنگ آهي، اهو رنگ ۽ انفراديت تمام واضع آهي. هن جي سوچ ۾ اهوئي روحاني سچل آهي.

بيرنگي تصوير، مولا دي سو رنگين وچ سمايا هي،
آپي ڳاتا آپي بجاتا، آپ سميع بصير،
ڪٿان ليلئ ڪٿان مجنون ڪٿان نينگر پير،
ڪٿان صاحب حڪم چليندا، ڪٿان سڏيندا فقير،
سچل هر جا رنگ رانجهن دا، حاجت نهين تقرير.

محبوب جيڪي ۽ رنگ بدلائي ٿو. جيڪي رنگ بنائي ٿو، سي انوکا ۽ عجب آهن. انهن رنگن جي اختلاف ۾ ۽ وحدت پسي ٿو ۽ چوي ٿو:

ڪيسا رنگ بنائي دام، شاه وت رنگارنگ، رلائي دا،
هيئين تون شاه جهان دا، پيڙئي غرض گدائي دا،
اندر باهر هڪو آها، ڪنهن ڪنون دوست پلائي دا.

جيڪي روپ ونڻي ٿو اڇي، انهن ۾ ۽ وحدت آهي. سڀ هڪ روپ هڪ اظهار ٿا ڪن، ڇا منصور ڇا سرمد ڇا آبيچند، سڀ هڪ آهن:

خاص خدا ودهي پاڪ خدا وندهي گاهي آبيچند هي،
گاهي شرف بوعلي گاهي ابيچند هي،
گاهي سو آسودگي گاهي پراگندگي، گريان سوزان هي،
گاهي سو شهباز شاه گاهي مروند هي،
عرب عجم روم شام ساڳي سوئي سنڌ هي.

سچل سرمست جي سرائڪي ڪلام ۾ رنگا رنگي گهٽي آهي. جهولڻن، هير رانجهي ۽ ٽيهه اکريءَ ۾ سندس اها انفراديت ۽ رنگا رنگي موجود آهي. انداز بيان ۾ اها پسجي ٿي.

جهاتي پاڳيون دلبر دل وچ سانون بره بچاکي.
هڪ واري اسان يتيمان ڏهون تون آوين ڦيرا پاکي.
سڻ وي ڪانگ فريادان ميڏيان ساريان تون دل لاکي.

--

يار مسافر هوڳيا. مين ڪينون آکان ڪوڪ وي.
خبر اسان کهين نا ڪيتي. ساري ڏنا لوڪ وي.
عالم ليکي ديس چوڙيوني ڳئي وساوڻ جهوڪ وي.

هير رانجهي جي ڏوهيڙن ۾ عاشقن جي مختلف قصن جا حوالا ڏيڻ کان پوءِ هير رانجهي جي داستان تي اچي ٿو. هير جي پيءُ کان ڳالهه شروع ڪري ٿو.

چوچڪ دي هڪ بيٽي آهي. هيري نانءُ سڏيندي.
اکيان دا وت تير تهين دا. عاشق ڪون جهليندي.
لک هزار جو عاشق ويندي. مزگان نال مريندي.
جي تون ويکين تا سڏ پويئي. موت ڪنون وڌ حالت هوويئي.

رانجهو ڏک ڏسي ٿو ۽ محبوب جو ديدار نصيب ٿو ٿئيس.

ڏک ڪيئي جڏان عاشق ڏاڍي تڏان معشوق آئي.
ڏيکڻ کاڻ حيران عاشق دي لک لک جهاتي پاتي.
چاوي نيڻ اتيري دلبر لک چپ بره بچائي.
صورت واليان سانگان لاٿيندیان. نال نگاهان مفت مريندیان.

مک وچ مُرلي ۽ انگ پيوت ڪري جوڳي بنجي ٿو ۽ مقصد ماڻڻ جو ادم ڪري ٿو. شاعر **ان** صورتحال جو بيان هيئن ڪري ٿو:

وڏي ويلي ڪُون ٻوگي ايا. سارا پاڻ مليندا.
ڳل وچ ڪفني دست پهوڙا. مرلي محب وڄيدا.
روندا وتدا آه ڪيندا جهونا بگل هنيندا.
جوڳي ڪيهي ديسون آيا دل وچ آوندي کهڙا رايا.

--

عشق بازي هي ڏاڍي مشڪل. لاوڻ توڙ نياوڻ.
باري بار بره دا هيئي. حم اکين سر چاوڻ.

ڳالهه اهين ڪنون مڙئا نهين. جيوڻ تي نيهن لاوڻ.
نينهڙا لاوڻ ول ول سگهڙا. پريت لڳاوڻ ڇل پل سگهڙا.

ٿيهه اکرن ۾ به سچل سرمست نه فقط فڪر جي بلندي تي آهي بلڪ شاعريءَ جي فن ۾ به معيار نظر اچي ٿو. بلاغت ۽ فصاحت ۾ خاص طور ٿيهه اکريون اعليٰ آهن:

ر ـ رنگ گهرا متواليان دا، آون رل ته سير تماشڙي ني،
چناه دي وو ڪناري ناز ٿرن، ڪر هار سينگار سي،
خاصڙي ني،
غمزه لا عشاقان جو سرمنگن، رکن عاشقان اتي،
وه تلاشڙي ني،
ساڏي طرف سهڻي وو اڏار ڇوڙئي، ڏاڍي باز بره،
دي باشڙي ني.
ط ـ طول طويل جو زلف انهان دي هوئي لک هزار،
حميرانڙي جي،
دونهان پاپيئي در سهڻيان دي، ڪرن دانهن فرياد
ديوانڙي جي،
آکان نال زبان نه آک سگهان، حسن والي بهون بيانڙي جي،
سچو ڪون غريب بيچاره هويا، ڪڙي در اتهان
مستانڙي جي.

خوني خماري نيٽن جو بيان هيئن ڪري ٿو:

ن ـ نور پريان اتهان سهڻيان ديان، ڪجل پر
خونيان وو خماريان جي.
تنهان نال هووي ڳچي پلڙا ني، بانهان بڌ ڪريجن
زاريان جي.
ٿيون مست ديوانڙي بادشهان، ڏيک خوبصورت
سرداريان جي.
سچو لٽ نيون مسافران ديان دليان، دور ڏاڍي وو
سونهاريان جي.

تخت هزاري کي سچل سرمست هنڌ هنڌ ڳايو آهي. ڪافيءَ ۾ ٿـ سون تي سهاڳو ٿو نظر اچي:

تخت هزاري دا رانجها آيا وي آيا سيالين ٿـ مشڪ ملايا وي ملايا.

عطر عنبير ٿئي هيڪاري جهنگ سارا تنهان چاپا وي چايا.

حقيقي عشق جو رنگ اڻوئي رنگ آهي، جو سچل جي سوچ جو سرگم آهي.

سچل سنگيت

سچل سرمست جي سوانح نگارن لکيو آهي. ته کيس راڳ ٻڌڻ جو شوق هو. طبلي تي هٿ لڳندو هو ته هو بيخود ٿي ويندو هو. سارنگيءَ جو آلاپ ٻڌندو هو ته سرشار ٿي ويندو هو ۽ مست الست سرمست ٿي ويندو هو. سندس ڪلام ۾ به سر سنگيت جي جهنڪار ٻڌجي ٿي. شاعر جي موزون طبيعت ۽ سر سنگيت جي پرک، پروڙ ۽ سرشاري ڪلام ۾ موزونيت، آهنگ، سُر، تال ۽ مرڪيون پري ڇڏي ٿي. سچل سرمست جون گهٽيون ڪافيون عروض تي به آهن. سرائڪي ڪلام جي آهنگي جي انفراديت علحده آهي.

چوڏس چند هي منهن محبوبي، وه وسيع پيشاني،
ويکڻ نال حيران رهيو سي، رنگ سارا رحماني،
جهلڪ اهين دي ڪون جهلي، جو هوئي نور نشاني،
سچل حسن حسينان اتون، جان ڪيتي قرباني.

موسيقيت جنهن جو ذڪر پيا ڪريون، سا منفرد ۽ وزندار قافين جي ڪري به پيدا ٿئي ٿي:

ميندي لا هٿان ڪون آندا، سهٽا ٻانهن لڏا ڪي،
ڇاتوسين مشتاقان ڪون وت، آيا آپ کهاڪي،
ڏونهين دستان خون انهان دي، وچون سرخ ٻڙاڪي،
سپڪون آن ڏکالڻ لڳا، سچل هس الاڪي.

موسيقيت، تجنيس حرفيءَ سان پيدا ٿئي ٿي. سچل سرمست وٽ علم بديع جي مڙني صنعتن جو جنسار به موجود آهي:

ڪاريهر قتيل، گودين وڏا گودڙئي،
مندين وتي مندن سان، نانگ نسورا نيل،
رانجهن جي رسيل، مرليءَ مستانا ڪيا.

سچل سرمست جون ڪافيون نہ رڳو راڳ راڳڻين ۾ موزون (ڪمپوز) ٿيل آهن پر انهن جي لفظن جي چوند متناسب تڪن ۽ تڪرارن جو موزون امتزاج ڏيان ڇڪائي ٿو. سر بلاول ۾ موزون ڪيل هن ڪافيءَ جو تلهه ۽ بند اها ساک پرين ٿا

بسم الله، وي بسم الله، سهڻا آيا آکان بسم الله،
مين صدقي ٿيوان، بسم الله! رد بلا وي رد بلا،
مين واري جاوان بسم الله!
نال غماز دي دلبر آندا، سبز چيرا، سرڪ علاه،
مين واري جاوان بسم الله!
پيچان پيچ زلف ظالم دي، تنهن دي زير مچايا زلزلا،
مين واري جاوان بسم الله!
چشمان تنهن ديان باشي بحري، ڪرن جوش واليان تي حملا،
مين واري جاوان بسم الله!

ڪلام کي خاص راڳ راڳڻين ۾ طرزن ۾ ڳايو ويو آهي. ان ڪري ڪلام جي وڏيڪ مشهوري ۽ ٿئي ٿي. ڪافي "ننگڑا نماڻي دا" سنڌ ۽ پنجاب ۾ گهڻي ڳايل ۽ گهڻي مقبول ٿي آهي. ٻيون ۽ ڪيتريون ڪافيون ڳايون ويون آهن ۽ قبول عام حاصل ڪيو اٿن:

سگهڑا آوين سانول يار، روندي وتديان زاروزار،
مين ديواني ڏيک ٿئي هان، چشمان دي چمڪار،
نال اسان ڏي آپ ڪيتوئي آوڻ دا اقرار - الخ.

موسيقيت ۽ تسلسل، وجد ۽ جذبات جي لحاظ کان سچل جي مشهور ڪافي، جنهن فقير امير بخش ۽ ٻين فنڪارن جي فن کي ۽ جلا بخشي سا آهي:

بات برهه دي ايهي - ايهي عجب جيهي،
مل مشوقان مصلحت ڪيتي، "عاشق قتل ڪريسون،
قتل ڪنو جو پچي تنهن شهر ڏنيوري ڏيسون،
ڪنون ڏنيوري پچي تنهن ڪون، سولي سر چڙهيسون،
سولي ڪنون جو پچي، تنهن ڪون لهرين وچ لڙهيسون،
لهر ڪنون جو ٻاهر آيا، رمز اهين دي ايهي،
ايهي عجب جيهي.

اهو صحيح آهي ته سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جي آهنگ ۽ موزونيت ۾ تحت اللفظ پڙهڻ توڙي گائڻ ۾ جي انداز ۾ فرق ٻيهي ٿو. سرائڪيءَ جي مستزاد بيتن ۾ موزونيت وڏيڪ آهي پوءِ ۽ سنڌي بيتن ۾ هڪ مخصوص آهنگ آهي.

مرليءَ تي تنهن مرد جي، ڪنيا ڪاريهرن ڪر.
ٻر ڇڏي ٻاهر ٽيا، نيلا نڪرا نر.
زهري منجهه زهر، جوگيئڙي جهٽي وتا.

لفظن جي تڪرار ۾ بڌن لفظن جي قافين سان ۽ سر سنگيت جي آهنگ ۾ اضافو ٿئي ٿو:

اڄ تان خبران آيون آيون، دوست اوهان جي ديس جون،
وري وسائيندو سگهڙو، جاني سو پنهنجون جايون جايون،
راتو ڏينهان روح پنهنجي سان، ڳالهيون سنديون ٿا ڳايون ڳايون.

يا

تنهنجي محبت موهيو موهيو، رمزن ريهيو هي تان سان،
طرف تنهنجي راتو ڏينهان، چت گهئيروچان، ائٽي الله.
آئٽي الله.
پيو پناري تانهنجي ميان، هي ڏوهاري ڏاه،
آئٽي الله.
واڪا ڪيون ٿو وهي، دل اندر درياهه،
آئٽي الله.

سرائڪي ڏوهيڙن ۾ ردیف جهڙوڪ جي، ني، نهين ۽ دا وغيره ڪم آڻي لفظن کي سنگيت لڙهيءَ ۾ پويو اٽس ۽ مثلن:

ص ۽ صورت ويڪ سهٽي يار والي،
ٽيان مست ٽه سپ سيالين جي.

آپت وچ ڪرن جٽ پٽ ڀهون، هوءِ هوءِ ٽه ڳٽ ڳٽ ڳالهيان جي،
ٽه اهين جيها اسان ڪڏان نه سٽيا، آک آک ٽيون بيحاليان جي،
هي تخت هزاري دا سائين اڻان، سچو چاڪ ڪريسن چاليان جي.
وري اسم تصغير کي قافيه ۾ جوڙي ردیف ۾ آڻي ٿو.

هه ۽ هار سينگار عنبير عطر، لاکي جلن نال عمازڙي جي
وره واليان ڏهون وو اڏاوندي اهي، جشمان دي ڳجهي شهبازڙي جي.
دلين لٽ ڪراهڻ عاشقان ديان، سچو ڏينديا سڌ ايذاوڙي جي

قافين ۽ ردیفن جي موسيقيت جي گهٽي اهميت آهي بڌن قافين سان ۽ مخصوص سر ۽ ڪاري ۽ لئه پيدا ٿئي ٿي. سچل سرمست گهٽن شعرن ۾

بٹا قافيا ڪم آندا آهن. انهن جا بہ ڪيترائي مثال آهن:

دامن تيڏي مين لڳيان لڳيان.
حاضر تيڏي مين لڳيان لڳيان.
ماءُ پيءُ ڇوڙ لڳس اڙه تيڏي.
بره بانگا وڳيان وڳيان.
مين رانجهن دي رانجهن ميڏا.
ڪيڙيان دي گهر ڪڳيان ڪڳيان.
سچو هي مسڪين الله دا.
عشق تسادي تڳيان تڳيان.

صنعت سوال جواب ۽ مستزاد جا مثال بہ سچل سرمست وٽ آهن. انهيءَ طريقي سان بہ موسيقيت پيدا ٿئي ٿي:

هڪ ڏينهن ميڪون مرشد اکيا: تہ مي پيالا پيوين!
آکيم: اينوين سائين اينوين!
آکيس: آپ سجاڻ ٻاجهون. همدم مول نہ ٿيوين!
آکيم: اينوين سائين اينوين!
اپڻي ذات لکا اٺ ٻينئين. تيڏا مطلب ٿيس ڪيوين!
آکيم: اينوين سائين اينوين!
آکيس: ماريا حلاج نغارا سچل تون پي مارين تيوين!
آکيم: اينوين سائين اينوين!

سچل جا ڪيترا ڪلام سنڌ ۽ پنجاب ۾ مقبول آهن. محمد جمن، عابده پروين، روبينہ قريشي، فقير امير بخش، عبدالغفور، پٺاڻي خان، حسين بخش خان ۽ ٻين ڳايا آهن.

(1) ننگڙا نماڻي دا (2) سوئي ڪم ڪريجي (2) جنهن دل پيتا عشق دا جام. انهن مقبول ڪافين مان آهن. ان عام مقبوليت جو هڪڙو سبب سعر جي موسيقيت بہ آهي. هن مضمون ۾ مون شاعر جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام مان فقط چند مثال ڏنا آهن. جن ۾ لفظن، تڪن ۽ سرن جو آهنگ ظاهر ٿئي ٿو ۽ موسيقيت اثر ڏيکاري ٿي. ڪلام وڌيڪ سهڻي نموني ان ڪري ڳائي سگهجي ٿو جو ان ۾ اڳ ۾ ئي موسيقيت سمايل آهي.

سچل سائين مجازي محبوب جي حضور ۾

اڪثر بزرگن ۽ صوفي شاعرن جي سلسلي ۾ اهو چيو ويو آهي تہ هو حقيقي محبوب (خدا) جي عشق ۾ دنيا و مافيها کي وساري چڪا هئا. ڪن لاءِ ابتدائي زندگيءَ ۾ مجاز جي مهميز جو بہ ذڪر اچي ٿو. حقيقت ۽ مجاز جي معاملن تي گهٽو ڪجهہ چيو ويو آهي. گهٽو ڪري سوانح نگارن اها ڪوشش ڪئي آهي تہ بزرگن جي مجاز ۽ محبت جي دؤر تي پردو رهي. ائين ڪرڻ سان فقط هنن جي زندگيءَ جي دؤرن کي حقيقت کي رسڻ ۽ معرفت ماڻڻ جي پردن ۾ ڍڪيو ويو آهي. ڪرامتن جي خصوصي ذڪر سان معاملي کي وڌيڪ لڪايو اٿن. آءٌ انهن روين جو منڪر نہ آهيان. آءٌ ان ڳالهہ جو بہ معترف آهيان تہ: المجاز قنطرة الحقيقت[1] (مجاز حقيقت لاءِ پُل آهي). يعني مجاز جون مهميزون سهي حقيقت حاصل ڪبي. خود مجاز ـ مجاز معنيٰ جي لحاظ کان هڪ وسيع معنيٰ وارو لفظ آهي. اسان عام معنيٰ محبت جي ورتي آهي. ڍڪشنريءَ جي معنيٰ اجازت ۽ موڪل جي بنيادي تاثر کي بہ ظاهر ڪري ٿي[2]. مجاز جي معنيٰ معن زلفو مدينہ عربي ـ انگريزي لغات ۾ لکي ٿو. جنهن کي جواز اجازت هجي راهداري. فارسي جو اسڪالر استاد حسن عميد لکي ٿو: مجاز (ع) کلمہ ايڪ در غير معنيٰ حقيقي ۽ خود استعمال شود[3]. يعني حقيقت جو ضد مجاز آهي. سيئي لغتون انهي معنيٰ تي متفق آهن[4]. ڍڪشنرين ۾ لفظ جو اچار

---

(1) مدينہ معن زلفو. قاموس عربي انگليزي. پاڪيٽ بڪس نيويارڪ 1973ع ص 550.

(2) ايضاً ص 135.

(3) حسن عميد. فرهنگ عميد ـ سازمان انتشارات جاويدان تهران. 1354ع خورشيدي ص 939.

(4) ڏسو غلام حسين جلباڻي. عربي سنڌي ڍڪشنري جلد اول سنڌالاجي 1988ع ص 185.

ـــ ابن الياس سومرو. اردو سنڌي لغت ـ آزاد بڪڊپو حيدرآباد 1950ع ص 416.

ـــ اخوند عبدالرحيم وفا. جواهر لغات (سنڌي اڪيچار) سنڌي بوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد 1993ع ص 635.

مجاز آهي. عام گفتگو ۾ مجاز مشهور ٿيو آهي. شاعريءَ ۾ هن لفظ جو استعمال گهٽو ٿيو آهي. شاعرن واضح لفظن ۾ خدا جي عشق کي حقيقي عشق چيو آهي ۽ انساني حسن جي طلب کي مجاز سڏيو اٿن. سنڌي شاعريءَ ۾ قديم مثال شاهه عبدالڪريم جو آهي. مجازي عشق لاءِ چوي ٿو:

مجازي موهي ڪڍهن ويندءِ نڪري،
اکڙيون توهي مڇ ويهين وسري[1].

شاهه عبداللطيف پٽائي مجاز جو حوالو ڏي ٿو ۽ ان جي قوت جو ذڪر ڪري ٿو:

مون کي ماڻ مجاز پچاري جيئن پچيو،
هٿن ڇڏي هاج ويئي سار سنڌن مان.
(آسا)

حسن کي اکين سان پسجي ٿو - ان ڪري شاهه صاحب اکين کي مجازياڻيون سڏيو آهي:

ديک ۾ تون سين تن هي جي مجازياڻيون منهن ۾،
ڪين سجاتو سپرين نهاري نيٽن،
پرين سي پسن ٻئي جن ٻوٽيون[2].

سچل سرمست جي سوانح عمري - محمد صادق راڄپوري ۽ بين محققن مرتب ڪئي آهي. اُن مان سندس وڏن جو احوال ۽ ملي ٿو ۽ ولادت نندپڻ تعليم تربيت شادي توڙي زندگيءَ جي مختلف دؤرن بابت مواد به موجود آهي. سچل سرمست بحيثيت هڪ شخص جي به سامهون اچي ٿو. مولانا محمد صادق راڄپوريءَ جي مرتب ڪيل ڪتاب سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام جي مقدمي مان شخصيت جو بنيادي احوال هي آهي:

.... سچل سائين نندي هوندي به اڪيلو گذاريندو هو ۽ تن تنها جنگ ۾ گهمندو هو. بلڪل ماڻ صبر ۽ فڪر ۾ هوندو هو. سراپا خيال ۽ غمناڪ رهندو هو (ص 16).

.... باوصف پُور جوانيءَ ۽ اعليٰ صحت نهايت حسن پرستي جي

(1) مرزا قليچ بيگ. رسالہ ڪريمي - قيصريہ پريس حيدرآباد 1904ع ص 96.
(2) بلوچ نبي بخش خان. شاهه جو رسالو جلد 6 1995ع ص 84.

پنهنجي نفس تي اهڙو قابض هو جو آخر عمر تائين ڪوبہ اجايو پير شريعت جي خلاف ڪڏهن بہ ڪونہ ڪنيائين. صغيريءَ کان وڏي ڪڏهن بہ شراب پينگ تہ نہ واپرايائين پر ڪڏهن حقو چلم بہ نہ چڪيائين. (ص 17)

... فقيريءَ جي خيال ۾ اهڙو مست هوندو هو جو باوجود جوانيءَ جي شاديءَ جو خيال بہ ڪونہ هوندو هئس. سندس چاچي مرشد حواجہ عبدالحق سائينءَ کيس پنهنجي نياڻيءَ سان شادي ڪرائي ..... جنهن مان هڪ پٽ بہ ڄائو هوس جنهن جو نالو نياز علي يا موجود علي چيو وجي ٿو ـ (ص 18) (هي صاحبزادو ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويو).

سوانح جي هنن پهلوئن ۾ سچل سائين جي ذات بابت ٿوري معلومات آهي. سندس پاڪدامنيءَ ۽ حسن پرستيءَ بابت چند ڳالهيون چيل آهن. ڪن خوبصورت ڳائڻين جي اچڻ جو بہ ذڪر ڪتابن ۾ آهي. مجاز ۽ محبت سندس ڪلام ۾ نمايان آهي. جنهن مان ظاهر آهي تہ اهڙو ڪلام خدا، رسول ۽ مرشد بابت بلڪل نہ آهي. محبوب جي اکين زلفن ۽ بين حسن ڪارين جو ذڪر سرائڪي ڪلام ۾ خاص طور تفصيل سان ڪري ٿو.

مجاز جڏهن حقيقت ڏي ويندڙ رستو آهي تہ ان ۾ عيب ڪهڙو آهي؟ اسان جو سچل سائين بلاشڪ عشق الاهيءَ ۾ مستغرق ٿيو ـ تہ بہ هڪڙو حوالو سندس مجاز جو ڪتابن ۾ اچي ٿو جنهن جو نوٽيس اسان هن کان اڳ نمايان طور نہ ورتو آهي. آءٌ مجاز ۽ محبت جي چند حوالن ونڊ ڪانپوءِ اهو حوالو ونڊندس.

سچل سرمست حقيقت جي اپٽار وانگر مجاز جو رنگ بہ خوب چمائي ٿو. شاهہ لطيف وانگر ڪيس بہ مجاز پچاري مثل پچيو آهي. هو محبوب جي اکين ۽ انهن جي ظلم جو ذڪر ڪرڻ کان اڳ عشق جي واردات مثنوي "عشق نامہ" جي منڌ ۾ هيئن ظاهر ڪري ٿو:

آن خدا از عشق آدم آفريد
تاز مخلوقات اورا برگزيد
ان حداس او را امانت عشق داد
در نهادش سر اسرار نهاد
جانہ آدم را بحود ايداد کرد
بي چگوني با چگون امداد کرد

راست میگوئم ولي گرد دعیان
آن کہ هست اسرار در باطن نهان.
هست آن آدم کجا عالم کجا
آن خدا موجود باشد جا بجا[1].

باشي باز مثل شڪار ڪندڙ اکيون دردمندن جي دلين کي مارين ٿيون. انهن جو ذڪر سچل سائين هيئن ڪري ٿو:

ظالم ديان زورآور اکيان باشي باز يا بحريان
ڪجليان قاتل عشاقان ڪون قتل ڪريندیان قهريان
دردمندان دي مارڻ ڀاجهون ڪٿ نهين او نهريان
شاهان تي بي پروا سچل نالي غريبان گهريان[2].

اهي قاتل ۽ ڪجليون اکيون مجازي محبوب جون آهن. انهن عاشقن کي بنا ڪاتيءَ ڪنو آهي. اهي عقابي اکيون بلند پرواز ۽ آهن ۽ شهباز وانگر بانوليون ڏيئي عاشقن جو سر جهڪي ٿيون وڃن. سچل سائين انهن اکين جو بيان طرح طرح مثالن سان ڪري ٿو:

اکيان باز عقاب سهڻي ديان ڪرن پرون پرواز وڏي
اڳون انهان مشتاقان دي هوندي سو نياز وڏي
ڀانهان ٻڌ گهت ڳل وچ ڳاري ڪردي ڪڙ ايلاز وڏي
تاپي سچل معشوقان دي هوسن غمزي ناز وڏي.

☆

سهڻي يار ديان اکيان قاتل دردمندان ڪون ڇڻن.
ڏي بانوليان شهباز وانگڻ سر عشاقان دي جهڻن.
ڪاون ماس يتيمان دا وت رت چهنب نال چڻن.
طامع طعمي وقت عشاقان زيري بکيان پڻن.
غرض نهين مشتاقان سچل منهن نہ اوڏون مڙن[3].

---

(1) سچل سرمست مثنوي عشق نامہ. قاضي علي اڪبر درازي سکر 1975ع ص 2.
(2) راڄيپوري مولوي محمد صادق سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام سنڌي ادبي بورڊ 1959ع ص 7.
(3) ايضاً ص 8.

انهن اکين جو گهاءُ تلوار مثل آهي. اصل خون ڪري ٿيون ڇڏين. سچل سائين انهن اکين کي ايراني دراني رومي يا ارغوني فوج جي حملن سان پيٽي ٿو:

اکيان ذوالفقار ظالم دبان خون ڪريندیان خوني
نال عشاقان آکر لاون غمزي گوناگوني
ديوانيان وهه ديوانيان نون آڏيون جوش جنوني
دراني ايراني رومي يا فوج اها ارغوني
يار سچل آهي نهين صفت وچ بيشڪ هن بيچوني[1].

سر مالڪوس سچو محبت ۽ مجاز جو نمونو آهي. نينهن نياپن جو اهڙو موقعو آهي جنهن ۾ رقت جا منظر آهن. پريت جو پرزو ئي اهڙو موضوع آهي جو مجاز جي مام جي اپٽار لاءِ ڪافي آهي. مجاز جا معاملا بيان ڪندي سچل سائين چوي ٿو:

ونې هليو خط پانڌي پار پرينءَ جي،
روئي روئي رت تنهن هلندي حال وڃائيو.

☆

الو هيڙو عشق جو سو ساڻي ساڻ نيو،
اهو ڪامي پاڻ پيو جو هو خوني خط پرينءَ جو.

☆

رهبر روانو، ٿيو پريان جي پار ڏي،
شل پهچي پروانو، سلامت کي سڃڻين[2].

هي ڳالهيون مجازي محبوب لاءِ ڪجن ٿيون. محبوب جي رخ ۽ رخسار جو بيان به پوري ذوق شوق سان ڪيو اٿس. آن بيان ۾ شاعر جو انهماڪ تمام گهڻو واضح آهي. تشبيهون ۽ استعارا ڪلام ۾ حسن پيدا ڪن ٿا:

وهه وا باغ حسن دا ڏٺم، تنهن وچ ڪئين گلڪاري،
عشق دي پيچ تي سمن صنوبر ويک ڪيتي لک زاري،

---

(1) ايضاً صفحا 10 - 11.

(2) انصاري عثمان علي - رسالو سچل سرمست سنڌي ادبي بورڊ 1958ع ص 340.

چنبي چوٽ لڳي وت ڏاڍي هويا نيٺ نظاري.
قـٽوان آپ ڦٽا ڳيا اها صورت ڏيک سونهاري.
ٽئي حيران هزاران سچل گهتي لال لاڙ ڳل ڳاري[1].

منهن مهتاب سهڻي دا سهڻا جنهن تي جهلڪن تاري.
چنڊ دي چٽسالي ويکو رنگ لايا رخساري.
سرخ پيشاني ٽٻکي ٽٻکي صورت جوڙ سنگاري.
راتيان ڏينهان هردم رهندا. سچل وچ نظاري[2].

مجازي محبوب جي رخ روشن جو نقشو هيئن ڪيو ٿو:

سهڻان دي منهن سهڻيان جڏيان ڪجا ڪج محرابيان.
مسجد هي يا ڪعبہ قبلا ڏيون عشق عذابيان.
ڏنگيان ونگيان وهہ وا ويکو مصحف ديان اعرابيان.
يا وت حسن دي شهر تي ڪردا. سچل نينهن نوابيان[3].

زورآور محبوب جا زلف بہ زور آهن انهن کي ڪاري نانگ سان تشبيهہ ڏيندي سچل سائين چوي ٿو:

زلفان زور سياهہ سهڻي ديان ڳل تون وهہ وا لمڪن
نانگ ڪالي يا دام برهہ دي جهل جهل ڪرڪي جهمڪن
واءُ لڳي جڏهن تيز تکيري جهلڪي نال پي جهلڪن
چٽسالي والي سؤ ستاري اتون تنهان دي چمڪن
سچل ڏيک حسن ديان فوجان شهہ درويش پي ڏمڪن[4].

اهڙيءَ طرح محبوب جي حسن ڪاريءَ جي هڪ هڪ ڳالهہ کي ڳائيندو ٿو وڃي. محبوب جي مينڊي هٿ جو ذڪر ڪندي ان ۾ عاشقن جو قتل پسي ٿو. ڇو محبوب جا هٿ عاشقن جي خون ۾ رڱيل اهن. فرمائي ٿو:

---

(1) راڻيپوري ص 16.
(2) ايضاً ص 17.
(3) ايضاً ص 19.
(4) ايضاً ص 21.

ميندي لا هٽان ڪون آندا سهٽا ٻانهن لڏاڪي
ڇاتو سي مشتاقان ڪون وت آيا آپ ڪها ڪي
ڏونهين دستان خون انهان دي وڇون سرخ ٻڙاڪي
سپڪون آڻ ڏکالڻ لڳا سچل هس الاڪي[1].

—— ۽ وري محبوب جون ڳالهيون ياد اچن تہ ڳچ ڳاريو وڃهن. عاشق بيحال ٿيو پوي:

سهڻي ديان وت سهڻيان ڳالهيان ياد جڏان مينون آنديان
رو رو حال وڃاوان سارا درد پي دل ڪون لاٿديان
سچل ٻانهن لڏا جو آندا اهي گهڙيان مينون پاٿديان[2].

اهي ڳالهيون عاشق کي حال کان ڪيي ٿيون ڇڏين. تاب کان بي تاب تائين ۽ هوش کان بيهوش ٿيڻ تائين معاملو تہ پهچي. عاشق پاڻ کي ئي وڃائي ٿو ويهي. سندس هيٺيان گفتا ان صورتحال جو آئينو آهن:

تاب ڪنون بي تاب ميان مين تاب ڪنون بي تاب
نا مين گويا نا مين جويا نا مين سوال جواب
نا مين خاڪي نا مين بادي نہ مين آگ نہ آب
نا مين جني نا مين انسي نا مائي نا باب
نا مين سني نا مين شيعا نا مين ڏوهہ ثواب
نا مين شرعي نا مين ورعي نا مين رنگ رباب
نا مين ملا نا مين قاضي نا مين شور شراب
ذات سچل دي ڪيهي پچندئين نالي تا نايابِ[3].

يا چوي تہ:

هوش ڪنون بيهوش مين بيهوش!
ڪڏان زاهد ڪڏان عابد ڪڏان نوشا نوش
ڪڏان هجر فراق ڏسيندا ڪڏان غوش آغوش
ڪڏان دلبر دور گهٽيندا ڪڏان گوشا گوش

---

(1) ايضاً ص 23.
(2) ايضاً ص 27.
(3) ايضاً ص 227.

ڪڏهن جاءِ ڪناري ڏيندا ڪڏهن پوشاڪ پوش
ڪڏهن موج وهيندي ماڻي ڪڏهن جوشا جوش
ڪڏهن سچل جاءِ نہ لهندا ڪڏهن دوشا دوش[1].

اهو تہ ٿيو پاڻ وجائڻ ۽ هستيءَ کي ھ۔ اوست ۾ گم ڪرڻ پر مجاز جو رنگ عاشق کي هڪ نئين دنيا جا سير ڪرائي ٿو. سچل سائين جي سوانح عمريءَ جي سلسلي ۾ هڪ ننڍڙو حوالو ڪتابن ۾ آيو ۽ ان جو نوٽيس گهٽ ورتو ويو. سندس فقيريءَ جون ڳالهيون ڳائيندي اسين سندس مجاز جي معاملي کي ڇاڪي (يا نہ ڇاڪي) نظرانداز ڪري ڇڪاسين. انهيءَ خيال کان تہ متان سندس بزرگيءَ کي هو ڇيهو رسي. ڇيهو تڏهن رسندو جڏهن ڪو ماڻهو مجاز ڪمائيندي گناهہ جي ڏبڻ ۾ وجي ڦاسي. سچل سائين مجاز ۾ بہ ممتاز آهي. حوالو هي آهي تہ:

.... ٻئي دفعي بيمار ٿيو تہ سندس بيماريءَ جي خبر پڏي لاڙڪاڻي جي هڪ ڪجري نالي جيوڻي دراز شريف هلي آئي جيڪا سندس معتقد هئي ۽ سچل سائينءَ جو بہ نظارو هوندو هوس. اچي چيائينس تہ ..... سچل سائين ڪٽي آهي تہ آءٌ مزاج پرسي ڪنديس دعا بہ ڪنديس ۽ ڪيس مجرو بہ ڳائي ٻڌائيندیس. طالبن چيس تہ ۔ پاڻ ڏاڍو بيمار آهي ۽ مٽي بنگلي تي سمهيو پيو آهي. جيوڻي مٽي چڙهي ويئي تہ ڪيس ڏسي چيائين تہ بسم الله! اسان جا طبيب اسان جا حڪيم آيا![2].

سچل سائين جي سوانح بابت جيڪي بہ روايتون زباني طور مليون ۽ ڪتابن ۾ آيون تن کي گهٽو ڪري قبول ڪيو ويو آهي. هن روايت ۾ بہ صاف صاف سندس جيوڻيءَ تي نظاري هجڻ جو اشارو آيو آهي. عين ممڪن آهي تہ هوء سچل سائين جي مجازي محبوبہ آهي. خاص ڪري جڏهن چيو ويو تہ سچي سائين جو جيوڻي تي نظارو هو. هڪ حسين عورت جي حسن جهان سوز لباس ۽ زيورن جو هيئن ذڪر بہ ان ڳالهہ جي ثابتي آهي تہ سچل سائينءَ مجاز خوب ڪمايو آهي:

---

(1) ايضاً ص 226.

(2) ايضاً ص تعارف 29.

گهنڊ کول ديدار وکان مين آيا مک ويکڻ
1. پا پازيب پيران وچ ڪڙيان پايل ڪون چمڪائو
2. نال اسان ڏي دلبر سائين الهه لڳ الائو
3. بهر پوشاکان ويس گلابي چوٽا چندن چٽايو
4. نوري روا سبزي چولا هيري نال جڙائو
5. حال سچل دا معلوم تينون سائل ڪون نه سڪائو[1].

هيءَ ڪافي سچل جي رسالن ۾ نه آهي خادم عباسيءَ پنهنجي مقالي (سرمست 6) جي آخر ۾ آندي آهي. ڪافيءَ ۾ آندل مضمون مجاز جو پورو رنگ ظاهر ڪري ٿو. ان سان گڏ جماليات جو بيان به ڪافيءَ ۾ موجود آهي. حقيقت ۽ مجاز اهل دل جو ڏاج آهن. مجاز جي پل پار ڪري حقيقت جي دنيا ۾ رسجي ٿو. جنهن ۾ اها اهليت ڪونهي جنهن جو عشق سچو نه آهي سو گناهه جي ڏبڻ ۾ ڪري تحت الثريٰ ۾ وڃي ٿو پوي. هن گفتگو جو اهڙن سان واسطو ڪونهي. سچل سائين ته مجاز جو مهندار هو. تڏهن هن مرحلي کي ڪاميابيءَ سان طئي ڪري پل تان پار ويو ۽ حقيقت سان هڪ ٿيو. نه ته جن مرحلو مشڪل ڄاتو سي اورتي ئي دڃي بيهي رهيا. ڄاتائون ته عشق راند نه آهي جنهن کي ڳيرو کيڏن. سسي نيزي پاڻ اڇلبي ته منزل تي رسبو. مير عبدالحسين سانگيءَ ڪهڙو نه صحيح چيو:

عشق بازي ڪجي ڪجي نه ڪجي؟
روح راضي ڪجي ڪجي نه ڪجي؟
پوڙهپڻ ۾ به دل ڏتارڻ لاءِ
پرت تازي ڪجي ڪجي نه ڪجي؟
جي حقيقت نه ٿئي حاصل
ته مجازي ڪجي ڪجي نه ڪجي؟
(الخ)[2]

---

(1) خادم عباس سرمست ـ 6. مقالو: ڪو حق چوي ڪوئي ناحق چوي سچل يادگار ڪميٽي خيرپور 1986ع ص 84.

(2) سانگي مير عبدالحسين. ڪليات سانگي. سنڌي ادبي بورڊ 1969ع (مرتب: ڊاڪٽر بلوچ) ديوان اول ص 65.

سچل سرمست

متفرق ڪلام ۾ هيئت ۽ معنيٰ

هونئن ته سچل سرمست جو ڪلام بنيادي طور هڪ آهنگ تي آهي. ڪيترن ئي مقالن ۾ سندس ڪلام جي مختلف سُرن، پهلوئن ۽ معنيٰ بابت لکيو ويو آهي. گهٽي پاڳي ڪلام کي ڪنهن سِري (Title) سبب ٻئي کان بلڪل مختلف قرار نٿو ڏئي سگهجي. تڏهن به ڪن ڳالهين کي خيال ۾ رکي اهڙي ڪلام جو خصوصي اڀياس ڪري سگهجي ٿو.

سچل سرمست جي سنڌي ڪلام جي آخر ۾ آيل متفرق ڪلام ۾ آيل ڪي مسلسل معنيٰ وارا دوها (نظر)، ڪي هدايتون ۽ ڪي وايون اهڙيون آهن جن ۾ هيئت ۽ معنيٰ جي نيرنگي آهي. هن سِري هيٺ پهريان دوها نظم وانگر معنوي تسلسل ۾ آهن. شاعر پاڻ سڃاڻڻ لاءِ ته هونئن گهٽو چوندو آيو آهي. هتي کهڙي نئين ڳالهه آهي. اٿا آهي نين تشبيهن، استعارن ۽ اشارن سان پاڻ کي سڃاڻڻ جي ڪوشش. ڪاکيون آءٌ چا آهيان؟ سمجهه ۾ ڳالهه نٿي اچي. ڪڏهن پانيان ته پتلي آهيان يا گڏيءَ ڏور! جڏهن سچل سائين چوي ٿو ته "جوئي آهيان سوئي آهيان". ان مان هيءَ معنيٰ نڪري ٿي ته لوڪ جي پرواه ناهي، جيڪو به چوي، آءٌ جو آهيان سو آهيان. جنهن جي چوڻ سان ڪجهه ڪونه ٿيندو. بدلجي نه سگهندس. دپاءُ ۾ نه ايندس. پنهنجو رستو جيڪو آهي سو وٺندس. هيڏانهن هنن دوهن ۾ جيڪو نظم جو تسلسل آهي. اُن موجب پڙ وري اندر ۾ جهاتي پائي پڇي ٿو ته ڪاکيون اوهين ڪيئن ٿيون پانيو. ٻڌايو آءٌ ته جڏ بيحد جي ميدان ۾ اچي بيٺو آهيان. يار جي هٿ وس آهيان. جيئن موڙي تيئن مڙي وڃان! يا ته ڪنهن محل مثل آهيان جنهن ۾ شهنشاه ويٺو آهي ۽ دانائيءَ سان حڪم ويٺو هلائي. يا ته منهنجي حيثيت اهڙي آهي جو واڳ همسوار

جي هڪ آهي! ڪي درياءَ جي موج مثل آهيان جا چڑهي ٿي ته هيناهين ڪي غرقاب ٿي ڪري! آخر ڪجهه ته آهيان جيڏيون ڪيئن ٿيون پانيو. اِهي انسنا. اهي گمان اَن ڪري ڪونہ ٿو ڪري ته ڪا خبر ٿي ڪانهيس. سپ چاڻي ٿو. ڏسڻ ۾ گهري ته اسين ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهيون. وري مينديءَ گل سان ٿو پيئي جنهن ۾ لالائي آهي يا گلاب جنهن ۾ سُرهاڻ آهي! مشاهدو هڪ هڪ نُڪتي مان ظاهر آهي:

يا تا چشمو آهيان، جو آبر ٻريو آب،
تنهن ۾ سايو سج جو يا پاڇو ئي مهتاب،
يا تا پاڇو ئي حق جو، آءٌ اصل ڪون آهيان،
جنهن ۾ ڳالهه ناهه تا، سو بي آءٌ ناهيان.
ڳالهه سچوءَ تا سمجهي، ڪوئن هاديءَ اِهائي،
تاغير خدا جو ناهين، آهين صاحب سدائي.

۽ بقول سندس ڳالهه سمجهي ويو پر بين جو امتحان ٿي ورتائين. چيدا چيدا لفظ ڪم آڻي. نوان نوان مثال ونڊي پاڻ ڪي پرکڻ پرجهڻ جي ڳالهه ڪيائين. هي دوهن جي صورت ۾ هڪ نظم آهي ۽ وائيءَ وانگر ٽلهه ۾ اٽس ته وائيءَ وانگر ڳائي ۽ سگهجي ٿو.

اَن ڪانپوءِ ٿي هدايتون آهن. پهرين هدايت ۾ ۽ وائيءَ وانگر ٽلهه آهي ۽ اَن ڪان پوءِ هر بند ٽن مصرعن جو آهي. هن جو مضمون ۽ ساڳيو آهي ته هادي ڳجهه جون ڳالهيون ڪري مون ڪي سمجهائي ٿو. لا الله ڪان اڳتي جا ڳجهه ٻڌائي ٿو ۽ چوي ته پنهنجن نمازن تي نازان نہ ٿجو. هي سوز گمان جون ڳالهيون ٻڌو ۽ اناالحق جا عبرت وارا آواز ٻڌو. جي ڪنهن هٿ هيءَ ڳالهڙي نہ سمجهي ته سيان پڇتائيندو. ٽلهه ۽ مصرعون هيئن آهن:

رمزان سي هاديءَ جون، ميان! جيڪي ڇياڻون،
مون ڪي سي سلڻ ناهن، ڏريون آهن دل تي.
۱ ـ ڳالهيون ڪري ڳجهه جيون، تا صاحب سمجهائين ـ
لاالله ڪوئن اڳنان ٿا. هادي هلائين ـ
سمجهڻ "سمع بصر" جو. ٿا فائق فرمائين.

2 - خوديون خاص نہ پائنجو هي نت نت نمازان،
چاٹو پلي ڳالهڙي، هي سوز گدازان -
آٹو اناالحق جا، اهي عبرت آوازن رمزان سي -

نہ ازون، گداز ۽ آواز کي پنهنجي انداز سان جمع جي صيغي ۾ فارسي ۽ سرائڪي وانگر ڪم آڻي ٿو.

پي هدايت ۾ به هاديءَ جي رهنمائيءَ جي ڳالهه آهي. هيءَ هدايت ائين ٿو لڳي ته اٹپوري ڇپيل آهي. آن ۾ فقط ٽلهه "مرشد هادي رهنما، تا سمجهائين ائين" اچي ٿو ۽ بعد ۾ آن جي قافيي "ائين" سان هم قافيه ٿن سٽن جو هڪ ئي بند آهي. ٽين هدايت به انهي معنوي تسلسل ۾ آهي. ٽلهه کان پوءِ بن بن سٽن جا بند آهن ۽ بند جي هر سٽ جي آخر ۾ لفظ "ميان" اچي ٿو جو ڪلام جي ڳائجڻ واري بندش ۾ آهي. ٻوليءَ جي لحاظ کان هيءَ هدايت لغت جو ٻندار آهي:

هادي ويڙهي آيو، هاڻي سائين هيئن سمجهايو -
والي ويڙهي آيو.
1 - خاڪون هلج خاص ٿي، ڪر پاڻي ڪوٺ پرواز ميان،
چڙيءَ چنبو ماريئي، ٿي شاهين ۽ شهباز ميان.
2 - جيڪو اصل آهي ٿيو، هاڻي سو سلطان ميان،
گهوڙي چڙهندڙ گم ٿيو، پيو گهوڙو ۾ جولان ميان.
3 - لڙ منجهان ٿيو اچو ڪارو، اصل سو دريا ميان،
بيحد رنگ گهٽا ٿيا باهر، هرڪو ٿيو گمراهه ميان.
4 - سانوڻ لٿو هڪ ئي، تڏهن پاڻي موٽيو پوءِ ميان،
ڪارو اچو لڙ ٿيو، اهو سارو سمونڍوءِ ميان.

حقيقت کي پروڙڻ ۾ گمراهيءَ جو به انديشو آهي. هتي سچل سائين پاڻيءَ جي رنگ ۽ لڙ ٿيڻ جو اشارو ڏي ٿو ۽ چوي ٿو ته باهر بيحد گهٽا رنگ آهن. گمراهه ڪري تا وجهن. ڪيئن صحيح گس ملندو؟ اهو پاڻ سجاڻڻ سان ملندو. اهو اکين جو ڪم آهي. جيئن ميران چيو آهي:

نيناري تُم هي بُري، تم سا برا نہ ڪوءِ،
آپ هي نين لگاءِ کي، آپ هي بيٺا روءِ.

سچل سائين حقيقت پروڙڻ کي "اکيون اکڙين ۾ رکڻ" چيو آهي:

اکيون اکڙين ۾ رکي، تون پنهنجو پاڻ سجاڻ ميان.
پوي نظر جت تانهنجي، تت پنهنجو چشم چال ميان.

هن ئي عنوان هيٺ آيل ڪافي غزل جي هيئت ۾ آهي. پير مغان جو آستان چمڻ جي ڳالهه ۽ ڪيل آهي ۽ نهايت ئي سهڻا ۽ نوان قافيا آندل آهن ـ فرمائي ٿو:

دل چينْ سان جي چمين پير مغان جو آستان،
محبت سچي محبوب جي بانڪا وجي تون باس تان.
ڪي ڏينهن مون دلدار لئه ورد ۽ وظائف ٿي پڙهيا،
جڏهن عشق آرانپا ڏنا ٿيون خود خدا جون خواستان.
جڏهن شرق مون شامل ٿيو پيو خيال خاطر ڪوئن ويو،
هڪ واسطو تنهنجو رهيو وسري ويون پيون واسطان.
راهون سيئي گمراه ٿيون جي مون پچين تون ڳالهڙي،
ڪر گذر بئي گوڙ ڪان اٽئي راه رب جي راستان.
رنگ روح کي جيڪو لڳو دنيا ۽ عقبيٰ پئه پڳو،
غمزي تنهين گم ڪَل ڪيو وهواه پيا وسواس تان.
عشق جي ڙي جيڏيون ناهي تماميت ادا،
چاهون چوائي ٿو گهٽو هي درد مون کي داستان.
سچو سدا سڪ ۾ رهين متان تون جهلين روئٹيون اکيون،
هت درد وارن جي پرين پاٹهين ڪرن تا پاس تان.

هنن قافين جي اصل ۽ واحد جي حقيقي واري صورت ڏسون تہ شاعر جي ورتل معنيٰ کي داد ڏبو. ڪٹي کو جمع براهوئي، بلوچي ۽ فارسيءَ وارو تہ نہ رکيو اٿس. جيئن خواستان، واسطان ۽ راستان. واحد ٿيڻ کپي خواست (گهرجو) واسطو (ناتو) ۽ راست (سڌو صحيح). اُن سان گڏ باس، وسواس ۽ پاس سان تان جو لفظ گڏي معنيٰ وٺي ٿو. باس تان ـ تون ڪٹي مڃ باس، وسواس تان ـ اعتبار رک ـ وشواس ڪر ۽ پاس تان ـ مان رکن تا.

اڄ غزل، آخوند گل کان هلي بهتر صورت ۾ آهي. سچل جي اڳيان ڪهڙا غزل هئا جن جي اثر هيٺ هن غزل کي هڪ روپ ڏنو. اها خبر

ناهي. سچل سرمست جا کي ٻيا ٻ سنڌي غزل آهن. فارسيءَ ۾ جو ديوان آشکار مڪمل ڪيائين تہ فارسيءَ وارو قالب تہ سندس سامهون هو.

ڪافين ۾ وٽس ڪيئي روپ آهن. انهن ۾ مصرعن جي اندروني موسيقيت سان ٻ انفراديت پيدا ڪري ٿو. مثال طور:

حال اچي ڏس هاڻي، وهي ٿو پنهٽيئون پاڻي،
پاڻ ڄاڻين.
1 - آءٌ ڪنيزڪ مُلهه خريدڻ، ساڻين تون پاڻ سڃاڻين،
پاڻ ڄاڻين.
2 - ڏيئي ڏيکاري پاڻ ڇپايَوَ، پلي اها توکي پاڻي،
پاڻ ڄاڻين.
3 - روز ازل کون در تنهنجي تي، والي سا هيءَ وکاڻي،
پاڻ ڄاڻين.
4 - سيني اندر يار سچوءَ جي، سڪ سندءِ ساماڻي،
پاڻ ڄاڻين.

هن ڪافيءَ ۾ مستزاد يا سرائڪيءَ وانگر اڌ ڪ وراڻي آهي، جا سنڌي ڪافين ۾ سچل وٽ پهرين آئي.

لفظن جو استعمال ڪڏهن ٻي ڪنهن ٽيڪ سواءِ ٻ پنهنجو پاڻ ۾ سنگيت پيدا ڪري ٿو. ڪي لفظ، فقرا ڳڏ اچي وجن ائين ٻ نہ آهي. اهڙا مثال سچل سرمست وٽ گهڻا آهن. هڪڙو هي آهي:

نہ مان مريد نہ مان پير، ساري فقر جو فقير،
نہ مان حاڪم نہ مان ظالم، آهيان امن جو امير.
نہ مان طاعت نہ مان تقويٰ، آهيان وره جو وزير.
نہ مان گهمڻ نہ مان گهتڻ، آهيان عشق جو اسير.
نہ مان ڪچڻ نہ مان پچڻ، آهيان دوست لئہ دلگير.
سچوءَ ٻڌو محڪم سرَ تي، محبت جو مَندير.

سچل سائين هيئت ۾ حاڪم آهي تہ معنيٰ جو ٻ مهندار آهي. متضاد حيثيت جا مثال ٻ ڏي ٿو تہ جدا جدا معنائن وارا لفظ ڪم آڻي دل جي ڳالهہ ڪري ٿو:

آءُ ٻاروڇل ٻيلي، مَونجھ تنھنجي آھيان ماري،
1 - ناھي واجب رسڻ تو ئي کي، تون گرو، آءُ ڇيلي،
سنگ نڻي کو ساھيان.
2 - عشق اوھان جي کون ھت ٻاروڇا، ڪيئن ٿرن ھيءَ ٻلھي،
نہ تہ ڇپر اڳيون ڇ ھيان.
3 - سگھہ نہ ساريان پنڌ ڪرڻ جي، تو بن آھيان اڪيلي،
ڪيچ وڃن ڪيئن ڪاھيان.
4 - وڳٽي آھيان وره تنھنجي کون، توڙي ڪي پورن پئلي،
سچو نہ آسر لاھيان.

ڪافين جي موسيقيت ۾ ڪي لفظ پراڻ وارا بہ ڪردار ادا ڪن ٿا. مثال: الو، پلو ميان، وو يار وغيره. ھينئن ڪافيءَ ۾ ني ڇڻ پراڻ واري جاءِ ورتي آھي. ھن ڪافيءَ ۾ منھنجو جي تصغير، منھنجڙو ۽ ڪيچي جي اکيچيڙا ڪم آڻي ٿو:

ڪيچ منھنجڙو ڪم نہ آھي، پلو پينر ڙي،
ويا ڪيچيڙا نڪري، گولي ڏيئي غم ني،
دعا ڪريجو جيڏيون، جانيءَ ٽيان جم ني،
ڪنھين ڇن نہ ڇڏيان، دوستيءَ وارو دم ني،
قيامت تائين ڪينکي، ٽيندي طلب تم ني،
پير نہ ڇڏيان پرينءَ جو، توڙي ٽئي چيھاڙيون چم ني،
جھڙ نہ پائنجو جيڏيون، اھو اکين جو آگم ني،
سڪ ئون سچو پرين ڏي، راتو ڏينھان رم ني.

ھي ٿورڙا اشارا آھن جيڪي سرمستي ڪلام ۾ ھيئت ۽ معنيٰ بابت آھن. ھونئن سڄل سرمست جي ڪلام جون صوري ۽ معنوي خوبيون گھڻيون آھن.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجي (26 نومبر 1935ع- 12 جولاءِ 2011ع) جو قلم سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت لاءِ هميشه تازو توانو رهيو. ادبيات سان لڳاپو رکندڙ سيئي موضوع سندس شوق ۽ دلچسپيءَ وارا هئا. انهن ۾ ڪلاسيڪي شاعري جو ذوق به انتهائي هو. لطيف شناسي ۽ سچل شناسي جو پڻ گهرو اڀياس حاصل هو. چاڪاڻ ته تصوف ۾ وحدت الوجودي فڪر جي اثر سبب درد ۽ سور جي سمجهه ۽ حاصلات لاءِ سندس پنهنجو وجود به وقف ڪيل هو. سنجيدگي، ماڻار ۽ خاموشي، مزاج جي سڃاڻپ هئي ۽ شاهه ڪريم جي قول: "مٺ پيڙهائي پلي، جي اپٽي ته واءُ" جي پابندي ڪندڙ هو. پنهنجو مشاهدو پنهنجي ذات ۽ صفات تائين، باقي ٻي ڪي پنهنجي مشاهدي سان منزل ڏي وڌڻ جي تلقين ڪندو. ڳجهه ڳجهاندر ئي رهندو نه عام کي مار نه پَرَ پچار!

ڊاڪٽر صاحب کي سچل جي ڪلام ۾ "درد جي شدت" ۽ "توڙ رواجون رسمون ساريون" جي فلسفي سان خاص رغبت هئي. موسيقيت جي ماهر هئڻ سبب ڪلام جي ٻولي، اظهار مقصديت ۽ موسيقيءَ جو لطف حاصل ڪرڻ ۽ روح کي ريجهائڻ لاءِ پنهنجي به اندر جو ترجمان پائيندو ۽ پيو الاپيندو هو. سندس اهو ڪيف ڏسڻ وٽان هو ۽ ان ڪيف ۾ ساهه پساهه جي سرمستي جو شديد احساس ٿيندو هو.

ربّ سندس مرقد مبارڪ کي رحمتن سان سرشار ڪري. وفات کان پوءِ سنڌ هڪ اعليٰ استاد، اديب، محقق ۽ صوفي منش مرد کان محروم ٿي ويئي آهي. جس هجي "مهراڻ اڪيڈمي" شڪارپور جي منتظمين کي جن هنن عالمن جي علم مان اسان کي استفاده ڪرڻ لاءِ سندس تصنيفن جي اشاعت عمل ۾ آڻيندا رهن ٿا.

پروفيسر انور فگار هڪڙو

Rs.350

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.